نيپال

پڳوانن جي پونءِ

در ابڙو

ڀڳوانن جي ڀونءِ

نيپال

سفرنامو

بدر ابڙو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1996ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻہ سئو ٻہ

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
پهريون ايڊيشن	جولاءِ 1996ع
قيمت	[redacted]/- رپيا

NEW FIELDS HYDERABAD 150

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

BHAGWANAN JEE BHOON (Travelogue of Nepal) By: BADAR ABRO
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition July 1996.
Price Per Copy Rs. [redacted]/-
Book No. 202

اي پڳوان

تنهنجي ڌرتيءَ تي پڪڙيل هيءَ ساوا جبل، هيءَ ماتريون، هي گيت، گل ٻوٽا، درياهہ ۽ جهرڻا، ڪيڏا نہ سهڻا آهن. تنهنجي هيءَ ڪتاب ڪيڏو نہ صاف سٿرو ۽ دلڪش آهي. پر........

هيءَ انگ اگهاڙا ماڻهو، هيءَ غربت، هيءَ بک ۽ بيماري.!

ڇا اهو سڀ ڪجهہ تنهنجي سهڻي ڪتاب ۾ پروف جون غلطيون آهن؟

(پنجابي شاعر)

ڪهاڻيءَ ڪهاڻيءَ چوڻيءَ چوڻي
ڪو نہ ڪو ڀڳوان
تنھنجو منھنجو جيون پوءِ ڀي
درد ڀريو نيپال
مان پرديسي سنڌي ماڻھو
ڪھڙا ويھي ڏڪڙا اوريان؟
"ڪرشن،" "ڪالي،" "سوير ڀو"،
"شوا،" "شنڪر،" "ٻڌا ناٿ"
ڪير ٻڌي تو دل جون ڳالهيون
ڪير ڏئي تو ڪنھنجو ساٿ
دل چوي ٿي
ڀڳوانن جي ڀونءِ تي ايري
هاڻي ڪوئي ماڻھو ناٿ

فهرست

ڀڳوانن جي پوڄه	١١
هوائي اڏو	١۴
ڪسٽر	١٧
ڪٺمنڊو وادي	١٨
ڪي پراڻا شهر	٢٠
ڀڳت پور	٢١
هڪ راڻي جيڪا پاڻيءَ تي هلندي هئي	٢٣
دولي خيل	٢٦
قديم ترين شاعرن جا ماڳ	٣١
جنڪ پور	٣٣
ٻڌ جا تيرٿ آستان	٣۵
ديوين	۴١
جيٺري ديوي	۴٨
بنگامتي	۵٢
چڙماسو	۵۵
اندرياترا	۵٧
رتو مڇندر ناٿ	٦٢
ناگا پنجمي	٦٦
اولو ڪيتيسورا	٦٧
جٺيو پورڻما	٦٩
گوسائن ڪُنڊ	٧٢

ٿ.. راتڙي ۷۵
پسو پتي ناٿ مندر ۷۹
هندو ۽ ٻڌ ۸۸
سويمڀو ناٿ ۸۹
پولڙا ۹۳
تيج - عورتن جو ميلو ۹۶
ڪرشن اوتار ۱۰۰
ڪرشن ڪٽمنڊو ۾ ۱۰۳
پيمسين واپار جو ديوتا ٿي ويو ۱۰۴
تبت کان آيل مهاجرن جو ڇا ٿيو؟ ۱۰۵
ڀڳوانن سان ڏاڍو مڙسي ۱۰۶
شينهن/ بت تراشيءَ جو فن ۱۰۷
ڪاٺ جي اُڪر ۱۱۰
نيپالي پنڊ پهڻ - شالي گرام ۱۱۲
شاهي محل ۱۱۴
سنگهرالي ۱۱۷
عجائب گهر ۾ مورتيون ۱۲۰
نيشنل پارڪ ۱۲۲
ڪنسينو نيپال ۱۲۵
هوٽلن ۾ ۱۲۸
ڪتاب ۱۲۹
ٽرانسپورٽ / رڪشا ٽيڪسي ۱۳۱
عورت ۱۳۴
سلوار قميص ۱۳۶
صحت ۽ عوام ۱۳۷
سياسي پيچ ڌاهر ۱۴۰
صحافت جي صورتحال ۱۴۵
ادبي تاريخ ۱۴۹
ريڊيو نيپال ۱۵۳
ماحولياتي صحافت ۱۵۶

ماڻھو ۽ پيلو	١٥٨
نيپال جي معاشيات	١٦٣
آدمشماري ۽ مسئلا	١٦٥
ماڻھو	١٧٠
گورکن جو ديس - پوکرا	١٧١
نيوار لوک	١٧٣
نيپال جون نديون	١٧٨
هماليہ	١٧٩
هوٽل هماليہ	١٨١
ايورسٽ چوٽي	١٨٢
واپسي سفر	١٨٥
نيپال جي سياسي تاريخ	١٨٧
اقتصادي جائزو	١٩٣

پـڳـوانـن جي پـونءِ

پڳوانن جي پوڻ ۽ - (نيپال)

گوتم ٻڌ جي جنم پوڻ ۽ "نيپال" ايڏو سهڻو ملڪ هوندو! مون ڪڏهن سوچيو به نه هو. مونکي هميشه ايئن لڳو آهي ته مان گوتم جي انهن وچڙيل ساٿين مان آهيان جن کي مهاتما ٻڌ جي فلسفي سان پيار جي سزا ۾ هاٿي ۽ جي پيرن هيٺان چيپاڻي ماريو ويو هو. ڇا ٻئي جنم جي فلسفي ۾ ڪا سچائي ٿي سگهي ٿي؟ شايد اها پيار جي ڪا حد آهي جو ماڻهو پاڻ کي ڪنهن صفت سان جنم جنم ۾ ڳنڍڻ گهري ٿو. ڇا نيپال جي ڌرتي ۽ ۾ سچ پچ ايڏي ڇڪ آهي جو مان بنا ڪنهن پروگرام جي اوچتو ئي اوچتو وڃي اتي پهتس؟ ڇا اهو گوتم ٻڌ سان پيار هو جنهن جي موٽ ملي هئي؟ يا ماڳهين اها جرنلسٽس فائونڊيشن آف ايشيا جي ضرورت هئي جنهن ڏکڻ ايشيا جي ملڪن مان صحافي چونڊي انهن کي آبادي ۽ ترقي ۽ بابت رپورٽنگ تي ورڪشاپ ۾ اڙايو. ڪجهه به هجي، نيپال ڏاڍو سهڻو ملڪ آهي پر اها سونهن پنهنجي اندر ۾ اهي ڏک اجا تائين سانديو پئي اچي جن گوتم ٻڌ کان تخت ۽ تاج تان هٿ کڻايو هو.

کٽمندو ۾ هنڌ هنڌ مندر ۽ اسٽوپا آهن، جيئرا جاڳندا. مون هن کان اڳ سنڌ ۾ جيئرا مندر ضرور ڏٺا هئا پر اسٽوپا نه. سنڌ ۾ هنڌين ماڳين موجود دڙن ۽ ٿلهن تي اسٽوپائن جا کنڊر موجود آهن. انهن کنڊرن مان لڌل ٻڌ جون مورتيون، راڪاسن جون منڊيون ۽ آرائشي سرون مونکي منڊ کان ئي ڏاڍيون پراسرار لڳيون، خاص ڪري ٻڌ جي رک جا قصا. ٻڌ جي رک

جيڪا هر اسٽوپا جي مرڪز ۾ هئڻ لازمي آهي. اها رک ٺڪر جي ٿانءَ ۾ رکي ٿي وئي پر ايئن به ٿيو آهي ته اها رک هڪ سوني دٻليءَ ۾ وجهي پوءِ اها دٻلي ٺڪر جي لوٽيءَ ۾ رکي ٿي وئي. شايد انڪري ته ماڻهوءَ جي مٽي توڙي ٺڪر جو ڌرتيءَ سان سڌو رشتو آهي.

پي ڪي ٢٦٤ نيڪ پوڻي اٺين لڳي صبح جو ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تان اڏامڻو هو پر سواءِ اٺين لڳي اڏاڻو. صرف انڪري ته ٽي مسافر بورڊنگ ڪارڊ وٺڻ ڪانپوءِ گم ٿي ويا هئا. ٻه عورتون ۽ هڪ مرد. اهي ماڻهو پاڪستاني ڪو نه هئا. سڄي دنيا جو ساڳيو حال آهي. آي ـ ٣٠٠ ميڪ جو هيءَ جهاز ساڍا آٺ هزار ميٽر جي بلنديءَ تان اڏامندو ٻه ڪلاڪ ٣٥ منٽن ۾ ڪراچيءَ کان ڪٽمنڊو پهچڻو هو. ڪراچيءَ کان ڪٽمنڊو جو مفاصلو اٽڪل ٢٧٥٠ ڪلوميٽر هوندو.

اڏامڻ کان اڳ ۾ جهاز جا ڦيٿا چرڻ مهل جهاز جي ڪپتان اردو ۽ انگريزيءَ ۾ اعلان ڪيو ته هاڻي سفر جي اها دعا پڙهي ويندي جيڪا نبي سڳورو سفر شروع ڪرڻ کان اڳ پڙهڻ پسند ڪندو هو. گهڻن مسافرن اڪيون ٻوٽي اها ئي دعا چپن ئي چپن ۾ ورجائي.

جهاز اڏاڻو ۽ منٽن ۾ ڪارن ڪڪرن جي نرم ۽ ٿلهي تهه کي چيريندو ڪڪرن جي هُن پار نڪري آيو. مٽي گرميءَ جو درجو ڪاٽو ڇهه درجا هو ۽ هيٺ جو منظر بالڪل ايئن هو جيئن اسان زمين تان آڪميل آسمان ڏسندا آهيون. زمين تان ڪڪر ڏسڻ مهل ڳاٽ ڪٽي ڏسڻو پوندو آهي پر ماڻهوءَ اهو ممڪن ڪيو آهي جو ڪڪرن کي پيرن هيٺان به ڏسي سگهي ٿو.

هندو ڌند ڪتابن ۾ اڪثر ديوتائن جا آستانا آڪاس ۾ ڪڪرن تي ڄاڻايا ويا آهن. اسان پاڪستان کان نيپال تائين ڏين جي ڏٺن ۽ ڪجهه جي وڏن ڪلن جهڙا ڪيئي ڪڪر ڏٺا پر ڪنهن به ڪڪر تي ڪو پکوان نظر نه آيو.

جهاز جهڙ جا ٿهه چيريندو مٿي چڙهيو ته جهاز هلڪڙا لوڏا ڪاڏا پر پوءِ هوا ۾ ايئن لس ترڻ لڳو جيئن ڍنڍ جي بيٺل ۽ بي موج پاڻيءَ تي ٻيڙي اڪتي وڌندي آهي. جهاز ڪراچيءَ کان مسافرن کي پنهنجي پيٽ ۾ کڻي اتر اوڀر رخ ۾ سفر شروع ڪيو هو. مون دريءَ کان ٻاهر ڏٺو، هڪ ٻيو جهاز ٻئي رخ ۾ سفر ڪري رهيو هو. هي هيڏا سارا جبل جيڏا لوهي پکي انهن ديومالائي پکين کان ٻه وڏا ۽ حيرت جهڙا آهن جيڪي پکوانن جون سواريون سمجهيا ويندا آهن. جڏهن انسان جي ذهن وشنو پکوان جي سواريءَ لاءِ گرڙ پکيءَ جو تصور آندو تڏهن جنهن جهاز جو تصور هو سو ڪنهن اڏامندڙ تخت کان وڌيڪ ڪو نه هو يا وڌ ۾ وڌ اهو وِمان سوچي سگهجي ٿو جيڪو رامائڻ ۾ راوڻ وٽ هو يا وري سوريه ديوتا جو آسماني رٿ ٿي سگهي ٿو.

جهاز ڪراچيءَ کان اڏاٽو ۽ نوابشاهه، رحيم يار خان کان ٿيندو ڀارت جي هوائن مان اڏاٽو ۽ پوءِ دهلي ۽ لکنوءَ جي شهرن مٿان لنگهي گنگا ۽ جمنا جون پوتر واديون اڪري کٽمنڊو جي سونهن ڀري واديءَ ۾ داخل ٿيو. سڄي واٽ ڪڪرن جو ٿلهو ٿهه اسان جي نظرن ۽ زمين جي وچ ۾ رنڊڪ بڻيو رهيو. ڪٿي ڪٿي اسان زمين ڏسي ٿي سگهيا سين. اسان دهليءَ جو شهر ايئن ڏٺو جيئن اتانهين پرواز ڪندڙ عقاب ڏسندا هوندا.

هوائي جهاز ۾ هوائي اسٽاف مسافرن کي اخبارون ڏنيون. جنگ، جسارت، ڊان، سنڌ ايڪسپريس، هلال پاڪستان، مهراڻ ۽ مارننگ نيوز. شايد ٻيون اخبارون خريد ڪرڻ سان پي آءِ اي شديد مالي بحران ۾ ڦاسجي وڃي ها. مالي نه سهي نظرياتي بحران سهي. ڪنهن نه ڪنهن بحران ۾ ضرور ڦاسجي ها! هلال پاڪستان ۾ هڪ خبر لڪيل هئي جنهن جي وڏي اهميت ان ڪري محسوس پئي ٿي جو اسان نيپال جي سفر تي هئاسون. خبر موجب يونان جي بادشاهه چيو آهي ته بادشاهت بهترين طرز حڪومت ناهي ۽ هو سوچي رهيو آهي ته ملڪ ۾ جمهوري سڌارا آڻي. يونان جو بادشاهه

جکھي سنکھي وانگ چِٽ آهي. نيپال ۾ به بادشاهت آهي. نيپال جو بادشاهه ڇا ٿو سوچي؟ هن اهڙو کو بيان ته جاري نه ڪيو آهي البت ڪجهه وقت اڳ پراڻي پنچائتي سرشتي مان جند ڇڏائي نيپالي عوام خود بادشاهه کي تازي هوا پهچائي آهي. نيپال ۾ هن وقت ڪانگريس جي حڪومت آهي جيڪا روحاني طرح پارٽي ڪانگريس سان ڳنڍيل آهي.

اسان سنڌو ماتريءَ مان تير وانگر ڪڪرن کي چيري نڪري وياسون ۽ مقرر وقت تي وري ڪڪرن جو تهه چيري ڪٽمنڊو واديءَ ۾ لٿاسون. هر شئي ڏوتل پوتل، ساوڪ اهڙي جو عمارتن ۾ استعمال ٿيل ڳاڙهين سرن مان به ساوڪ ڦٽي نڪتي هئي.

هوائي اڏو

هوائي اڏي جي عمارت ڏاڍي سهڻي آهي. ڳاڙهيون سرون پنهنجي رنگت سان ماحول کي رنگين ڪري رهيون هيون. سامهون عمارت ۾ ڪاٺ تي ٿيل اکر جو سهڻو ڪم ڏسي منهنجي ذهن جي پڙدي تي شڪارپور تري آيو. نيپالي اکر جو ڪم شڪارپور واري اکر کان گهڻو سهڻو آهي، پنهنجي وچ ۾ کو مقابلو ناهي. ڪاٺ تي اڪريل ديو مالائي ڪردار ڏسي ذهن جي پردي تي هڪ ٻي تصوير ايري آئي. اهو ديومالائي ڪردار جهرڪن لڳ ڦٽل اسٽوپا مان لڌل راڪاس جي شبيهه سان ڪيڏو نه ملندڙ هو!

ڪٽمنڊو جو ترِي ڀَون هوائي اڏو واهه جو سهڻو آهي، هوائي اڏي جي اڏاوت جو ڪم شهري هوا بازيءَ واري کاتي جي هدايتن تي ڪئناڊا جي هڪ ڪمپنيءَ ڪيو آهي. هوائي اڏي جي عمارت مڪمل طور تي جديد هئڻ جي باوجود اِن جي ڏِک نيپالي ثقافت موجب آهي. عمارت ڳاڙهين سرن جي ٺهيل آهي هنڌ هنڌ ڪنهڙن ۽ دروازن تي نيپالي طرز جي شاندار اکر آهي. جهاز

مان لهڻ شرط ايئن ٿو لڳي ته ماڻهو ڇٽڪ ڪنهن ميوزم ۾ کهڙي رهيو آهي. ڪاش ڪراچيءَ جو هوائي اڏو به سنڌ جي ثقافت جو ڪو اولڙو پيش ڪري سگهي ها!

راڪاس جي اها شبيهه مونکي" ماجيران جي ماڙي" نالي ٻڌ اسٽوپا ڪنڊر تان نومبر ١٩٨٩ ۾ ان مهل ملي هئي جڏهن اسان سنڌوءَ جي مهم واري سفر جي پڄاڻيءَ وقت جهرڪن وٽان لنگهيا هئاسون. اسان سنڌ ۾ جن ماڳن جا ڪنڊر ڏٺا يا جن شين کي ڏتڙيل حالت ۾ ڏٺو، اهي شيون نيپال ۾ اسان جي اڏو جيئري حالت ۾ هيون. پر نيپال ۾ جنهن ڳالهه مونکي ڏکويو سا هئي ٻوڏين لاءِ ڏاريائپ جهڙو اظهار. ٻهرين ٿي ڏينهن جڏهن ٻن چئن ماڻهن کان پڇيو ويو ته ڇا هو ٻڌ آهن ته هنن نه رڳو ابهرائيءَ ۾ انڪار ڪيو پر اها وضاحت ڪرڻ ضروري ٿي سمجهيائون ته جبل (ٻهراڙيءَ) ۾ ڪي ڪي ماڻهو اڃا به ٻڌ آهن. اها صورتحال مڪمل طور تي سچي نه هئي. شهر ۾ به چڱا خاصا ٻوڏي هئا ۽ ٻهراڙين ۾ به چڱي خاصي آبادي هئي. نيپال ۾ اڪثريت هندن جي آهي جو ته اهي شهرن ۾ آهن ۽ شهرن ڏانهن ٻارت کان چڱي وقت کان لڏ پلاڻ جاري آهي. اهو سلسلو ڪجهه سالن جو نه پر تاريخ جي ڊگهي وهڪري ۾ موجود آهي. هتي عيسائي ۽ مسلمان به آهن. گرجا گهر به آهي ۽ ٻه ٽي مسجدون به آهن. ٻهرين ڏينهن تي اسان ڪي شهرين ٻڌايو ته هتي ٽي عبادت گاهون ڏسڻ وٽان آهن. هڪ سوايم ڀُو اسٽوپا، ٻيو پسو پتي نات مندر ۽ ٽيون پاتن ۾ ڪرشن مندر. سوايم ڀُو معنيٰ "پاڻهي ظاهر ٿيل" ۽ پسو پتي معنيٰ "مخلوق جو ابو." اهو شو مهاديو جو لقب آهي.

اسان کي هوائي اڏي تان هوٽل شنگريلا آندو ويو جيڪا شهر جي ڪجهه پاسيري حصي ۾، ۽ ڏاڍي پرسڪون هوٽل آهي. هوائي اڏي تي ملندڙ ٻئي ميزبان اتساهيندڙ ثابت ٿيا. اول ته مسٽر پارت ڪوئيرالا هو جيڪو نيپال ۾ پريس فائونڊيشن جو ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر آهي. هو صاحب

ڪجهه مهينا اڳ پاڪستان اچي چڪو آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ اي پي بي، ڊان ۽ ڪنهن ٻي اخبار جي آفيس ڏٺي هئائين. ڄامشوري ۾ ٽيل پروگرام ۾ ٻه سندس سهڪار هو. ٻي شخصيت هڪ نوجوان نيپالي ڇوڪري هئي، جنهن ٻڌايو ته هن صحافت ۾ پي ايچ ڊي ڪئي آهي. اسان جي ٽيم جي هڪ ميمبر تهمينه احمد جيڪا ڪراچيءَ مان نڪرندڙ ماهوار انگريزي رسالي "نيوز لائين" ۾ ڪم ڪندي آهي، هڪدم سوال ڪيو ته ڇا مونکي پاڪستان ۾ ڪو به ماڻهو صحافت ۾ پي ايچ ڊي سُجهي؟ اسان ڪي ڪو به ياد نه آيو. هن ڇوڪريءَ جنهن جو نالو گيتا آهي، لينن گراڊ مان نومبر ۱۹۹۰ ۾ پنهنجي ڊگري ورتي آهي. ڪيس ۹ سال اسڪالر شپ تي اماڻيو ويو هو. هوءَ اڄڪلهه نيپال پريس فائونڊيشن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. ٻئي ميزبان هوائي اڏي تي ترسي پيا ڇو ته ڪجهه ٻين اڏامن ذريعي پارت ۽ بنگلاديش کان مهمان اچڻا هئا. اسان هوٽل شنگريلا تائين پهچندي پهچندي اڌ شهر نظر مان ڪڍي وياسون.

فٽ پاٿن تي ماڻهن جي رونق چڱي خاصي هئي پر ماڻهن جا چهرا غربت سبب نڍال ۽ ٿڪل هئا. سندن چال ۾ تازگي ۽ ڦڙتي نه هئي، هو شهري نه پر مسافر پئي لڳا. کٽمنڊو جو هر گهر ڳاڙهين سرن جو آهي. سيمنٽ جو استعمال به ساڳي طرح آهي پر لاڳيتين برساتن هر گهر کي اڌمئو ڪري ڇڏيو آهي. راجا جي محل، سندس پاءُ جي محل، ڪجهه مکيه سرڪاري عمارتن ۽ هوٽلن کانسواءِ باقي هر گهر ۽ دڪان جو ڪو نه ڪو حصو جهريل نظر آيو. جاين جي ٻاهرين حالت مان ائين ٿي لڳو ته ڄڻ جاين جا مالڪ انهن جاين جي مرمت ڪري نڪري ٿڪجي پيا آهن يا وري ڪجهه عرصي کان گهر ڇڏي نڪري ويا آهن. نيپال جي جاين مان نيپال جي غربت ٻڪي ٿي. مونکي پهرين نظر ۾ نيپال ٿڪل ۽ ساٿو ملڪ لڳو. هڪ اهڙي ٿڪاوٽ جيڪا سانجهيءَ ويل اهڙي پورهيت جي چهري تي هوندي آهي جنهن کي سڄي ڏينهن جي گڏهه مزدوريءَ کان پوءِ مس ڪي

پ چار سکا تريءَ تي مليا هجن. هڪ اهڙو ٽڪ جيڪو صدين پر به نه لهي ۽ ان ٽڪ جي ايتري اجرت جو مزدور وهايل پگهر جيترو صاف پاڻي به خريد ڪري نه سگهي.

هوڏانهن، ڪٺمنڊو ريڊيو اهو پڌائي رهيو آهي ته عالمي بينڪ سڄي نيپال ۾ ڪٺمنڊو جي پرپاسي پر رستن ۾ روڊن جي تعمير پر ڪيڏو سهڪار ڪري رهي آهي ۽ ڪيترو بجٽ ڏنو ويو آهي. عالمي بينڪ جو ڪردار ڇا آهي؟ ان تي هاڻي ڪنهن تبصري جي ضرورت نه بچي آهي.

ڪسٽم:

ڪسٽم جو عملو به روايتي شاهينگ نڪتو. نيپالي حڪومت سياحت جي واڌاري لاءِ جيترين ڪوششون ڪري رهي هوندي، نيپالي ڪسٽم وارا پنهنجي رويي سان انهن سيني ڪوشش ڪي هڪ ترِي هٽيو ڇڏين. اسان پڌو هو ته نيپال پر چرس، آفيم، گانجو ۽ اهڙو پيو نشو عام آهي، جيڪو هتان سمگل ٿي ٻاهر وڃي ٿو، تنهن ڪري هر هوائي اڏي تي نيپال کان آيل مسافرن جي تلاشي پاڪستان کان آيل مسافرن کان به وڌيڪ سختيءَ سان ورتي ويندي آهي. پر اسان کي ان مهل ڏاڍي حيرت ٿي جڏهن ڏٺو سون ته ڪي انگريز سياح ڪسٽم وارن آڏو بنهه روئنهارڪا ٿي پيا هئا. ڪسٽم جي ننڍن عملدارن سياحن جي ڪئمپنگ واري سڄي سامان جا آنڊا ۾ ڳجيون ڪڍي ڇڏيون هيون پر پوءِ به ڪين ڪجهه به سمجهه پر نه ٿي آيو. ڪسٽم جي پڇري پر قاتل يورپي جوڙي نيپالي عملدار کي سمجهائڻ جا وڏا وس ڪيا ته پيلي هي سامان اسڪيٽنگ جو آهي. ڪسٽم وارن کي اچا به سمجهه پر نه آيو ته اشاري سان اسڪيٽنگ جا ايڪشن هٽي ڏيکاريائون پر همراهه به بنهه پاڪستاني سپاهي نڪتو، چوي "سامان جا پيا آنڊا به ٻاهر ڪڍ." هڪ هڪ شئي کولي ڏنائين. جا تي ڏنائين؟ اها خبر

خدا ڪي! ڪسٽر، ايميگريشن ۽ فارن ايڪسچينج ڪائونٽرن مان جند ڇڏائيندي ڇڏائيندي اڌ پهر لنگهي ويو.

شنگريلا هوٽل جي ڪچ ۾ هٿ جي هنرن جو دڪان آهي. سندس مالڪ پريو نارائڻ ۽ ٽپندر پرساد يادو ونسي آهن. چندر ونسي نسل جا هي ماٺهو پاڻ کي گوپال ونسي سڏائين ٿا. سندن وڏا شري ڪرشن سان ڪنهن زماني ۾ هتي آيا ۽ رهجي ويا. هيءُ اصل ڪٽمنڊو جا به ناهن. نيپال جي ڪنهن ٻئي حصي مان ڪٽمنڊو ۾ واپار ڪرڻ لاءِ لڏي آيا آهن. مان سوچيان ٿو ته انهن ڀائرن سان سنگت رکي، ڪاٺمنڊو هتان جي روايتن بابت ابتدائي معلومات وٺي ڇڏجي.

ڪٽمنڊو وادي

هوٽل جي دريءَ مان ڪو به جبل ۽ ڪو به گهر نظر نٿو اچي. ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ چؤطرف پري پري تائين جبلن جي ديوان نظر اچي ٿي. ويجهو ئي اولهه ۾ جبل جي هڪ چوٽيءَ جو نالو ناگرجون Nagarjun آهي. ان چوٽيءَ جو مقامي نيواري ٻوليءَ ۾ نالو دمنچا (Damancha) آهي.

ڪٽمنڊو هڪ وادي آهي، جنهن ۾ ٽي شهر آهن، ڪٽمنڊو، پاٽن ۽ ڀڪت پور. هن واديءَ جي چئني طرفن کان اوچا جبل آهن. فقط هڪ پاسي کان ڪٽمنڊو جي ندين جو نيڪال آهي جيڪي پوءِ نيپال جي ميداني علائقي کان ٿينديون گنگا ۾ پون ٿيون ۽ بنگلاديش کان ٿينديون بنگال جي اپسمنڊ ۾ پاڻي ڪيرائين ٿيون.

ڪٺمنڊو جي وادي ڪيئن وجود ۾ آئي؟ ان بابت هڪ ڏاڍي دلچسپ ڪٿا آهي. ڪٿا موجب:

ڪٺمنڊو واري وادي شروع ۾ وشال ڍنڍ هئي. فقط اها جاءِ پاڻيءَ کان ٻاهر ڀيٽ جي صورت ۾ نڪتل هئي جتي هاڻي سويمڀو اسٽوپا آهي. ڪٿا موجب هڪ رشي يا مني جنهن جو نالي "ني Ne" هو، هتي آيو ۽ هن ڏکڻ طرف جبل تکي پاڻي وهائي ڇڏيو. اڄ ڪلهه ڏکڻ واري ان ئي لنگهه مان ڪٺمنڊو جون نديون پاڻي نيڪال ڪنديون آهن. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو ٻه رستو ناهي. اهو ئي رشي "ني" هو جنهن جي نالي جي پويان "نيپال" جو ملڪ سڏيو ويو.

ڪٿا ٻڌائڻ واري نياليءَ وشال (وڏي يا وسيع) کي بشال پڻ چيو ۽ ڍنڍ جي بدران لفظ "تال" پڻ استعمال ڪيائين جيڪو سنڌيءَ ۾ "تلاءُ" آهي.

هنومان ڍوڪا

کٽمنڊو جي لفظي ترڪيب بہ ڏاڍي دلچسپ آهي. هيءُ ٻہ اکر آهن ڪاشٽ + منڊپ. ڪاشٽ معنيٰ ڪاٺ ۽ منڊپ معنيٰ گهر يا ڇت. منڊپ جي سنڌي شڪل "منڊل" آهي ۽ ان جي ٿي اسپيني ۽ فرانسيسي شڪل "منڊل" Mundel آهي. انگريزي کٽمنڊو جو حقيقي اچار ڪاٺ منڊپ يا ڪاٺ منڊو آهي، يعني " ڪاٺ جو گهر".

وڏيڪ پڇا ڪرڻ تي پتو پيو تہ ڪاٺ جو اهو گهر جنهن تان اهو نالو هليو پيو آهي، اصل ۾ هاٽوڪي "هنومان ڍوڪا" ماڳ تي اهو ڪاشٽ منڊپ هو جيڪو هڪ وڏي وڻ ڪي گهڙي ٺاهيو ويو هو. ڪاريگرن ڏاڍي مهارت سان اهو وڻ چلي هڪ مندر ٺاهيو هو. هنومان ڍوڪا نيپالي راجائن جي اڳوڻي محل جي دروازي وٽ قائم آهي. هاٽي هتي هنومان جي مورتي رکيل آهي.

ڪي پراڻا شهر

کٽمنڊو جي ڏکڻ ۾ ۽ ٻاڳمتي نديءَ جي هن پار شهر جو نالو پاٽن (Patan) آهي. پاٽن جو پراڻو نالو لليت پور Lalitpur هو. اڳوڻي توڙي هاڻوڪي نالي پٺيان ڪهڙو راز آهي؟ اهو تہ معلوم ٿي نہ سگهيو البتہ هتي اها ڳالهہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي تہ جڏهن کٽمنڊو، لليت پور ۽ ڀڳت پور هڪ بادشاهيءَ هيٺ نہ هئا ۽ کٽمنڊو جي بادشاهہ باقي شهرن کي اڃا فتح نہ ڪيو هو تڏهن اڄوڪي پاٽن واري شهر ۾ هڪ شهزادي رهندي هئي جيڪا ٺنهي شهرن جي سيني ڇوڪرين کان وڌيڪ سهڻي هئي. ان شهزاديءَ کي

لليت تريپورهہ سندري سڏيو ٿي ويو. تري پورهہ معنيٰ ٽئي شهر.

کٽمنڊو جو نالو جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿيو آهي تہ ڪاشٽ منڊپ مان ٿيو آهي، ان جو اڳوڻو نالو ڪانتي پور هو.

ٽيون شهر ڀڳت پور ٽنهي ۾ سڀ کان پراڻو شهر آهي. ان جو پراڻو نالو ياد گائون Bhad Gaoon آهي.

ڀڳت پور

کٽمنڊو ماٿريءَ مٿان اوڀر طرف ٻاهر نڪرڻ کان اڳ ڀڳت پور اچي ٿو. ڀڳت پور کٽمنڊو جو ئي هڪ حصو سمجهيو وڃي ٿو. پر اصل ۾ اهو هڪ جدا شهر آهي. هڪ هزار سال پراڻو شهر جنهن ۾ نئين زماني جي مداخلت ڇڳي خاصي وڌي وئي آهي. پر ان جي باوجود ڀڳت پور جو ماضي هزار سالن جي عمر واري پيرسن وانگر پراڻي ڀڳت پور ۾ گهمندو ڦرندو



ڀڳت پور جي هڪ دريءَ ۾ ڇهہ سؤ سال اڳ اُڪريل مور

محسوس ڪري سگهجي ٿو.

جيڪو ماٺو قديم نيپالي اڏاوتون ڏسڻ گهري، اهو هي شهر ضرور ڏسي. ڀڳت پور جي مکيہ شاهراه تان ٿي اتر طرف شهر جي چوٽيءَ تي عمارتن جي مٿان هڪ وڏو پگوڊا ڪر کڻي ڏسندو نظر ايندو. ان پگوڊا جو نالو "نيا تپول" آهي جنهن جي معنيٰ آهي پنجن تهن يا ڇتين وارو. "نيا" نيواري ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي پنج.

ڀڳت پور ڪانپوء اها مختصر واٽ آهي جنهن کي مقامي ٻوليءَ ۾ "باٽو" چئبجي ٿو. نيپاليءَ ۾ "باٽو" (سنڌيءَ ۾ واٽ) رستي کي چئجي ٿو. هن واٽ جي پاسي کان برساتي نالو لنگهي ٿو. اها واٽ وڻبي تہ پاڻ کي ڪنمنڊو واري پيالي جهڙي ماٿريءَ جي ڪنين تي چڙهندو محسوس ڪبو. هن علائقي جو نالو برساتي ڍوري سبب "نالہ" آهي. هيءَ هڪ قسم جو لڪ آهي پر لڪ لاء هتي هڪ ٻيو لفظ استعمال ٿئي ٿو "گلشي" (Galchhi) پر گلشيءَ لاء ٻنهي پاسن کان جبل جو هئڻ ضروري آهي. اهو ئي لفظ اسان وٽ ڪوهہ مريءَ واري پاسي "گلي" جي طور تي استعمال ٿئي ٿو.

هڪ راڻي جيڪا پاڻي تي هلندي هئي

کٽمنڊو جي واديءَ ۾ موجوده شهر ڀڳت پور ڪنهن زماني ۾ هڪ جدا رياست هئي جنهن تي هڪ طاقتور ۽ خودمختيار بادشاهه جي حڪومت هئي. اڄڪلهه شهر جا پراڻا حصا ان جهوني رياست جا بچيل اهڃاڻ آهن. ڇڙ ڦير پراڻا محل ۽ مندر آهن ۽ انهن پٽيان بي حد دلچسپ ڏند ڪٿائون پڻ آهن جيڪي تڏهوڪن ڪنڊر نما مڪانن ۽ گهٽين جي حدن مان نڪري هاڻي پري پري تائين پکڙجي ويون آهن.



شهر جو ايرندو حصو اصل ڀڳت پور هو جنهن ۾ پهريون بادشاهي محل هو. شهر جي اتر ڪنڊ ۾ اهو وڏو تلاءُ هو جنهن کي ”ڪمل بنياڪ“ چيو ويندو هو. ڪمل معنيٰ ڪنول جو گل ۽ بنياڪ اصل ۾ گڻيش ديوتا جو ٻيو نالو آهي. اهو ديوتا جنهن جو ڌڙ انساني ۽ منڍي هاٿيءَ جي آهي، پاڳ جو ديوتا سمجهيو ويندو هو. ماڻهو هن تلاءُ تي وهنجڻ ايندا آهن ۽ تلاءُ جي ٻن ڪنارن تي موجود وڻن جي ڇانو ۾ آرام ڪندا آهن ۽ گڻيش جي بت آڏو پيٽا رکندا آهن. گڻيش جو بت تلاءُ جي ڪناري تي ئي موجود آهي پر ديوتا جي منڍي ڀڳل آهي.

ڀڳوان جي ڀڳل منڍيءَ جي پويان هڪ ڏاڍي خوبصورت ڏند ڪٿا آهي. پر تلاءُ جي هاڻوڪي حالت ڏند ڪٿا جي سونهن کي سنڀالڻ جي لائق ناهي. مينهون تلاءُ ۾ تڙڳنديون نظر اينديون. عورتون تلاءُ جي ڏاڪڻين تي ڪپڙا ڌوئين ۽ ويجهوئي موجود اسٽوپائن تي ڪپڙا سڪائين ٿيون. ان ڪانسواءِ ڪاري رنگ جي مقامي روايتي ساڙهي پهريل ڇوڪريون هتي اَن ڌوئينديون ۽ سڪائينديون نظر اينديون. خبر ناهي ته ڇو جڏهن مون ڪٿيءَ جهڙي ڪاري لباس ۾ ڪهمنڊڙ ڦرنڊڙ نيواري عورتون ڏٺيون، تڏهن مونکي ٿر جون ريباڙي عورتون ياد اچي ويون.

ڳهٽو ڳهٽو اڳي جي ڳالهه آهي ته هن شهر جي هڪ راڻيءَ جو وزن صرف هڪ تولو هو تنهنڪري ڪيس تولا راڻي چيو ويندو هو. راڻي هر روز صبح جو سوير تلاءُ تي وهنجڻ ايندي هئي. وهنجڻ ڪانپوءِ هوءَ تلاءُ ۾ ڪنول جي پنن تان هلندي تلاءُ جو سڀ کان سهڻو ڪنول گل پٽي گڻيش کي پيٽا ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن تولا راڻيءَ تلاءُ تان واپسيءَ مهل هڪ عورت ڏٺي جنهن کي سهڻو وڳو ۽ سونا زيور پهريل هئا. راڻيءَ کي ريس ٿي ۽ پنهنجي مڙس کي چيائين ته، ”ڇا اهو ٺهي ٿو ته راڻيءَ وٽ سونا زيور نه هجن!“ بادشاهه سائس متفق نه ٿيو ۽ چيائين، ”توکي چڱي طرح خبر آهي ته دولت اسانجي پنهنجي ناهي، پر اها ماڻهن جي آهي.“

پر راڻيءَ ڳالهه نه مڃي ۽ هر روز بادشاهه جو مٿو کائڻ لڳي. هڪ ڏينهن بادشاهه چڙي پيو، "آخر تنهنجي ڇا مرضي آهي؟ ڇا مان تنهنجي تسليءَ لاءِ ماڻهن تي ڳرا محصول مڙهيان؟" راڻيءَ تڏهن به ماٺ نه ڪئي نيٺ بادشاهه ماڻهن تي نئون ٽيڪس وڌو ۽ راڻيءَ کي هڪ تولي جي وزن وارا والا ونڊي ڏنا.

قصو ڪوتاهه. ٻئي ڏينهن راڻي ڳهه پائي تلاءَ تي وهنجڻ ۽ ٻين ڪرتن لاءِ رواني ٿي ته بادشاهه جهليس. ٻڌ! ڇاڪاڻ ته هن ڪ ان اڳ اسان انصاف سان حڪومت ڪئي ۽ رعيت تي ظلم نه ڪيو تنهنڪري تون ڪنول جي پنن تان پنڌ ڪري سڀ کان سهٽو ڳل پٽي ڳٽيش کي پيتا ڏيئي سگهندي هئينءَ پر هاڻي جڏهن تو مونکي مجبور ڪري ٽيڪس مڙهايو ۽ سون خريد ڪرايو ته مونکي ڊپ آهي ته تون هاڻي ڳٽيش کي پيتا ڏيئي نه سگهندينءَ ۽ اسان جو ڀاڳ ٻڏي ويندو. جيڪڏهن اڄ تون ڳل پٽي نه سگهينءَ ته مان توکي ڇڏي ڏيندس ۽ ملڪ مان ڪڍي ڇڏيندس."

تولا راڻيءَ کيس يقين ڏياريو ته ڪجهه به نه ٿيندو ۽ سڀ ٺيڪ آهي. پر جڏهن وهنجڻ ڪانپوءِ هن ڪنول پتي تي پير رکيو ته هوءَ ٻڏڻ لڳي. پوءِ جڏهن ڪانئس بادشاهه پڇيو ته ڇا ٿيو؟ تڏهن هن مڙس سان ڪوڙ ڳالهائي چيو ته هن هيشه وانگر ڳٽيش کي ڳل جي پيتا ڏني. بادشاهه کي يقين نه آيو. هو راڻيءَ کي تلاءَ تي وٺي آيو ۽ تلاءَ ڪناري بيٺل ڳلن کان پڇيو. هو ڀرين ڏکڻ طرف بيٺل وڻ وٽ ويو جهن به تولا راڻيءَ جي حق ۾ ڪوڙ ڳالهايو پوءِ هن اتر طرف بيٺل وڻ کان پڇيو جنهن به ساڳيو جواب ڏنو. هو ٽئين وڻ کان پڇڻ وارو هو ته هن ڏنو ته اتر ۽ ڏکڻ وارا وڻ ڳم تي جهڪا هئا. پوءِ بادشاهه ڳٽيش وٽ ويو ۽ ڪانئس سڌو سوال ڪيو ته ڇا راڻيءَ کيس ڳل جي پيتا ڏنا آهي؟ ديوتا راڻيءَ جي ڇهري ڏانهن ڏنو جيڪا بادشاهه جي اڏو خوف ۽ شرم کان ڪنڌ جهڪائي بيٺي هئي. ڳٽيش پنهنجي پوڄارڻ جو ساٿ ڏنو ۽ چيو "تولا راڻي جيڪي چيو سو سچ آهي."

جيئن ٺي ڳئيش ڪوڙ ڳالهايو سندس منڍي ڳر ٿي وئي.

دولي خيل

دولي خيل جي هڪ ڳهٽي

دولي خيل ڪٽمنڊو ماتريءَ ڪان ٻاهر هڪ ننڍڙ شهر آهي. ڪٽمنڊو ماتريءَ ڪان اوپر ۾ هن شهر ڏانهن ويندڙ رستا بالڪل ايئن آهن جيئن پاڪستان جي ڪوهه مري يا سوات وادين جا رستا آهن. چوطرف ڇهچ ساوا جبل، جتي ڪٿي جابلو پيلن جا وڻ هڪٻئي جي مٿان پيا ڪٽي واديءَ جي سونهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

انهن وڻن جي اها ڪوشش بالڪل ايئن هئي جيئن ڪنهن تمام وڏي جلسي ڳاهه ۾ ماڻهن جا انبوهه پنهنجي محبوب اڳواڻ جي جهلڪ ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. يا جيئن ڪنهن وڏي اسٽيڊيم ۾ ويٺل تماشائي ڪا تمام اهم ميچ ڏسندا آهن. چوطرف ويٺل وڻن ۾ چرپر بالڪل ائين هئي جيئن پويلين ۾ اتي ويٺل ماڻهن ۾ هوندي آهي. فرق اهو آهي ته

پويلين ۾ هزارين رنگ هوندا آهن پر هنن جبلن تي بيٺل وڻ ساوا آهن، چهچ ساوا.

انهن ئي وڻن جي وچ وچ ۾ ڪنهن خالي هنج ۾ يا ڪلهي تي رانديڪين جهڙا گهر رکيل نظر اچن ٿا. ڪي ڪي گهر اس تي تجليون هڻن ٿا. اهي گهرن جا شيشا آهن، باقي گهر ڳاڙهين سرن جا آهن. ڏوتل پوتل صاف ستريون سرون. ڪن ڪن گهرن جي ڀتين مان پير يا ٻڙ ڦٽي نڪتا آهن پر ماڻهو اهي وڻ نٿا وڍين ڇو تہ سندن عقيدي موجب اهي پسو پتيءَ جي حڪم سان ڦٽا آهن. ديوار ڊهي پئي تہ ڀلي ڊهي. پسو پتي ناٿ جي مرضيءَ خلاف ڪيئن وڃبو؟

دولي خيل ننڍڙو ۽ پراڻو شهر آهي، ڪٺمنڊو کان اوڀر ۾ پهريون واپاري مرڪز. هن شهر جي حيثيت ڪابري پالانچڪ ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر جي آهي. هتي اسڪول، اسپتال، عدالت، ٿاڻو، مختصر مارڪيٽ، جيل، پوسٽ آفيس وغيره نظر آيون. بنيادي طور تي نيواري ماڻهن رهن ٿا جيڪي واپاري طبقو آهن ۽ هندو ڌرم جي ذات پات سرشتي موجب وئش آهن.

چار سئو سال پراڻو دولي خيل شهر. شهر کان وڌيڪ کنڊر محسوس ٿئي ٿو. هونئن "خيل" جي معنيٰ آهي، "کيل" (راند) راند جو ميدان، رونق واري جاءِ، واپار جي پڙي وغيره وغيره.

دولي خيل ڪنهن وقت ڏاڍو سهڻو شهر هوندو. قدرتي سونهن سان گڏ ڳاڙهين سرن جون وڏيون، شاهي ۽ گهڻ ماڙ عمارتون، جبل جي لاهين چاڙهين موجب هيٺ مٿاهيون، پٿر جون پڪيون گهٽيون، هنڌ هنڌ پڳوڊا ٽائپ مندر، ننڍڙا ننڍڙا ميدان ۽ انهن ۾ دڪان ۽ ماڻهن جي اچ وڃ. پر ان جي باوجود شهر خالي خالي محسوس ٿيندو.

ڏينهن جي پهر ۾ مرد ماڻهو ڪمن ڪارين تي ڪيڏانهن ڏانهن، ڪٺمنڊو ڏانهن يا وري دڪانن تي وڃي ويهن ٿا. پويان اهي نوجوان وڃي

بچن تا جيڪي بي روزگار آهن يا اهي ٻار جيڪي اسڪول نٿا وڃن يا وري گهر جون عورتون جيڪي گهرن ۾ يءِ گهرن کان ٻاهر ننڍڙن ميدانن ۾ زندگيءَ جي ڪمن کي لڳيون پيون هونديون آهن.

"خيل" هئڻ جي باوجود هن شهر ۾ رونق نہ هئي. عاليشان گهرن جي اوطاقن مان ٻڍن ماڻهن يا اوطاقي مڙسن بدران ڳئن، مينهن ۽ ٻڪرين ليٺا پئي پاتا. گهٽين ۾ هنڌ هنڌ عورتن مڪئيءَ جا داڻا ۽ مرچ پئي سڪايا. نوجوان ڇوڪرن تي جوئا ۽ پتاڪن ۾ مصروف هئا. ڪجهہ دڪان بہ کليل هئا پر اهي ايئن ئي معمولي مانڊ ٽيون يا ننڍڙا پنسارڪا دڪان هئا. ميڊيڪل اسٽور البت ڇڱو هو جيڪو ڪنهن ڊاڪٽر پنهنجي ڪلينڪ سان گڏ کوليو هو.

شهر جون عمارتون ظاهري طور تي ١٥ ـ ٢٠ هزار ماڻهن کي اجهو ڏيڻ لاءِ ڪافي هيون پر خبر پئي تہ شهر جي آبادي ست اٺ هزار ڪن آهي. اصل ۾ ڪٺمنڊو جي ترقيءَ کان پوءِ هر پڙهيل ۽ پئسي وارو ماڻهو ڪٺمنڊو لڏي ويو آهي، جنهن وٽ ڪجهہ پئسو هو تنهن وڃي ڏنڌو ڪيو ۽ جنهن وٽ علم هو، ان وڃي نوڪري ڪئي. هاڻي بہ سياحت جي واڌاري کانپوءِ اڪثر ڳوٺاڻن سهڻين جاين تي هوٽل قائم ڪري وڏو ڪاروبار ڪيو آهي ۽ پئسو هٿ ڪيو آهي. انڪري بہ دولي خيل ۽ ان جهڙا ٻيا شهر ۽ ڳوٺ خالي ٿي رهيا آهن. اهي شايد بلڪل ئي خالي ٿي وڃن ها پر عورتن اجا ٻار ڄڻڻ نہ ڇڏيا آهن تنهنڪري پراڻا شهر بہ آباد آهن.

انسان جي عجيب غريب سوچ موجب هن شهر ۾ بہ سڀ کان اتاهين جاءِ تي عبادت گاهہ آهي. هيءُ مندر درگا جو آهي "درگا ڏيوي ماتا" جي سڀ کان اهم روپن مان هڪ آهي.

ديويءَ جو مندر پڳوڊا ٽائپ آهي. مندر جون ڏاڪٽيون چڙهڻ کان اڳ گهنڊ وڄائڻو پوي ٿو تہ جيئن ديويءَ کي ڄاڻ پوي تہ ڪو پوڄاري اچي

رهيو آهي. ڏاڪٽيون چڙهي پڳوڊا جي ڇت هيٺان اڇبو تہ درگا جي غير واضح مورتي ڏسي سگهبي. مندر جون ڊيڪوريشن واريون ٽائلون ڏسي مونکان ڇرڪ نڪري ويو.

بالڪل اهڙيون ٽائلون سنڌ جي انهن پراڻن گهرن ۾ اڄ بہ لڳيون پيون آهن جيڪي هندو سيٺين ٺهرايا هئا. هيرا آباد، ٽنڊي الهيار، ڪوٽڙي، روهڙي، سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ اهڙا هزارين گهر موجود آهن جن ۾ هو بهو ساڳيون ٽائلون لڳل آهن. اڇي رنگ جون چينيءَ جون ٽائلون جن تي رنگين گل، وليون، مور ۽ پيون شڪليون هونديون آهن.

مندر ۾ استعمال ٿيل ٽائلن تي مور ۽ وليون ڇپيل هيون. اهو ڪم نيپال ۾ نہ ٿيندو آهي. نيپاليءَ ٽائلون ٺڪر جون هونديون آهن. اهي ٽائلون پارت مان گهرايل هيون، پر انهن تي ڇاپيل مور نيپال ۾ بہ ساڳيو آهي، ايترو ئي رنگين جيترو سنڌ ۾ آهي.

شهر جا سڀ مندر پڳوڊا اسٽائل جا آهن. اصل ۾ پڳوڊا طرز تعمير نيپال جي ايجاد آهي. جيڪا پوءِ اوير ايشيا تائين مقبول ٿي وئي.

پڳوڊا

چون ٿا تہ تيرهين صدي عيسويءَ ۾ سنہ ١٢١٥ ڌاري جڏهن چين تي منگول بادشاهہ قبلائي خان جي حڪومت هئي تڏهن سندس تبتي گروهہ پڌن لاءِ هڪ وڏو پوڄاگهر ٺهرائڻ جو خيال ڪيو. هن اڏاوت لاءِ نيپال جي بادشاهہ ڏانهن درخواست موڪلي تہ ڪجهہ رازا، واڍا ۽ پٽل ڪي پڪهارڻ ۽

نيون شيون ٺاهڻ جو ڪم ڪندڙ ڪاريگر موڪلي.

نيپالي بادشاهه پنهنجي ملڪ مان هڪ نوجوان جي اڳواڻيءَ ۾ ڪاريگرن جي هڪ ٽيم موڪلي جيڪا اوچا جبل ٽپي وڃي تبت پهتي. ان ٽيم تبت ۾ ڪيئي پوڄا گهر ٺاهيا. تبتي گرو ان ٽيم جي ڪم مان ڏاڍو متاثر ٿيو، سو انهن کي چين جي بادشاهه ڏانهن بيجنگ موڪليائين. ان کانپوءِ ساڳي ٽيم چين ۾ ڪيئي اسٽوپا تيار ڪيا.

نيپالي ڪاريگرن جي نوجوان اڳواڻ جو نالو ارنيڪو (Amiko) هو. هو اتي ئي ترسي پيو ۽ ڏاڍو مقبول ٿي ويو ۽ پوءِ هوريان هوريان چيني محل جي ڪاريگرن جو چيف ٿي ويو. وڏو رتبو ملڻ کانپوءِ هن هڪ چيني ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي جيتوڻيڪ نيپالي زالون به هئس.

پگوڊا، اسٽوپا ۽ گهڻ ماڙ عمارتون اڏي هن اهو فن چين ۾ پکيڙي ڇڏيو. نيپال ۾ ارنيڪو کان اڳ به اهو فن موجود هو، اهو فن ارنيڪو جي ذهن جو ڪمال نه هو پر ارنيڪو هن فن کي نيپال کان ٻاهر ڪڍي ويو جيڪو پوءِ ڪوريا ويو، ڪوريا کان پوءِ جپان ويو ۽ پوءِ ڏور اوپر ۾ پکڙجي ويو. جون تا ته هاڻي به جيڪڏهن ڪو جپان جي ٻن قديم شهرن: ڪيوٽو ۽ نارا وڃي ته ڪيس اتي ان قديم طرز جا ڪيئي مندر ٺهيل ملندا جهڙا نيپال ۾ موجود آهن.

ڇاڪاڻ ته گهڻ ماڙ عمارت ٺاهڻ مهانگو ڪم آهي، انڪري عام رهائشي مقصدن لاءِ پگوڊا نٿا ٺاهيا وڃن. بس اها اڏاوتي سونهن جي ڳالهه آهي جيڪا يا ته ڪنهن مندر کي سونهي ٿي يا وري پيلي ته ڪو بادشاهه پنهنجي رعب تاب ۽ ذهني تسليءَ لاءِ ٺهرائي. نيپال ۾ ڪجهه قديم محل ان طرز تي ٺهيل آهن. خاص ڪري "هنومان ڍوڪا" محل جيڪو هن وقت شاهي عجائب گهر جي طور تي عوام لاءِ کوليو ويو آهي، ڏسڻ وٽان آهي. ان کانسواءِ ڀڳت پور، للت پور ۽ کٽمنڊو ۾ به ساڳي اڏاوت نظر اچي ٿي.

قديم ترين شاعرن جا ماڳ

نيپال رڳو قديم مندرن جو ئي ملڪ ناهي، جيڪي ماڻهو اپکنڊ جي ادبي تاريخ کان واقف آهن، اهي ويد وياس ۽ والميڪيءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻين. ويد وياس دنيا جي سڀ کان وڏي ايپڪ مهاڀارت جي رچنا ڪئي ۽ والميڪيءَ دنيا جو قديم ترين ايپڪ رامائڻ لکيو.

کٽمنڊو کان اولهه طرف پوکرا ويندي پوکرا کان ٥٠ ـ ڪلوميٽر اڳ ۾ دمائولي نالي هڪ ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ کان فقط هڪ ڪلوميٽر جي پنڌ تي ويد وياس جي غار آهي جتي روايتن موجب هو ڄائو ۽ رهيو هو. پرسان ئي ٻن ندين سيتي کولا ۽ مدي کولا جي ميلاپ وٽ پاراسر رشيءَ جو آستانو آهي. جنهن جا گيت رگ ويد ۾ ڏنل ڇپيا وڃن ٿا. رشي پاراسر ويد وياس جو پيءُ هو. پاراسر جو آستانو سنڌ جي ڪارونجهر جبل ۾ مرکهي ڪُن وٽ به آهي. هتي هڪ ٻي غار به آهي جنهن بابت مشهور آهي ته ان ۾ ويد وياس جي پٽ سکديو تپسيا ڪئي هئي.

هن هنڌ ويد وياس ۽ گڻيش جون مورتيون لڳل آهن. گڻيش کي هندو مت ۾ ڏاهپ جي ديوتا جي حيثيت حاصل آهي علائقي ۾ ڪافي مندر به آهن. هڪ مندر ۾ وياس جي قد آدم مورتي رکيل آهي. ندين جي ميلاپ واري هنڌ کي پوتر ڄاڻي هتي اشنان وغيره ڪيو وڃي ٿو. هتي ندين جو پاڻي شفاف آهي.

وياس غار جي ڏکڻ ۾ ڀارت جي سرحد وٽ هڪ ماڳ رشي والميڪيءَ سان منسوب آهي. هي والميڪي آشرم آهي، جتي سيتا أيوڌيا مان نيڪاليءَ کان پوءِ اچي رهي هئي ۽ هتي ئي رام جا ٻه پٽ لَو ۽ ڪش ڄاوا. هتي ئي والميڪيءَ رامائڻ ڪتا جي رچنا ڪئي ۽ رام جي ٻنهي پٽن کي ياد ڪرائي.



نيپال ۾ هندن جا ڪجهه تيرٿ

جانڪي مندر، جنڪ پور

جنڪ پور

کٽمنڊو کان ٣٠٠ ڪلوميٽر پري رامائڻ جي هيروئن ۽ رام جي ڌرم پتني سيتا جي جنم ڀومي جنڪ پور آهي. سيتا جي پيءُ جو نالو جنڪ هو جنهن ڪري سيتا جو هڪ نالو جانڪي به آهي. راجا جنڪ جي گادي جو شهر جنڪ پور نيپال جي ڏکڻ اوير ۾ ڀارت جي سرحد وٽ ترائيءَ ۾ آهي. جنڪ پور ئي اهو ماڳ آهي جتي قديم رياست، متلا Mithla جي گادي هئي.

جنڪ پور ۾ اڄڪلهه مغل طرز تعمير جو هڪ شاهي مندر آهي جيڪو ھلندڙ صديءَ جي منڍ ۾ ٽيڪم ڳڙهه جي راڻيءَ آڏايو هو. مندر کي "نو لکها" مندر به چيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته ان جي اڏاوت تي لڳ ڀڳ نو لک رپيا خرچ آيو هو. مندر ٻاهران ڪنهن محل جي ڏِک ٿو ڏئي.

تازو ئي هتي هڪ پڳوڊا مندر ان جاءِ تي اڏيو ويو آهي، جتي روايت موجب رام ۽ سيتا جي شادي ٿي هئي. شهر جي پرپاسي ۾ ڪيئي تلاءَ آهن جن کي پوتر پاڻي ميلن جي موقعي تي ياترا ڪئي وڃي ٿي. هتان ئي اٽڪل پندرهن ڪلوميٽر اتر ۾ هڪ ماڳ جو نالو " ڌنوشا " آهي. ڌنوشا معنيٰ

ڪمان. اهو ماڳ ان سويمبر جي يادگيري آهي جڏهن شري رام هتي رشي وشوا متر سان گڏجي آيو هو ۽ سيتا جي شاديءَ جي سويمبر واري تقريب ۾ اچي پهتو هو. ان موقعي تي هن شو ڀڳوان جو ڏنش ڪٽي زور لائي ان تي ڏوري چاڙهڻ جي ڪوشش ۾ ڏنش ڀڃي وڌو هو ۽ سيتا کي کٽي ورتو هو.

هتي سال ۾ ڪيئي ميلا لڳن ٿا. "رامنا وامي" رام جو جنم ڏينهن مارچ جي پڇاڙي يا اپريل جي مهڙ ملهايو ويندو آهي. "وواهہ پنچمي" نومبر جي پڇاڙي يا ڊسمبر جي مهڙ ۾ لڳندو آهي، اهو ميلو رام ۽ سيتا جي شاديءَ جي يادگيري آهي.



ٻڌن جا تيرٿ آستان

جيتوڻيڪ پراڻن ٻڌڪن پستڪن ۾ ياترائن جو ڪو ذڪر نٿو ملي پر چيو وڃي ٿو تہ گوتم ٻڌ پنهنجي پيروڪارن کي چيو هو تہ هو ياترائن لاءِ وڃن پوءِ ڪٿي تيرٿ ڪيترو ئي پري ڇو نہ هجن. ماڻهو ڏيان ۾ سفر مان سکندو آهي. شايد اها ئي ڳالهہ ڪٿي گوتم ٻڌ پيروڪارن کي سفر جي هدايت ڪئي هجي!

بهرحال، ڪانئس پوءِ سندس پيروڪارن گوتم ٻڌ جي رک مختلف علائقن ۾ محفوظ ڪري اتي اسٽوپا جوڙي ڇڏيا. ان ڪانپوءِ ياترائن جو سلسلو شروع ٿي ويو. ان سان گڏوگڏ ٻڌن جا ٻہ مکيہ فرقا وجود ۾ آيا

تـــيـــــرا وادا (Theravada) مـــهـــــايـانـا (Mahayana) ۽ وجرايانا (Vajrayana). ياترائن جو سلسلو چوڏهن صدي عيسويءَ کان اوڻهين صديءَ جي وچ ۾ باقي نه رهيو. تان جو قديم آثارن جي ماهرن اهي گم ٿيل ماڳ ٻيهر ڳولي کڍيا ۽ هاڻي سڄي دنيا مان خاص ڪري ڪوريا، چين، جپان، سري لنڪا ۽ ٿائيلينڊ مان ڪيئي ٻوڌي نيپال ۽ ڀارت ۾ واقع انهن ماڳن جي ياترا لاءِ پهچن ٿا. ڪي ياتري هوائي جهازن ۾ اچن، ڪيئي ريل گاڏين ۾ سفر ڪن، ڪي پيرين پيادا.

لمبني

گوتم ٻڌ سان لاڳاپيل تيرٿن ۾ سڀ کان پهرين لمبني جو نالو ايندو جتي هو اڄ کان اڍائي هزار سال اڳ ڄائو هو. لمبني ڏکڻ نيپال ۾ آهي. ان وقت سندس ماءُ "مايا" پنهنجي مڙس جي محل کان پنهنجي اباڻي گهر ڏانهن سفر ۾ هئي.

قافلو گهڙي سوا لاءِ وڻن جي جهڳٽي هيٺ ترسيو. اتي ئي گوتم ٻڌ جنم ورتو. چون ٿا ته ٻار ڄمڻ شرط ڇٽني ڏسائن ۾ ست وکون کنيون ۽ ان مهل ڌرتيءَ مان ڪنول گل ڦٽي پيا.

٢۴٥ قبل مسيح ۾ گوتم ٻڌ جو پيروڪار شهنشاهه اشوڪا لمبني پهتو ۽ هتي هڪ وڏو ٿنڀو کوڙايو جنهن تي لکتون اڪريل آهن. لمبني ڪيئي صديون تائين مکيه تيرٿ طور استعمال ٿيو ۽ هتي اسٽوپا ۽ وهارا ٺهيا. چيني سياح فا هين fahien ۽ Hiuen Tsang پنجين ۽ ستين صديءَ ۾ لمبنيءَ مان ٿي ويا. ڪجهه عرصي کان پوءِ اهي تيرٿ ويران ٿي گمناميءَ ۾ هليا ويا.

١٨٩٥ ۾ هڪ جرمن آرڪيالاجسٽ اشوڪا جو ٿنڀو ٻيهر لڌو ۽



لمبنيءَ ۾ "اشوڪا جو ٿنيو"

لمبني ٻڌ دنيا آڏو ٻيهر ظاهر ٿي. هاڻي لمبنيءَ جي چوڌرد وڏي پئماني تي اڏاوتون ٿي رهيون آهن. لمبني ڊيولپمينٽ پروجيڪٽ هٿ ۾ ڪنيو ويو آهي. هتي ڏسڻ جهڙين جاين ۾ اشوڪا جو ٿنيو، مايا ديويءَ جو مندر ۽ سڌارٿا تلاءُ آهي. مايا ديويءَ جي مندر واري جاءِ تي اڳ اشوڪا جو ٺهرايل استوپا هو ۽ سڌارٿا تلاءُ اهو ماڳ آهي جتي گوتم ٻڌ جي ماءُ گوتم ٻڌ کي جنم ڏيڻ کانپوءِ اشنان ڪيو هو. لمبنيءَ ۾ ٻيا به ڪيئي ننڍا ننڍا استوپا ۽ مندر آهن. هتي پهچڻ اوکو ناهي. نيپال توڙي هندستان کان سولائيءَ سان هتي اچي سگهجي ٿو. کٽمندو کان ڀيروا تائين هوائي سروس آهي، جتان لمبني فقط ١٨ ڪلوميٽرن جي پنڌ ي آهي.

ڪپيل وستو

ڪپيل وستوءَ جو نئون نالو تِلائورا ڪوٽ آهي. اٽڪل اڍائي هزار سال اڳ نيپال جي وچ وارين ٽڪرين جي پيرن ۾ ڪپيل وستو هڪ ننڍڙي

سلطنت هئي. گوتم ٻڌ پنهنجي زندگيءَ جا پهريان ٢٩ سال هتي پيءُ جي محل ۾ گذاريا. جڏهن گوتم ٻڌ ڄائو هو تڏهن سندس پيءُ سڏو دانا نجومين کي سڏائي پٽ جي قسمت بابت پڇيو هو، نجومين ٻڌايو هو تہ هيءُ ٻار وڏو ٿي يا تہ عظيم بادشاه ٿيندو يا وري حڪومت ڇڏي وڏو روحاني رهبر ٿيندو. راجا پنهنجي پٽ کي محل تائين محدود ڪري ڇڏيو تہ جيئن هو ٻاهرين دنيا نہ ڏسي.

عمر جي نئين ڏهاڪي ۾ گوتم ٻڌ جي شادي ٿي ۽ ڪيس هڪ پٽ ڄائو. هڪ ڏينهن شهزادو گوتم محل مان ٻاهر نڪري ويو. ٻاهرين دنيا ۾ هن ٽي ڏک ڏٺا. هڪ بيمار ماڻهو، هڪ جنازو ۽ هڪ سنياسي جنهن تن کي تسيا ڏئي ڏکن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو. ٽنهي ڏکن گوتم کي ٻاري وڌو. هو محل ۾ موٽي آيو. هڪ رات جڏهن سندس گهر واري ۽ پٽ ننڊ ۾ هئا تہ هو سچ جي ڳولا ۾ چپ چاپ گهران نڪري ويو ۽ ڪيئي سال ٻيلن ۾ رهڻ ڪانپوءِ جڏهن گهر موٽي آيو تہ پنهنجي پيءُ، زال ۽ پٽ کي نئين ڌرم جي دعوت ڏنائين.

قديم آثارن جي ماهرن هاٺوڪي تِلائورا ڪوٽ Tilaurakot جي سڃاڻپ ڏهوڪي ڪپيل وستو طور ڪئي آهي، ڪوٽائين کان پوءِ قديم شهر ، قلعي جي ديوار، در، تلاءُ ۽ مندر ظاهر ٿيا آهن. ڪپيل وستو لمبنيءَ کان فقط ١٥ ڪلوميٽر اتر اولهہ ۾ آهي.

ٻڌ گايا

شهزادو سڌارٿ گوتم ٻڌ، جڏهن هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڀٽڪندو ۽ هنڌ هنڌ مهاتمائن سان ڪچهريون ڪندو ٿي ويو تڏهن ڪنهن بہ مهاتما جي جوابن مان ڪيس اطمينان نہ ٿيو. سندس سوال هو، "انساني ڀوڳنائن کان ڇوٽڪارو ڪيئن ملندو؟" نيٺ هو نرنجنا نديءَ جي ڪنڌيءَ تي واقع اُروريلا بن ۾ پهتو. اهو ماڳ اڄڪلهہ وارو بِهار (ڀارت) آهي.

شهزادي سڌارٿ ڇهن سالن تائين گهور تپسيا ڪئي، سندس جسم وجي هڏين جو ڍانچو بچيو، پر هن کي گهربل منزل نہ ملي. هاڻي هو ڀيلو ڇڏي سيناني نالي هڪ ڳوٺ وجي پهتو جتي هڪ برهمڻ ڇوڪري سجاتا کيس کير چانورن جو پيالو کائڻ لاءِ ڏنو. اتي هن پنهنجي تپسيا پوري ڪئي، ڀيهر توانائي حاصل ڪرڻ کانپوءِ هو وري تپسيا لاءِ هڪ غار ڏانهن هليو ويو.

ڌرتي ڌڏيءَ ۽ اڳوڻن ٻڌن جو آواز آيو، انهن آوازن سڌارٿ کي چيو تہ ويجهوئي هڪ پپر هيٺ ويهي تپسيا ڪر! شهزادو اهو ٻڌي پپر هيٺ وجي ويٺو تہ گيان کان اڳ اٿان نہ اٿندو.



ٻڌ گايا ۾ مها ٻڌي مندر

جيئن ئي هو رات جي پهر ۾ تپسيا لاءِ ويٺو تہ نفساني خواهشن جي ڀوت "مارا" ۽ راڪاسن جي لشڪر ڪيس لالچون ڏنيون ۽ ڊيڄاريو پر سڌارٿ ويٺو رهيو. پرهہ ڦٽيءَ مهل چوڏهين جي چنڊ واري رات سڌارٿ جي محنت ساڀ پئي ۽ هن "سچ" ڳولي لڌو.

"چورين ڏنا چال تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا" (لطيف)

ٻڌ دنيا ۾ ٻڌ گايا کي تيرٿن مان سڀ کان وڌيڪ اهميت آهي. جنهن هنڌ ٻڌ کي نرواڻ مليو، اتي هاڻي "مها ٻڌي مندر" آهي جيڪو پنجين يا ڇهين صدي عيسويءَ ۾ جوڙيو ويو. ان کانپوءِ ان مندر جي وري مرمت ٻسينال تيندي رهي آهي. مها ٻڌي مندر جي بيهڪ لڳ ڀڳ اهڙي آهي جيئن ڪارونجهر ۾ پوڏيسر وارو وڏو مندر آهي. مهاٻڌي مندر پوڏيسر مندر کان وڌيڪ سهڻو ۽ وڏو آهي، چونيءَ تي گول، مخروطي ۽ سهڻو ڇٽ اٿس.

جنهن پپر هيٺ گوتم ٻڌ تپسيا ڪئي هئي، جيتوڻيڪ اهو باقي نہ رهيو آهي پر ٽين صدي عيسويءَ ۾ ان جي هڪ شاخ سري لنڪا وٺي هئي ۽ ان جي هڪ شاخ صدين کانپوءِ ٻڌ گايا واپس آندي وئي هئي.

نديءَ جي ٻي ڪنديءَ تي "سجاتا ڪُٽي" ماڳ آهي جتي برهمڻ نينگريءَ گوتم ٻڌ کي کير چانور کارايا هئا ۽ ٻڌ پنهنجي تپسيا ختم ڪئي هئي. ٻڌ گايا هندستان ۾ گايا شهر کان فقط ڏهہ ڪلوميٽر پري آهي.

ڀارت ۾ گوتم ٻڌ سان لاڳاپيل ٻيا اهم ماڳ سرناٿ، راج گِر، نالندا، ڪوشي نگر وغيره آهن. راج گِر مگڌ شهنشاهيت جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ مگڌ جو راجا ٻمر ٻسرهہ گوتم ٻڌ کان ايترو متاثر هو جو هن گوتم ٻڌ کي راج گر ۾ رهڻ لاءِ ملڪ جو ڪجهہ حصو ڏيڻ جي آڇ بہ ڪئي هئي. هتي ٻڌ مت جي مهايانا فرقي جون اهم جايون آهن. راج گِر کي ٻي اهميت جين مت جي باني مهاوير سبب آهي، جنهن هتان پنهنجي مت جو

پرچار شروع ڪيو. گوتم ٻڌ ايڪاسي سالن جي ڄمار ۾ راڄ گر مان ڪوچ ڪيو.

نالندا ماڳ قديم وقتن کان ٻڌن لاءِ اهم ماڳ آهي. روايتن موجب گوتم ٻڌ پنهنجن پوئلڳن سان گڏ هتي ترسيو هو. هوريان هوريان نالندا علمي مرڪز بڻجي ويو. اها ڳالهه تازين کوٽاين مان ظاهر ٿي آهي. هن شهر کي مسلمان فاتحن ٻارهين صديءَ ۾ تباهه ڪيو هو جنهن ڪانپوءِ هزارها مقامي دانشور هتان نيپال ۽ تبت لڏي ويا هئا. نالندا جي کنڊرن جي کوٽاين مان قطارن ۾ مندر نڪتا آهن. گوتم ٻڌ زندگيءَ جون آخري گهڙيون ڪوشي نگر ۾ گهاريون ۽ اتي ئي چوڏهينءَ جي هڪ رات جسماني زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو هو.



پاٽن ۾ ديويءَ جو پنج تالي مندر

ديويون

حاشيو

” ديوي ماتا“ سکه جو دائمي ذريعو آهي، سڀ جو بڻ بنياد. هوءَ سکه جي علامت آهي ۽ وٽس قوت وڏائڻ جي سکه آهي، انهيءَ ڪري

نيپال جا ماڻهو اڪثر ڪري ان کي ٺي پينٽائون ڏين ٿا.

سڄي ملڪ ۾ سندس لاتعداد صورتون پوڄيون وڃن ٿيون. تاليجو Taleju، شووا Shova، پاڳوتي، گهيسوري Gaheshwari ۽ دڪشڻ ڪالي هن ديوي جا مکيہ روپ يا پهلو آهن. جيڪي ڪٺمنڊو واديءَ ۾ پوڄيا وڃن ٿا. ديوي ماتا جو گورکا لڳ مندر منڪامانا Mankamana ياترين جو وڏو مرڪز آهي. نيپال جي ڏاکڻي حصي "ترائيءَ" (Terai) ۾ ديوي ماتا کي "مائي گهوا" Mai Gahwa ، بير گنج Birgunj ۾ "مائي" ۽ بارا ڊسٽرڪٽ ۾ گادهي Gaddhi مائي ڪري سڏين ٿا.

تاليجو Taleju

تاليجو ديوي "مَل" (Malla) راجائن جي سرپرست ديوي هئي.



ڪٺمنڊو ۾ تاليجو ديويءَ جو مندر

چيو وڃي ٿـو تـہ جئہ پرڪاش مل جيـڪـو ڪـٺمنڊو جو راجا هو. هنومان ڍوڪان محل ۾ تاليجو ديويءَ سان پٽن راند ڪيڏندو هو. تاليجو جو مندر سال ۾ هڪ ڀيرو سهڙي جي موقعي تي کلندو آهي. جڏهن پوتن خلاف درگا جي سوڀ جو جشن ملهايو ويندو آهي. هن ڏينهن تي ڪيئي ماڻهو ديويءَ کي پيٺائون ڏيڻ پهچن ٿا.

باقي سڄو سال پٽل جو هڪ گهنڊ جنهن کي "پونڪندڙ ڪتن جو گهنڊ" چيو وڃي ٿو، هر صبح جو ان مهل وڄايو وڃي ٿو جڏهن پاتن جي علائقي ۾ تيلجو ديويءَ جي هڪ ٻئي مندر ۾ پوڄا ٿي رهي هوندي آهي.

شووا ڀاڳمتي Shova Bhagamati

ڪٺمنڊو جي اولهہ ۾ سويم ڀو اسٽوپا ڏانهن ويندي وشنومتي نديءَ جي ڪناري تي شووا ڀاڳمتيءَ جو مندر آهي. هيءَ ڪٺمنڊو جي ڏاڍي مقبول ديوي آهي. ماڻهن جي وشواس موجب، ڏاڍي طاقتور آهي ۽ ماڻهن جو سڀ خواهشون پوريون ڪري ٿي. هيءُ ننڍڙو مندر آهي پر نيپالي حڪومت ان تي چڱا پئـسـا هڻي ان کي سـڌاريـو آهي. هـن مندر جي پـرسـان ٻين ديـوين بجيشوري (فاتح ديوي) ۽ اندرياڻيءَ جا مندر بہ آهن.

دکن ڪالي

ڪـٺنڊو واديءَ ۾ ڪـٺمنڊو شـهر کان ١٨ ڪلوميٽري ڏکڻ ۾ دکن ڪاليءَ جو سـونهـري مندر آهي. آڏو شـفـاف پاڻيءَ جو چشـمـو ۽ چؤطرف جبلن تي ساوا ٻيلا آهن. هتي هر آڱاري ۽ ڇنڇر سميت سمورن خاص ڏينهن تي ياتري قرباني ڪن ٿا.

هندو ياتري هتي مينهن، ٻڪـر، رڍ، ٻدڪ يا ڪڪڙ جي قرباني ڪن ٿا. جنهن جي جيتري حيثيت يا جيتري مراد اوتري وڏي قرباني ڪن ٿا. جيـڪي ٻنهہ غريب آهن سي بيدا ڪنيو وڃن. هندن جي نظر ۾ بيدو بہ حياتي آهي، تنهن ڪري اهي بہ قربانيءَ طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

قربانيءَ کان اڳ جانور کي چشمي جي پوتر پاڻي ۾ وهنجاريو ويجي ٿو ۽ ٿورو گهڻو ڪارايو پيئاريو ويجي ٿو. ان ڪانپوءِ قربانيءَ واري هنڌ تي جانور کي آڻي بيهاريو ويجي ٿو. جيڏهن ٿي جانور ڪنڌ ڌوڻي ٿو، ان کي قربانيءَ لاءِ جانور جي هائوڪار سمجهيو ويجي ٿو. قربانيءَ کان اڳ اها هائوڪار ٿيڻ ضروري آهي. جيڏهن ٿي جانور جو ڪنڌ ڪورجي ٿو، ان جي پيچ جو ٽڪر وڍي ان جي وات ۾ وڌو ويجي ٿو. پوءِ منڊي ڪٽي ڪاليءَ جي بت آڏو رکي ان تي پوڄا وارو ڏيئو رکيو ويجي ٿو. قربان ٿيل جانور جو گوشت اڱلايو نٿو ويجي پر ان جو هر ڪائڻ جوڳو حصو پچائي، جشن ملهائي ڪاڏو ويجي ٿو.

گهيشوري Guheshwary

گهيشوري، پاڳمتي نديءَ جي ڪناري پشو پتي ناٿ مندر ويجهو آهي. ڏند ڪٿا موجب جڏهن سندس شو جي زال ستي ديوي مري وئي. شو مهاديو سخت ڏک ۾ ڪاوڙ ۾ پرجي ويو ۽ ستي اما ديويءَ جو مئل جسم پنيءَ تي کڻي هليو. هو سڄي اپکنڊ ۾ هليو. هو بي خوديءَ ۾ هلندو ٿي ويو ته ديويءَ جي جسم جا پاڳا ٿي هِت هُتِ ڪرڻ لڳا. ديويءَ جو هِڪ انش هتي به ڪريو. سڄي هندستان ۾ ديويءَ جي جسم جا ۵۲ ٽڪر ڪريا آهن ۽ جتي جتي به ڪو انگ ڪريو آهي، اتي ديوي ظاهر ٿي آهي.

ان واقعي سان منسوب جتي جتي به اهي مندر آهن اهي شڪتي استان آهن، اهڙو ئي هڪ شڪتي استان بلوچستان ۾ هنگلاج ديويءَ جو آهي. سو، ان طرح گهيشوري نيپال جي تمام اهم ديوين مان هڪ آهي.

پدرا ڪاليڪ

ڪٽمنڊو شهر ۾ سنگها دربار جي اولهه ۾ پدر ڪاليءَ جو مندر آهي، هن وقت چوراهي جي وچ ۾ اچي ويو آهي. هتي اڄا تائين ٻڪر جي قرباني ٿئي ٿي.

من ڪامنا Mankamana

من ڪامنا ديويءَ جو مندر ڪٽمنڊو کان ڪجهه ڪلاڪن جي پنڌ تي گورکا ضلعي ۾ آهي. گورکا ۾ اڳي "شاهه" خاندان جو تخت گاهه هو. هي شاهه مسلمان نه هئا. سندن لقب "شاهه" هو. نارائڻ شاهه به من ڪامنا ديويءَ کي پوڄيندو هو جنهن ارڙهين صديءَ ۾ نيپال جي ڪيئي ڇڙوڇڙ رياستن کي نئين وڏي رياست ۾ داخل ڪيو. منڪامانا معنيٰ "دل جي خواهش" يا "من جي مرضي" ان مناسبت سان سمجهيو وڃي ٿو ته، هن ديويءَ پوڄاريءَ جي من جي هر خواهش پوري ڪئي ۽ راجا ڏاڍا علائقا فتح ڪيا.

ترائيءَ جون "مائي" ديويون

ترائيءَ ۾ مائيءَ جا سوين مندر آهن. انهن مان اڪثر مندرن بابت فقط مقامي ماڻهن کي ئي ڄاڻ آهي جڏهن ته اڪثر مندرن تي ڪا به اڏاوت ناهي. مائيءَ جي پوڄا جبل جي ڇپ يا وڻ جي صورت ۾ ٿئي ٿي. اڪثر ڳوٺن جا نالا ان ديويءَ جي نالي پويان آهن. مثال طور ڏاڪٽي شهر جنڪ پور ويجهو "سونا مائي."

هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ ماتا ديويءَ جو ڪو نه ڪو مندر ضرور ملندو. شاديءَ کان اڳ هر ڪنوار پنهنجي ڳوٺ جي ماتا ديويءَ جي پوڄا ڪندي آهي. ديوي پوڄا کان اڳ انب جي وڻ جي پوڄا ڪن ٿيون. ان رسم کي "آم گاڇي" سڏيو وڃي ٿو. شاديءَ جي حقيقي مرحلي کان اڳ شاديءَ جون سموريون ريتون رسمون انب جي وڻ هيٺيان ٿين ٿيون.

هڪ ديويءَ جو نالو چوريا مائي Churia Mai آهي، جنهن جو مندر نيپال جي اهم هاءِ وي ترڀي پون راجپاٽ تي آهي. هتان لنگهندڙ هندو ماڻهو هتي درڀءَ مان پوڄا ڪن ٿا ۽ سڪا پيٽا ڏين ٿا ته جيئن سفر

محفوظ هجي.

گهوا مائي Gahawa Mai جو مندر بير گنج جي مرڪز ۾ آهي دسهڙي جي ميلي وقت پوڄاري پري پري کان اچي سندس پوڄا ڪن ٿا. هن موقعي تي وڏو ميلو لڳي ٿو. بيرگنج ۾ مائيءَ جا ٻيا مندر آهن جن ۾ بيرتا مائي Birta Mai راڌي مائيRadhe Mai ، ٻوڌي Boudhi Mai ۽ يوناَن ديوي مائي به شامل آهن.

سڄي ترائيءَ ۾ سڀ کان مقبول مائي مندر گاڏي مائيءَ جو آهي جيڪو بارا ضلعي ۾ ڪوٽ بارياريور ۾ آهي. گاڏي مائي ڪرنت بادشاهن ۾ ڏاڍي مقبول هئي جيڪي سوين سال اڳ ترائيءَ جا قابض هئا. هن هيءَ ديوي پاڻ سان گڏ پنهنجي گادي سيمراؤن ڳڙهه Simraongarh کان ڪٽمنڊو آندي هئي. ان وقت امن جو دور ۽ مل بادشاهن سان سندس دوستاڻو هو. ان وقت واديءَ جا حاڪم مل هئا.



نئون درگا مندر- ڀڳت پور- ڪٽمنڊو

ڪٽمنڊو ۾ تاليجو ديويءَ جي مندر بابت چيو وڃي ٿو ته اهو ڳاڏي مائيءَ (ديوي) جي قديم مندر جو نقل آهي. ڳاڏيءَ مائي جي پوڄا هر پنجن سالن کان پوءِ باريارپور ۾ ٢٢ ڏينهن ٿيندي آهي. اهو به هڪ ميلو آهي. چيو وڃي ٿو ته ديويءَ جون ست ڀينرون هيءَ ميلو ڏسڻ ۽ ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهچنديون آهن. هن موقعي تي هزارين مينهن جي قرباني ڏني وڃي ٿي ۽ موقعو ملهائڻ لاءِ رنگارنگ ميلو لڳي ٿو.

هي ميلا فقط ديويءَ جي پيٽا ناهن پر ٻوٽائي زندگيءَ جو روح آهن جيڪي ٻوٽائن کي وڏي تفريح ڏين ٿا.

پوڄجندڙ مائي فقط ترائيءَ ۾ ئي ڪونهي، ديوي ماتا سڄي نيپال ۾ پوڄي وڃي ٿي، هوءَ ٻوٽ ٻوٽ ۽ واهڻ واهڻ ۾ موجود آهي ۽ شهرن جي ننڍين ننڍين گهٽين ۾ انهن ديوين جا مندر آهن.

ديوي ماتا شهرين جي روزاني زندگيءَ جو اهم ترين حصو آهي.

جيٺري ديوي

ٻچڙوان جي ٻوليءَ جي ڪهاڻي نيپال جي جيٺري ديويءَ جي ذڪر کانسواءِ اڌوري آهي. هيءَ هڪ اهڙي معصوم ٻارڙيءَ جي ڪهاڻي آهي جنهن کي ننڍڙي عمر ۾ ديويءَ جو درجو ڏيئي سڄي حياتيءَ لاءِ هڪ الميو بڻايو ويجي ٿو.

هن ديويءَ کي "ڪماري" (ڪنواري) چيو ويجي ٿو. ڪماري هڪ اهڙي ڪٽنب مان چونڊي ويندي آهي جيڪو ٻڌ عقيدن وارو آهي. پر عجيب ڳالهه اها آهي ته ڪماريءَ جي ڪهاڻي هندو ڏند ڪٿائن مان اڇي ٿي.

سو، جڏهن ان خاص قبيلي ۾ ڪا ڇوڪري ڄمي ٿي ته ان تي گهري نظر رکي ويجي ٿي. جيڪڏهن ان ۾ ڪي لڇڻ آهن يا اها نظري طور تي ڪن معيارن تي پوري لهي ٿي ته پوءِ ان جي اٿري حفاظت ڪئي ويجي ٿي جو سندس رت جو هڪ ڦڙو به وهڻ نتو ڏنو ويجي. ڪماري ٿيڻ جو سڀ کان وڏو شرط اهوئي آهي. انڪري جيئن ئي اها ڇوڪري جوانيءَ جي منزل تي پهچي ٿي، ڪيس هٽائي ٻي ننڍڙي نينگريءَ کي ڪماريءَ جو درجو ڏنو ويجي ٿو.

جڏهن هڪ ڪماري پنهنجي رتبي تي قائم هوندي آهي تڏهن

هڪ ئي ڪماري به نظر ۾ رکي ويندي آهي ته جيئن اها اڳ ئي تيار هجي. ڪماريءَ جي چونڊ جو عمل لڳ ڀڳ ٻه ٽي ڏينهن تائين هلندو رهندو آهي. وانگر تئي تو اها ئي ڳالهه آهي ته لاما جي چونڊ لاءِ قبيلي جو قيد ناهي. اسان ڪماري ياترا واري ڏينهن تي ڪماريون ڏٺيون. هڪ ماٺوڪي ۾ به مستقبل جون. انهن مان هڪ ته ويچاري ننڍڙي هئي جو ڪيس هنج ۾ کڻي آيا هئا ۽ پوءِ ڪيس شاهي رٿ ۾ چاڙهيو هئائون.

ڪماريءَ کي هڪ شاهي رٿ ۾ سوار ڪري ان جي ياترا ڪرائي ويندي آهي. پر جيئن ته اسان ٽي ڪماريون ڏٺيون تنهن ڪري اهي سڀ جدا جدا شاهي رٿن ۾ سوار هيون. انهن رٿن کي رسن جي مدد سان ڇڪيو ٿي ويو. ڪماري ياترا لاءِ جنتري مان سٺو مهورت ڪڍي پوءِ صبح يا شام جي گهڙي طئه ڪئي ويئي ٿي. اهو ڪم پنڊتن جو آهي.

” ڪماري“ ٽيڻ ڪانپوءِ هوءَ ” ڪماري گهر “ ۾ رهندي آهي جيڪو هنومان ڍوڪا ۾ اڪوٺي شاهي محل جي آڏو آهي. گهر ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ هوءَ ڪڏهن به سامهون نه ايندي آهي. فقط پنهنجن مائٽن سان ملي سگهندي آهي. ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته هوءَ ڪڏهن به بيمار نه ٿئي ڇو ته سندس بيماري قوم جي لاءِ ڏکن جو سبب ٿيندي.

ياترا واري ڏينهن تي ديويءَ کي شاهي رٿ ۾ سوار ڪيو ويو ٿو ۽ نيواري عورتن ۽ مردن جا هشام سندس درشن لاءِ اچي ڪٺا ٿين ٿا. ساڳي وقت دنيا جا صحافي ۽ فوٽوگرافر ڪماري ۽ بادشاهه جا فوٽو ڇڪڻ لاءِ ڪئمرائون تيار ڪري اچي پهچن ٿا. اصل تر ڇڻڻ جي جاءِ نٿي بچي.

رواج موجب جيئن ئي ديوي پنهنجي رٿ تي سوار ٿي پراڻي شاهي محل آڏو اچي ٿي، نيپال جو بادشاهه سندس درشن ڪرڻ ۽ آشيراود وٺڻ وڃي ٿو. ساڳئي وقت عوام به ديوي ۽ بادشاهه جو درشن ڪري ٿو. پر هيءُ ڇا؟ اسان ڏٺو ته ديوي گهڻي وقت کان پنهنجي رٿ ۾ سوار ٿي ويٺي هئي پر بادشاهه اچا ڪو نه آيو هو. اسان جو خيال هو ته بادشاهه ديويءَ

ڪان رتبي ۾ نـنڍو آهي تنهن ڪري هو ديويءَ جو انتظار ڪندو. پر هنن اکين ڏٺو تہ ديوي اڳ ۾ آئي ۽ بادشاهہ جي انتظار ۾ رهي، جڏهن بادشاهہ آيو تہ ڪيس فوجي سلامي ڏني وئي.عجب ڳالهہ هئي تہ بادشاهہ درشن ڪرڻ بہ نہ ويو ـــ سندس پاران ڪو نائب وڃي درشن ڪري آيو ۽ آشيرواد بہ ورتو.

" ڪماري" سوويت پيروي ديويءَ جو اوتار سمجهي وڃي ٿي. سويت (سُٺي)معنيٰ اڇي رنگ واري. هندو ديو مالا ۾ سوويت پيرب هتيا ڪندڙ يا مارينڌڙ ديوتا آهي ۽ شو جو روپ آهي. ان مناسبت سان سويت پيروي ڪاليءَ جو ٻيو روپ آهي.

ڪتا موجب پيرويءَ جو هڪ راڪاس سان نينهن ٿي ويو. جڏهن پيرويءَ جي ماءُ کي اها خبر پئي تہ ڌيءَ تي زور وڌائين تہ اها ڪنهن ريت ان راڪاس کي ماري ڇڏي. پيروي ڀرين تہ راضي نہ پئي تي پر پوءِ گهٽو ڏباءُ پوڻ تي هڪ رات راڪاس کي گهٽو نشو پياري ٻي وس ڪري ڇڏيائين ۽ ڪنهن ٻئي اڇي راڪاس جي منڍي وڍي ڇڏي. ان واقعي ڪانپوءِ ديوتائن ان ديويءَ کي وردان ڏيئي پوڄڻ شروع ڪيو.

جڏهن راڪاس مارجي ويو تڏهن ديوتائن پيرويءَ کي ديويءَ جو رتبو ڏنو پر رشي ۽ مني ڪاوڙ جي ويا. انهن پيرويءَ کي پاراتو ڏنو تہ ڇاڪاڻ تہ هن ڪوڙ ۽ ڪپٽ سان راڪاس کي مارڻ جو ڪم ڪيو آهي تنهنڪري هاڻي ڪيس ڪڏهن بہ مڙس نہ ملندو ۽ جيڪو بہ هن سان شادي ڪندو سو ڪجهہ ڏينهن اندر مري ويندو.

ان روايت کي برقرار رکڻ لاءِ هر ڪماريءَ کي سڄي عمر شادي ڪرڻ جي اجازت ناهي. اها روايت اٽڪل ڇهہ سٺو سالن کان جاري آهي. تڏهن نيپال تي مل (ملهہ) راجائون حڪومت ڪندا هئا. مل راجائن جو ڪٽنب مرڪزي ڀارت کان مسلمانن جي حملن وقت ڀڄي هيڏانهن آيو هو. هيءُ اهي ساڳيا مل آهن جيڪي سنڌ ۾ ٺٽي ضلعي ۽ ڪراچيءَ جي ساموندي

ڪنارن تي آباد آهن. اهي راجائي ڪٽنب ڪشتري نسل جا آهن جن کي ملهه يدّ (جنگ) ۾ مهارت هئي. ملهه هوريان هوريان نمائشي جنگ ٿيندي وئي ۽ هاڻي سنڌ ۾ اها عوامي راند جي صورت اختيار ڪري وئي آهي. ملهه جو حوالو مهاڀارت ۾ وري وري موجود آهي.

جيئن ته ”ڪماري“ بلوغت کي پهچڻ ڪانپوءِ ”ڪماري“ نٿي رهي تنهن ڪري اها آزاد ٿي وڃي ٿي. ان ڪانپوءِ چاهي ته گهر وڃي سگهي ٿي يا وري ڪماري گهر ۾ رهي سگهي ٿي. ان قبيلي جو گهر هوئڻ به ڪتمنڊو ۾ ئي آهي. هر ڪماري انڪل اٺ ڏهه سال ان رتبي تي رهي ٿي.

مقامي ماڻهن ٻڌايو ته ڪن اڳوڻين ڪمارين لڪ چوريءَ ۾ شاديون ڪيون پر ڪڏهن به اهو نه ٻڌو ويو ته هيءَ ٻار فلاڻي اڳوڻي ڪماريءَ جو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪمارين جو ابارشن ڪرايو ويندو هجي ڇو ته سماج ۾ اهو خوف آهي ته ڪماريءَ کي ٻار ٿيڻ خراب سوڻ هوندو.

هوئڻ به شايد ئي ڪو اهڙو باهمت نوجوان هجي جنهن موت جي خوف کي پاسيرو رکي ڪماريءَ سان شادي ڪئي هجي. ڪهڙي خبر ته ڪنهن نوجوان عاشق همت ڪئي به هجي پر ان ڏند ڪٿا جي سنيال ڪندڙن ڏند ڪٿا کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيس مارائي ڇڏيو هجي!

چون ٿا ته ڪماريءَ جي موضوع تي رائل فلم ڪارپوريشن وارن هڪ فيچر فلم ٺاهي هئي جنهن جي ڪهاڻيءَ کي موڙي سوڙي ڏيکاريو ويو هو ته هڪ نوجوان ڇوڪري ڪماريءَ سان شادي ڪئي پر پوءِ ڪيس ڇڏي هليو ويو.

ڪماري ياترا هڪ ميلو آهي. ساڳئي ڏينهن تي اندرا ياترا به ٿيندي آهي. ان ڏينهن تي نيپال ۾ عام موڪل هوندي آهي.

بنگامتي Bungamati

کٽمنڊو شهر کان ڏکڻ ۾ تورڙي پنڌ تي بنگامتي نالي ننڍڙو شهر آهي، جنهن کي مقامي نيواري آباديءَ جو نمائندو شهر به چئي سگهجي ٿو. هتي موجود روايتن جي تاريخ ٿلهوربي ته ڳالهه وڃي حضرت عيسيٰ جي پيدائش واري زماني تائين پهچندي.

هونئن به نيپال تي نيواري قوم جا عقيدا ۽ تاريخ غالب آهي. سندن تاريخ ته شايد ايتري واضح حالت ۾ نه ملي پر سندن ماضي هاٿي عقيدن ۽ ڏند ڪٿائن جي صورت وٺي بيهي رهيو آهي جنهن جي کوج کو مقامي نيواري دانشور ئي نيڪ طرح ڪري سگهندو.

سمجهيو وڃي ٿو ته بنگامتيءَ وارو علائقو نيواري لوڪن ڇهين صدي عيسويءَ ۾ اچي وسايو. انهن زمينون سڌيون ڪيون، فصل تيار ڪيا ۽ اَن اُپايو، جانور پاليا ۽ ڌڻ وڌايو. ان ڪانپوءِ سرڪار بهادر انهن کي اَن اپائڻ ۽ مال پالڻ جو حق ڏيڻ لاءِ متن ٽيڪس وجهي ڇڏيا. اهي ٽيڪس ئي ته آهن جن پورهيت کي وڏي بار ۾ مڙهي ڇڏيو آهي. ڇا پيداوار وڌائڻ ڪو ڇڱو ڪم ناهي جو ان تي ٽيڪس جي نالي ۾ ڏنڊ مڙهيو وڃي؟ ٽيڻ ته ايئن ڪپي ته جيڪو پيداوار نه وڌائي ان تي ڏنڊ يا ٽيڪس مڙهيو وڃي. معاشيات جا اِهي ور وڪڙ نه ته پورهيت نيوارين کي سمجهه ۾ آيا هوندا ۽ نه وري پاڻ کي آيا آهن جو ته ان ٽيڪس جي بدلي ۾ جيڪي شهري سهوليتون

ماڻهن کي ملڻ ڪپنديون هيون. اسان اهي به ڏسي چڪا آهيون.

بنگامتي شهر پارهين صديءَ ۾ تڪڙي واڌ ڪاڌي ڇو ته شري ميڇندر ناٿ کي هتي هڪ وڏي ڀڳوان جي حيثيت ملي. روايت موجب شري ميڇندر ناٿ اوڀر طرف آسام کان هتي آيو. بهرحال، نيپالين لاءِ اهو اڃا تائين کوج طلب مسئلو آهي ته ميڇندر ناٿ واقعي ڪا اهم ڌرمي شخصيت هئي يا اهو ڪنهن پنڊت جو اهڃاڻ هو. اصل ڳالهه ڪجهه به هجي، هتي تاريخي ڳالهيون جهڙ پٽ ۾ اهم ڏند ڪٿائون بڻجي وينديون آهن. سو، شري ميڇندر ناٿ هتي اهم ديوتا آهي.

ڏند ڪٿا موجب کٽمنڊو جي بادشاهه مهاسدا گورکناٿ جي وچ ۾ هڪ عظيم ٽڪراءُ جي نتيجي ۾ هيءُ ديوتا هتي آيو. گورکناٿ جي مرضي هئي ته واديءَ ۾ ڏڪر ٿئي ته جيئن بادشاهه کي سيڪت ملي. هن ڇا ڪيو جو سيني ڳٺواڻ ڪاريهر نانگن کي جهلو ورتو. جيڪي اصل ۾ برساتون آڻڻ لاءِ ذميوار هئا. گورکناٿ نانگن کي ستي انهن مٿان ويهي پارنهن،ورهن تائين چلو ڪڍڻ شروع ڪيو. تان جو ڏڪر ظاهر ٿيو ۽ وادي سڪي ٺوٺ ٿي وئي.

ان حالت کي ڏسي بندو داتا نالي هڪ نجومي ۽ پوڄاريءَ بادشاهه کي صلاح ڏني ته اوڀر هندستان جي هڪ علائقي ڪامروپ ڏانهن هڪ وفد موڪلي گورک ناٿ جي گرو شري ميڇندر ناٿ کي ڪٽمنڊو اچڻ لاءِ چئجي. ڇاڪاڻ ته جڏهن گرو ڪٽمنڊو پهچندو تڏهن گورکناٿ کي گروءَ جي احترام ۾ نانگن تان اٿي بيهڻو پوندو ۽ نانگ آزاد ٿي ويندا. بادشاهه ان صلاح تي عمل ڪيو ۽ وڏي جاکوڙ کان پوءِ شري ميڇندر ناٿ کي ڪٽمنڊو اچڻ تي راضي ڪيو ويو. ميڇندر ناٿ جنهن ماڳ تي اچي بيٺو هو سو بنگامتي ڳوٺ هو.

سو، جڏهن گورکناٿ پنهنجي گروءَ جي آمد بابت ٻڌو ته احترام وچان اٿي کڙو ٿيو، نانگ آزاد ٿي ويا، برسات پئجي وئي ۽ ڏڪر ختم ٿيو. انهيءَ ڪري ٻڌن ۽ هندن ميڇندر ناٿ کي برسات جي ديوتا جو درجو ڏيئي

چڙهيو. اڄڪلهہ سندس ميلو (ياترا) بهار جي پڇاڙيءَ کان وٺي مانسون جي منڍ تائين لڳندو آهي.



بنگا متيءَ ۾ رتي مڇندر ناٿ جو مندر

بنگامتيءَ جي ٻي خاص ڳالهہ اها آهي تہ اهو ماڳ ڪريا ونايڪ گڻيش ۽ هياگريوا ڀيرو ديوتائن جو گهر بہ آهي. جيڪي ٻڌ هندن ۽ ٻڌن وٽ مقبول آهن. پر هن شهر تي هندن کان اڳ ٻڌن جو قبضو هو. باوجود ان جي تہ بنگامتيءَ ۾ گهٽي ٽي ذاتيون ۽ عقيدن وارا ماڻهو آهن پر جيڪڏهن ڪا هستي انهن سڀني کي هڪ هنڌ جمع ڪري ٿي تہ اهو مڇندر ناٿ آهي.

مڇندر ناٿ جو بت هر سال ڇهن مهينن لاءِ ۽ هر ٻارهن سالن کان پوءِ هڪ ڀيرو ڪاٺ جي هڪ شاهي رٿ تي پاٽن (کٽمنڊو لڳ هڪ ٻيو شهر) آندو ويندو آهي. ان رٿ جي تياري سالن ۾ هلندي آهي. زبردست ريتن رسمن سان اهو بت رٿ تي سوار ڪيو ويندو آهي ۽ رٿ کي هفتن تائين شهر ۾ هوريان هوريان ڇڪيو ويندو آهي. رٿ جتي جتي بيهندو آهي اتي پاٽن جا ماڻهو ديوتا کي ناچ، گيتن، گلن ۽ کاڌي جي پيٽا ڏيندا آهن. پاٽن ۾ مڪمل سرڪس کان پوءِ بت واپس سندس گهر بنگامتي موڪليو ويندو آهي.

ڀنگامتيءَ جي ماڻهن ڪنهن سٺي ماڻهوءَ کي ڀڳوان ته ٻڌائي ڇڏيو پر سندن حالت اڃا تائين نه سڌري آهي. هي شهر هن وقت هنر مندن، قالين سازن، ڪاٺ تي اُکر جو ڪم ڪندڙ ڪاريگرن. چانور ۽ ڪڻڪ اپائيندڙ پورهيتن جو شهر آهي پر انهن جي محنت کٽمنڊو جا واپاري ٻڌي اگهه تي کڻي ويندا آهن ۽ پنهنجو هيڪاندو نفعو رکي دولت ميڙيندا آهن.

ڏک صرف ان ڳالهه جو ٿئي ٿو ته حڪومت کي انهن شهرين جي حالت سڌارڻ سان دلچسپي ڪجهه گهٽ نظر اچي ٿي پر ان ۾ دلچسپي وڌيڪ آهي ته نيپال جي قديم تهذيب جيئن جو تيئن ٺي رهي ته جيئن پرڏيهي سياح قديم نيواري تهذيب جو اصل رنگ ڏسي خوش ٿين ۽ ايندا رهن پئسا خرچ ڪندا رهن ۽ پرڏيهي ڪرنسيءَ جا نيپال ۾ ڍڳ لڳي وڃن.

چوءماسو

چوماسو نيپالي شاعرن ۽ ناول نگارن لاءِ وڏي اتساهيندڙ مند آهي، بالڪل ايئن جيئن سنڌ ۾ وسڪارو. هن مند ۾ نيپال جي سونهن جوبن ۾ اچيو وڃي.

ماڙيءَ چڙهي ڏٺم، پکا پنهوارن جا،
هڪ اڱي ٿي سهڻا، ويتر مينهن اُٺانِ. (لطيف)

ليکناٿ پائوڊيل ۽ لڪشمي پرساد ديوڪا اهڙا شاعر آهن جن نيپال تي شايد سڀ کان سهڻي ساعري ڪئي آهي. ڪن ۾ چو نه؟ سچ پچ ته هن

مند ۾ سڄو نيپال ڇهچ سائو غاليچو بڻجي وڃي ٿو. هاري ناري خوشحال ٿي وڃن ٿا ۽ پوکيءَ کي جنبي وڃن ٿا.

وسڪاري مهل نيپالي ماڻهو خوشيءَ ۾ پرجي وڃن ٿا. جڏهن آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڇانئجي وڃي ٿو تڏهن ورن واريون ورن سان گڏجي ڪنوڻين جا چمڪاٽ ڏسن ٿيون. جن جا ور روزگار سانگي ٻاهر ويل هوندا آهن. اهي وڇوڙي جا گيت ڇپن تي ڪٽي اداس نظرن سان جابلو پيچرا ۽ آڪاس گهوريندي يون آهن نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا پيارجا گيت ڳائيندا آهن. سچ پچ ته نيپال جون ماڻريون زندگيءَ سان اپامڻ لڳن ٿيون.

چؤماسي ۾ آڪاس بادلن سان ڍڪجڻ لڳندو آهي ته هارين جون اکيون اميد ۾ چمڪڻ لڳنديون آهن. بالڪل ايئن جيئن ڪاري اپ تي ڪنوڻ چمڪاٽ ڪندي آهي. هاري هر سنيالي ڀنين ۾ نڪري پوندا آهن. ڪو بہ گهر ۾ ڪو نہ گهاري. ٻيجارا پوکيا ويندا، رونبو ٿيندو ۽ تورن ئي ڏينهن ۾ ماتريون سايون ٿي پونديون. ان پڇندو تہ رنگ بدلجي سونهري ناسي ٿي پوندو.

پهريان مينهن پوندي ئي ڌرتيءَ تي سائو قالين وڇائجي وڃي ٿو ۽ جانورن جا سلا ڪر ڪٽي اٿي بيهن ٿا. نڪرين تان پکي اڏامي اچي وادين جي وڻن تي ديرو ڄمائيندا آهن ۽ پوپٽ رنگ وڪيرڻ لڳندا آهن.

نيپال ۾ رونبي مهل جشن جهڙو ماحول ٿيو وڃي، رونبي کان اڳ رتي (ڳاڙهي) مڇندر ناٿ جو ميلو ملهايو ويندو آهي، جنهن کي ماڻريءَ ۾ برساتن جي ديوتا جي حيثيت حاصل آهي.

نيپال ۾ چؤماسي جون هوائون ۽ مينهن بنگال جي اپسمنڊ کان جُون مهيني ۾ اچن ٿا ۽ سيپٽمبر تائين مانسون جي مند جاري رهي ٿي. وڏا مينهن جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ پون ٿا. ٻنهي مهينن ۾ سراسري برسات اٽڪل ٣٠ سينٽي ميٽر پوي ٿي، جنهنڪري نديون پرجي پرجي اٿلن ٿيون.

چؤماسي کان اڳ يعني اونهاري جي پهرين مهين ۾ ئي نيپالين جون اکيون آڪاس ڏانهن کڄي ويندئون آهن. هر ڪنهن کي چؤماسي جو انتظار هوندو آهي ۽ جيئن ئي چؤماسي جا پهريان ڪڪر ماٿريءَ جي سير تي ايندا آهن، ماڻهو امالڪ چوندا آهن، "اجهو گرمي پوري ٿي!"

اِندر ياترا

راجا اِندر هندو ڌرم جو اهم ديوتا آهي. انسان جي جدوجهد جي تاريخ ۾ هن ديوتا کي هڪ عظيم سپه سالار جي حيثيت سان ڏٺو ويجي ٿو. هڪ ٿيسز موجب جڏهن آرين سنڌو ماٿريءَ تي آخري ۽ جاندار حملا ڪري دراوڙ لوڪن جا قلعا ۽ شهر ناس ڪيا تڏهن انهن جي اڳواڻي راجا اِندر ڪري رهيو هو جيڪو وقت سان گڏوگڏ ديوتائي رتبو حاصل ڪري ويو. هاڻي اندر برسات سان گڏ بهشت جو ديوتا به آهي.

آرين جي فتح کان پوءِ جڏهن جنگ ۽ جنون ڪجهه ماٺو ٿيو ۽ آريا لوڪن جو ڌيان پنهنجي پاري ۽ زرعي مسئلن ڏانهن ٿيو تڏهن انهن کي هڪ اهڙي ديوتا جي ضرورت پئي جيڪو آبپاشيءَ جو نظام سنڀالي سگهي. ظاهر آهي ته تڏهن آبپاشيءَ جي نظام ۾ برساتن کي اهميت هئي. انڪري آريا لوڪن راجا اِندر کي برساتن جي ديوتا جي حيثيت ڏيئي ڇڏي. اڄ به سنڌ ۾ برسات کانپوءِ جڏهن آڪاس ۾ ست رنگي ڪمان نظر ايندي آهي ته ان کي "اندلٺ" چيو ويندو آهي يعني "اِندر لٺ". اها ڪمان اِندر جي حڪم سان برسات جي خاتمي لاءِ حڪم جو درجو رکي ٿي.

نيپال ۾ اِندر جي ان ئي صفت جي حوالي سان "اِندر ياترا" ٿئي ٿي. جيڪو منڊ جو ڏاڍو ڊرامائي ۽ رنگين ميلو آهي. هن موقعي تي ماڻهو مختلف قسمن جا نقاب پائي نچن ٿا ۽ ناچ ناچ ۾ مختلف قسمن جا ڊراما رچائين ٿا. اهي نقاب اڪثر ڪري راڪاسن جا هوندا آهن جيڪي خلق کي

آزارين ٿا ۽ نيٺ انهن کي قتل ڪيو ويو ٿو. ڏند ڪٿا موجب راجا اِندر هندوستان مان راڪاسن (دراوڙن) جي پاڙ پٽي هئي. ڪٺمنڊو ۾ چؤماسي جي مند جولاءِ آگسٽ آهي ۽ هوائون اوله اپڪنڊ کان اچن ٿيون.

هن موقعي تي سڄي نيپال مان هندو توڙي ٻڌ هنومان ڍوڪا جي پراڻي شاهي محل ويجهو جمع ٿين ٿا جتي خود بادشاهه سلامت ۽ راڻي به ڪماري ديويءَ جي سلامي پرين ٿا. هو سيئي ورتر اسر تي راجا اندر جي سوڀ ملهائين ٿا. ورتر اسر تي الزام آهي ته هن ڪنهن وقت درياهن ۽ ڍورن تي بند ٻڌي پاڻي روڪي ڌرتيءَ تي وڏو ڏڪار آندو هو جنهن ڪري هزارين ماڻهو بک کان مري ويا هئا. اها ٻي ڳالهه آهي ته قديم آثارن جي ماهرن جي خيال موجب راجا اِندر دراوڙ لوڪن جو آبپاشيءَ وارو قديم نظام تباهه ڪرڻ لاءِ دراوڙ لوڪن جا ٺاهيل قديم بند ڀڳا هئا. اهڙن قديم بندن جا اهڃاڻ اڄ به سنڌ جي ڪيرٿر جبل ۽ بلوچستان ۾ موجود آهن. جيڪي مهين جي دڙي واري زماني ۾ يا ان کان اڳ ٺاهيا ويا هئا.

هندو ڏند ڪٿا موجب ورتر اسر کي سيڪت ڏيڻ لاءِ وشنو ڀڳوان راجا اِندر کي هڪ هٿيار اِندر دواج ڏنو هوجيڪو هڪ وڏي خوشبودار ٿڙ جهڙو هو. هاڻي اهو ئي هٿيار راجا اِندر جو اهڃاڻ آهي. هنومان ڍوڪا وٽان جڏهن اهو علامتي نشان کنيو ويندو آهي تڏهن اندر ياترا شروع ٿيندي آهي. پر حقيقت ۾ اِندر ياترا ان کان به اڳ شروع ٿيندي آهي، تڏهن کان جڏهن کان ٻيلي ۾ ان ٿڙ جي تلاش لاءِ مترر ٽيل ٽولي نڪرندي آهي.

اندر ياترا جي پويان ڪٿا اها آهي ته هڪ ڀيري بهشت جي ديوتا راجا اندر جي ماءُ پنهنجي پٽ کان "پرجيت" گل جي فرمائش ڪئي جنهن ۾ مٺي خوشبوءِ هوندي آهي. ڪيس اهي گل ساليانا برت (روزو)۽ غسل جي رسم لاءِ کپندا هئا. مشڪل اها هئي ته بهشت ۾ سڀ گل هئا. سواءِ ان گل جي. اهو گل فقط ڪٺمنڊو واديءَ ۾ هو.

راجا اندر کي چاڪاڻ تہ چوريءَ جو ڪو به تجربو نہ هو



اِندر جو ميلو

تنهنڪري ڪٺمنڊو جي ماڻهن ڪيس پڪڙي ورتو ۽ رسين سان ٻڌي ڇڏيو. جڏهن ڪجهه وقت لنگهي ويو تڏهن راجا اندر جي ماءُ ڪي ڳڻتي ٿي ۽ هوءَ پٽ کي ڳوليندي ڳوليندي زمين تي لٿي ۽ ڪٺمنڊو پهتي. تڏهن ماڻهن کي خبر پئي ته اسان جنهن کي رواجي ماڻهو سمجهي چوڪنيو ٻڌو آهي سو اصل ۾ بهشت جو بادشاهه آهي. ان ڪانپوءِ ماڻهن راجا اندر جي مان ۾ وڏي ميلي جو اهتمام ڪيو.

"اندرا دواج" جي ڳولا ۾ سرڪاري عملدارن ۽ پوڄارين جو هڪ جٿو پڳت پور ڪان هڪ ٻڪر سميت ٻيلي ۾ گهڙندو آهي. ٻڪر کي ڇڏيو ويندو آهي ته ٻيلي جيڏانهن وٺيس تيڏانهن وڃي. وقت جي ڪا به پابندي ناهي ٻڪر .پيو ڦرندو ۽ جٿو پويان پويان ان وقت تائين پيو هلندو جيستائين وڃي ٻڪر ڪنهن مناسب ٽڙ جي نشاندهي ڪري. ٻڪر جيئن ئي ٽڙ جي نشاندهي ڪندو آهي تيئن ئي ڪيس قربان ڪري ٻيون رسمون ڪيون وينديون آهن. وڻ کي چانگي وڏي ڀرين پڳت پور آندو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪٺمنڊو پهچايو ويندو آهي.

اندر دواج هنومان ڍوڪا وٽ ڪٺمنڊو دربار اسڪوائر جي ٻاهران بيهاريو ويندو آهي. ان مهل هزارين ماڻهو جمع ٿي اهو منظر ڏسندا آهن ته اندرا دواج کي ڪهڙيءَ طرح ٿلهن رسن جي مدد سان کڻي ۽ اڀو بيهاريو وڃي ٿو. هيءَ اها گهڙي آهي جنهن سان اِندر ياترا شروع ٿئي ٿي.

اِندر جي نشان سان گڏ ڀيرو ديوتا جو بت ۽ ٻيا بت مندرن مان ڪڍي گهٽي ۾ هڪ سينگاريل پليٽ فارم تي رکيا وڃن ٿا ته جيئن اهي به عوام سان گڏ ميلو ڏسي خوش ٿي سگهن.

دربار اسڪوائر ۽ ڀرپاسي جو علائقو ناچ ۽ ڊرامن جو مرڪز بڻجي وڃي ٿو. هيءُ موقعو ريشمي ڀڙڪندڙ ڪپڙا، شوخ رنگ ۽ پوائنٽا ڀروپ پاتل ڀوپن لاءِ عيد آهي. هيءُ ڀوپا هن موقعي تي اهڙو تاثر ڇڏڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جيڪو هر هڪ کي هميشه ياد رهجي وڃي.

جيتوٽيڪ ناچ. ٽيا ۽ ٻرا ماسڪ ڪين ٽڪائي نيوڙي ۽ ڀڳهر ۾ شل ڪري وجهن ٿا. پر تڏهن به هو جسم ٽڙڪائيندا ٽيا ڏيندا ۽ ناٽڪ رچائيندا رهن ٿا. مون ڪيئي ناچو هن موقعي تي بي وسيءَ وچان ٽڙندا ۽ پاڻ سنڀاليندا ڏٺا.

اهي پوپا راڪاسن جو ڀهروپ ڌاريل هوندا آهن. چيو ويندو آهي ته راڪاسن ۽ ديوتائن جا روح انهن ڀهروپين ۾ گهڙي ويندا آهن ۽ حقيقت جو مظاهرو ڪندا آهن. خود انهن ڀهروپين کي به پلارو سمجهيو ويو ٿو. هتان جي مقبول "لکي ناچ" بابت چيو وڃي ٿو ته "ماجي پت لکي" نالي هڪ ماڻهو جا هڪ نوجوان ڇوڪريءَ سان ناجائز ناتا هئا تنهنڪري ديوتائن مٿس اندرا ياترا جي موقعي تي ناچ جي سزاڪرڻ مڙهي ڇڏي. هاڻي جيڪو به لکي جو ڀهروپ رچائيندو آهي، ان ۾ لکي جو روح گهڙي ويندو آهي.

خارباز ڀيرو ديوتا ۽ خادمن سان گڏ ساوو ڀکو (Sawo Bho-ku) ناچ ۾ نڪرندو آهي. سندس ريجهڻ ۽ پرچڻ جي واٽ نقط اها آهي ته ڪيس جانورن جي رت جي قرباني ڏني وڃي. هن ئي موقعي تي هاٿيءَ جو ناچ به پيش ڪيو وڃي ٿو جيڪو پڻ هڪ ڀهروپيو ڪندو آهي.

ڪماري ياترا ۽ اندرا ياترا جا موقعا گڏوگڏ ٿين ٿا. اندرا ياترا جي ڪيئي ڏينهن ۾ ڪماريءَ جو رٿ شهر جي مختلف حصن ۾ ڦيرايو وڃي ٿو جنهن سان گڏ ناچو ۽ ڳائڻا هوندا آهن. اندرا ياترا جي پڇاڙڪي ڏينهن تي شام جو ڳاڙهين ساڙهين ۾ ڳوڻاٽيون عورتون اندرا چوڪ تي گڏ ٿين ٿيون جتي ناچ ڳانا ٿين. آخري ڏينهن تي اندرا دواج کي ڏاڍي مان شان ۽ موسيقي تي لاٿو وڃي ٿو. قربانيون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ تقريب ٿئي ٿي. ڀيرو ديوتا کي ڀيٽائون ڏيڻ ڪانپوءِ اندر دواج وارو ٿڙ ڀاڳمتي نديءَ تي آندو وڃي ٿو. جتي پوڃا پاٺ ڪانپوءِ ان کي ٽڪر ٽڪر ڪيو وڃي ٿو ۽ اهي ٽڪر ٻاهم جي ڳاڙهين چيين جي حوالي ڪيا وڃن ٿا.

هي ميڙو جيئن تہ ڪماري ياترا سان ڳنڍيل آهي تنهنڪري ان جو مکيہ ڏينهن ۽ وقت پنڊتن جي مهورت ڪڍڻ سان طئہ ٿئي ٿو. پر بنيادي طرح سان هيءُ ميڙو چؤماسي جي پڇاڙيءَ جو اعلان آهي. يعني برساتن جي خاتمي ڪانپوءِ "اندلٽ" جو ظاهر ٿيڻ آهي. اندلٽ جو نڪرڻ برساتن جو خاتمو سمجهيو ويندو آهي. جڏهن تہ "اندر دواج" بہ ساڳي شئي جو نيپالي روپ آهي. فرق اهو آهي تہ سنڌ ۾ انڊ لٺ جا قدرتي رنگ آڪاس تي ڏسبا آهن. جڏهن تہ نيپالي ماڻهو پنهنجن جذبن ۽ ناٽڪن سان ساڳيا رنگ زمين تي وکيرين ٿا ۽ آسمان ۾ اندلٽ ڳولڻ بدران پڪٽ پور جي پرسان پيلي مان انڊ لٺ (اِندر دواج) ڳولي ڪڍي اچن ٿا.

رتو مڇندر ناٿ

برسات، خوراڪ ۽ اَن جو ديوتا

نيپال زرعي ملڪ آهي جنهن جي نوي سيڪڙ آباديءَ جو دارومدار پوک تي آهي. ملڪ جو زرعي نظام اڃا تائين اوائلي دور ۾ آهي ۽ پوکيءَ مهل هٿ جا اوزار استعمال ٿين ٿا. جديد ٽيڪنالاجيءَ اڃا تائين پکوانن جي پونءِ تي گهڻو اثر نہ وڌو آهي. ان ڪري مقامي هاري پنهنجي سادگيءَ وچان پکوانن تي ڀاڙين ٿا. ظاهر آهي تہ ڪين بهتر پوک لاءِ بهتر برساتون گهرجن ۽ بهتر برساتن لاءِ ديوتائن کي راضي رکڻ جي جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي.

نيپالين جو خيال آهي تہ برساتون آدي ناٿ ۽ مڇندر ناٿ جي هٿ ۾ آهن. جيتوڻيڪ اندر ديوتا بہ برساتن جو ديوتا آهي. پر ايئن ٿو لڳي تہ مڇندر ناٿ جو ڪم برساتن کان پوءِ شروع ٿئي ٿو ۽ هو بنيادي طور تي کاڌي خوراڪ ۽ اَن جو ديوتا آهي.

نيپال ۾ چؤماسي جا ڏينهن جُون مهيني جي وچ کان آگسٽ جي

پڄاري تائين هوندا آهن پر نيپالي هاري خاص ڪري ڪٺمنڊو واديءَ جا هاري "جياپو" گهڻو اڳ کان مند بابت سوچڻ لڳندا آهن، نيٺ به سندن خوشحاليءَ جو مدار انهيءَ تي ٿي آهي. اهو مينهن ئي ته آهي جيڪو ڪين معاشي ڏکن کان آجو ڪري ٿو.

هڪ نيپالي ڪٿا موجب هڪ ڀيري ڪائنات جي آقا آدي ناٿ پنهنجي زبردست سيني ديوتائن جي گڏجاڻي ڪوٺائي جنهن ۾ سڀ ديوتا اچي حاضر ٿيا پر رتو مڇندر ناٿ نه آيو. هن جوابي نياپو موڪليو ته هو اَن اپائڻ ۽ رعيت جي سنڀال ۾ مصروف آهي. نياپو پڙهي آدي ناٿ پنهنجي بي عزتي محسوس ڪئي ۽ تپي باهه ٿي ويو. ان ڪاوڙ ۾ هن مڇندر ناٿ جي شهر پاٽن ۾ وسڪارو روڪي ڇڏيو، سارين جي رونبي جو وقت اچي سهڙيو پر برسات نه پئي ۽ ڏڪار پئجي ويو.

هاري ناري پنهنجن کيتن ۾ بيڪار ٿي ويا. مڇندر ناٿ همت نه هاري ۽ هڪدم مهر هلائي ته مينهن ڪانسواءِ رونبو شروع ڪيو وڃي. هن جا ڪيو جو هڪ پوڙهي ۽ تجربيڪار هاريءَ جو روپ ڌاري کيتن ۾ نڪري پيو ۽ هارين کي رونبي جي صلاح ڏيڻ لڳو. ماڻهن سندس ڳالهه مڃي. نتيجو تمام سٺو نڪتو، جيتوڻيڪ سارين قد نه ڪيو پر انهن هميشه کان وڏا سنگ جهليا، ٻئي طرف آدي ناٿ جي علائقي ڪٺمنڊو ۾ سارين قد ته ڪيو پر اَن نه لٿو. ان واقعي آدي ناٿ کي قائل ڪيو ته سچ پچ رتو مڇندر ناٿ رعيت جي خدمت جي جذبي سان سرشار آهي. ان کانپوءِ آدي ناٿ رتي مڇندر ناٿ کي وڏي عزت ڏيڻ شروع ڪئي.

رتي مڇندر ناٿ جي ميلي جي اهم رسمن مان هڪ رسم شاندار رٿ جي تياري آهي. جيڪو نِماڙ جاءِ جيترو ٿئي ٿو. اهو رٿ ايترو وڏو ٿئي جو سؤ کن ماڻهو ان کي ڇڪين ٿا. جيئن ئي چوماسي جي مند جو اعلان ٿيندو، ڪٺمنڊو جا جياپو هاري رتي مڇندر ناٿ جو رٿ شهر جي مختلف علائقن ۾ گهمائڻ لڳن ٿا.

پاٽن شهر ۾ رٿ ڇهن مختلف جاين تي ڪجهه راتيون ترسايو وڃي ٿو. چار جايون علامتي طور تي ڇهن مختلف ڏسائن ۾ چار مختلف دنيائون آهن جتي رتي ميڇندر ناٿ جو راڄ آهي. رٿ ياترا جي موقعي تي ديوتا جا پوڄاري پٽل جي ٿانون ۾ چانور ڀري انهن مٿان سينڌور يا ڳاڙها ڦڪا گل رکي ديوتا کي پيئا ڏين ٿا.

نيپالين جو خيال آهي ته رتوميڇندر ناٿ ڇهني ڏسائن ۾ نڪري اها پڪ ڪرڻ گهري ٿو ته عوام وٽ مناسب مقدار ۾ خوراڪ موجود آهي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته ماڻهو پنهنجي روزاني استعمال جي سهٽين ٿالهين ۾چانور ڀري اچن ته جيئن ديوتا کي خبر پوي ته وٽن کائڻ لاءِ مناسب مقدار ۾ اَن آهي.

رتي ميڇندر ناٿ جو ميلو دهلن ڏمامن سان ٿئي، مقامي ساز "ڏيمي" ۽ "پوشوا" هر ميڙي وانگر هن ميلي ۾ به استعمال ٿين. ڏيمي دهل آهي ۽ پوشوا پٽل جون وڏيون تراڪڙيون ٿالهيون آهن جيڪي جڏهن پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿيون ته سڄي ماحول ۾ ارتعاش اچيو وڃي. سال ۾ هڪ ڏينهن اهڙو به آهي جڏهن رتي ميڇندر ناٿ جا شيدائي سندس مجسمي کي وهنجارين ٿا. اهو ديوتا کي وهنجارڻ جو ميلو آهي.

ماڻهو پاٽن ۾ لاڳن خيل ۾ اچي جمع ٿين ٿا ۽ پوتر پاڻي ديوتا جي بت تي هارين ٿا. پوڄاري ڇهني ڏسائن کان ٽِي بيهن ٿا ۽ چانديءَ جا چار وڏا مگ ڀري تيار ٿي بيهي رهن ٿا. جيئن ئي وڏو پوڄاري پاڻي وجهڻ لاءِ ٺيڪ گهڙيءَ جو اعلان ڪري ٿو، ڇهني پاسن کان بيٺل پوڄاري بت تي پاڻي وجهن ٿا. ماڻهن جو خيال آهي ته جنهن پاسي کان ڀرين پاڻي پوندو، ان طرف بهتر فصل لهندو.

چون ٿا ته اها رسم ڏسڻ لاءِ نانگ آسمان تان لڙڪي هيٺ اچن ٿا. ڏند ڪٿائن ۾ نانگن کي پاڻيءَ جي روحن جي حيثيت حاصل آهي، ظاهر آهي ته نانگ آڪاس مان نٿا لهن، پر ان کي ڇا ڪجي جو هن موقعي تي

اڪثر جذباتي ماڻهن کي اهو اٽيٽو منظر نظر ايندو آهي ۽ اهي رڙيون ڪري هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا آهن ته هن ايئن ڏٺو.

رتي مڇندر نات جي رٿ ياترا ۾ فقط هڪ رٿ نه هوندو آهي. سندس ڪڏ ڪڏ هڪ ٻيو رٿ چڪوا ديو جو هوندو آهي، جيڪو سندس سڀ کان ويجهو ساٿي هو. چڪوا ديو جو رٿ رتي مڇندر نات جي رٿ کان ننڍو پر اوڏو ئي شاندار هوندو آهي. مڇندرنات جو رٿ ان محل تائين ڪو نه ڇڪيو ويندو آهي. جيسين چڪوا ديو جو رٿ نتو پهچي. ان کان پوءِ ئي صحيح معنيٰ ۾ ميلو شروع ٿئي ٿو. رٿ ياترا ويساک مهيني جي چوڏهين رات کان شروع ٿئي ٿي ۽ لڳ ڀڳ هڪ مهينو هلي ٿي. پر ان جو دارومدار هڪ ته نجومين جي حساب ڪتاب تي هوندو آهي ۽ ٻيو رٿ ڇڪيندڙ همراهن جي همت تي.

چڪوا يا چڪنبا نيواري ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "اهو ديوتا جيڪو جهرڪي جي چونڊيل ماڳ تي رهي ٿو" ڏند ڪٿا ۾ ايئن ٿي چوي ته هن ديوتا پنهنجو مندر اتي جوڙيو، جنهن جاءِ تائين هڪ جهرڪيءَ سندس رهنمائي ڪئي. ان ڪري اڄ به اها رسم باقي آهي ته جيئن ئي رٿ ياترا پوري ٿئي، جهرڪين جو هڪ جوڙو اڏاريو ويندو آهي. نيپالين جي عقيدي موجب جهرڪين جو اهو جوڙو بهشت ۾ وڃي راجا اندر کي اطلاع ڏيندو آهي ته چڪوا ديو جي رٿ ياترا وارو ميلو ڏرتيءَ تي ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿيو آهي. ساڳي طرح مندر جو پوڄاري ميڇين جو هڪ جوڙو تلاءُ ۾ ڇڏيندو آهي جيڪو پاتال ۾ وڃي نانگن جي راجا کي ساڳيو اطلاع ڏيندو آهي.

مڇندرنات جا ٻه چيلا سنڌ ۾ به مشهور آهن، گورک نات ۽ راجا ڀرتري. گورک نات سان منسوب جبل، کوهه، ٻيون جاين نشان ۽ تيرٿ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ آهن. راجا ڀرتري بابت سنڌي هندن جو خيال آهي ته اهو لال شهباز قلندر هو.

ناڳا پنچمي

جانورن جي پوڄا هندو مت ۾ عام آهي. قديم آثارن جا ماهر هندو مت کي آرين سان منسوب ڪن ٿا پر اها ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ آريا لوڪ (جيڪڏهن آريا مان مراد اتر کا آيل حملي آور لوڪ سيمجهي وڃي) نانگن جي پوڄا ڪو نہ ڪندا هئا. اها گهڻو پوءِ جي ڳالهہ آهي جو پراڻن ۾ نانگ پوڄا لاءِ هدايتون جاري ٿيون. ان بنياد تي قديم آثارن جي اڪثر ماهرن جو خيال آهي تہ نانگ پوڄا دراوڙن وٽ عام هئي ۽ پوءِ هوريان هوريان اها پوڄا آرين بہ اختيار ڪئي.

قديم مصر جي فرعونن جي تاج تي نانگ نظر اچي ٿو، پر ان کان بہ اڳ مهن جي دڙي مان لڌل ڪجهہ مهرن تي نانگ اڪريل ملن ٿا. اهي نانگ انهن مورتين تي اڪريل آهن جن ۾ مها يوگي (شو) تپسيا ۾ مصروف آهي. نيپال ۾ نانگ پوڄا ڪڏهن کان جاري آهي؟ ان جو ڪو بہ پتو ڪونهي. البت نيپالي ڏند ڪٿائن موجب جڏهن ڪٽمنڊو وادي هڪ وڏي ڍنڍ هئي، تڏهن ان ڍنڍ ۾ نانگن جي آبادي هئي ۽ اڄ بہ ڪٽمنڊو جي ڏکڻ ۾ موجود "تؤ ڏا" ڍنڍ ۾ نانگن جو راجا ڪارڪوٽڪ رهي ٿو. ڪٽمنڊو جو هڪ پراڻو نالو "ناڳا ڏا" آهي، يعني "نانگن جو پراڻو گهر".

رگ ويد ۾ نانگن بابت هڪ حوالو ڏنائي ٿو تہ نانگ جي ڪک جو اثر ڪيئن ختم ڪجي. البت پراڻن مان ڳرڙ پراڻ ۽ اسڪند پراڻ چون ٿا تہ ناڳا پنچمي ڏينهن تي ناگ پوڄا سان امن ۽ خوشحالي قائم ٿئي ٿي. نارد پراڻ چوي ٿو تہ نانگ کي کير پيارڻ سان ماڻهو هڪ سال لاءِ نانگ جي چڪ کان بچي وڃي ٿو، جڏهن تہ ڀويشيا پراڻ چوي ٿو تہ جيڪڏهن

پوري ڏيان سان نانگ پوڄا ڪئي وڃي ته ماڻهو سڄي عمر ڪنوڻ کان بچيل رهندو.

بهرحال، اها ڳالهه سچي آهي ته آريا سماج ۾ نانگ کي ديوتا جو درجو گهڻو پوءِ مليو. هاڻي نيپال ۾ نانگ پنچمي سانوڻ جي ٻئي هفتي جي پڇاڙيءَ تي (جولاءِ) چوڏيهنءَ واري ڏينهن ملهايو وڃي ٿو.

ان ڏينهن تي نانگن کي مٺايون ۽ ڳئونءَ جو کير آڇيو وڃي ٿو. هاڻي به نيپالي ۾ عام ڏينهن تي جڏهن ڪو نانگ ڪنهن گهر ۾ گهڙي پوي ٿو ته خوشبوءِ ٻاري خير جون دعائون گهريون وڃن ٿيون. ڇا به هجي، اڄڪلهه نانگ کي دولت جي محافظ ۽ برسات ۽ پاڻيءَ سان لاڳاپيل ديوتا جي حيثيت مليل آهي ۽ هاڻي ان حوالي سان سڄي اپکنڊ ۾ عجيب ۽ پراسرار آکاڻيون پکڙجي چڪيون آهن، جن کي فقط سائنس جي ڦهلاءَ سان ئي ختم ڪري سگهجي ٿو.

اولو ڪيتيسورا

اولو ڪيتيسورا ديوتا جا ڪيئي نالا ۽ رنگ روپ آهن. پر ان بنيادي نالي کي بنيادي حيثيت آهي، نيپال جو هيءُ شايد اڪيلو ديوتا آهي جنهن کي انسانن جو ايڏو اونو آهي جو خدمت ۽ مقبوليت ۾ سيني کان اڳ ڪيدي ويو آهي.

نيپالي ماڻهن جو خيال آهي ته مصيبت جي وقت ۾جيڪڏهن اولوڪيتيسورا کي سڏبو ته هو هڪدم مدد لاءِ اچي پهچندو. هيءُ ديوتا انسانن جا ڏک ۽ پوڙنائون ڏسي نٿو سگهي. ٻڌ لوڪن جي هزارها ننڍن ننڍن ديوتائن جي پيٽ ۾ اولوڪيتيسورا جي مقبوليت جو ڪاٿو ئي ڪونهي.

ڪيس انڪل ١٠٨ روپن ۾ پوڄيو وڃي ٿو. سندس سڀ کان وڌيڪ پوڄجندڙ روپ ”آدي ناٿ اولوڪيتيسورا“، ٻن گم اولوڪيتيسورا (رتو مڇندر) ۽ سيتو پدما پني اولو ڪيتيسورا آهن. ڪيس ٻارهن مهينن ۾ جدا جدا نالن سان بہ پوڄيو وڃي ٿو. اهي روپ نيپال جي ”جياپو“ ۽ شاڪيہ“ برادرين ۾ ڏاڍا مقبول آهن.

جڏهن نيپالي ماڻهو ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسندو آهي تڏهن اولوڪيتيسورا کي ڏيان ۾ آڻي دعا جي هڪ سٽ اچاريندو آهي، ”تري مام!“ يعني ”مونکي هن مصيبت مان بچاءِ!“ هي ديوتا فقط ٻڌن ۾ ئي مقبول ناهي، هندو لوڪ بہ سندس پوڄاري آهن. ڪٺمنڊو وادي سندس ٻتن سان ڀري پئي آهن، پر سندس سڀ کان سهڻا بت ٻڌن جي وهارن ۾ آهن.

وِهارو معنيٰ اها جاءِ جتي ٻڌ پوڄاري رهن ٿا. شايد اهو ئي لفظ آهي جنهن جي سنڌيءَ صورت ويهڻ، ويهارڻ ۽ ويهہ وغيره آهي. نيپاليءَ ۾ ”وهارو“ بدلجي بهال ٿيو آهي. ”و“ ”ب“ ۾ بدليو آهي ۽ ”ل“ ”ر“ ۾. ان ڪري اڄڪلهہ شهر نيپالي وهاري جي نالي پويان لفظ بهال نظر اچي ٿو. مثال طور انهن ئي وهارن جا نالا ڪڍجن جن ۾ اولو ڪيتيسورا جا سهڻا بت رکيل آهن: اِتوم بهال، ڪَنڪ مُني بهال، ڪوا بهال ۽ اُبهال وغيره.

ٻڌ ڪن ڪتابن ۾ اولوڪيتيسورا بابت هڪ دلچسپ ڪٿا ڄاڻايل آهي، ”ٻڌي گيان حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ ڀيري اولوڪيتيسورا لافاني ٿيڻ جي تياري ڪري رهيو هو تہ اوچتو هن کي پرانهين پنڌ کان تمام منجهائيندڙ رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. ان رڙ سندس سانتڪي ماحول کي جهنجهوڙي ڇڏيو. ان مهل هو سميرو پربت جي چوٽيءَ تي ويٺو هو. پوءِ هن کي پنهنجي جوڳ جي بنياد تي خبر پئي تہ اها دانهن ڌرتيءَ جي ماڻهن جي هئي جن ڏکن کان ڇوٽڪاري لاءِ ڪيس سڏ ٿي ڪيا ۽ سندس گم ٿيڻ سبب تڪليفن کان نٿي ڇٽا. ان ڪانپوءِ اولوڪيتيسورا پنهنجو ارادو اڌ ۾ ڇڏي وري ماڻهن جي واهر لاءِ نڪري پيو.“

اهو ئي سبب آهي جو نيپالي آرٽسٽ هن ديوتا جي بيٺل مورتي گهڙيندا آهن، يعني هو ايترو مصروف آهي جو ڪيس وهڻ ۽ آرام ڪرڻ جو وقت ناهي، سندس چهري تي ڏاڍو سڪون ۽ سانت ڏيکاري ويندي آهي. سندس اکيون هميشہ هيٺ جهڪيل هونديون آهن جنهن جي معنيٰ آهي تہ هو هر وقت هيٺ ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن جي ڀلائيءَ ۾ آهي. سندس نالي جي معنيٰ بہ اها ئي آهي. اولوڪيتيسورا سنسڪرت جو لفظ آهي جنهن جي معني آهي "هميشہ هيٺ ڏسڻ." سندس چهرو سهڻو ڏاهيو وجي ٿو، اهو ان ديوتا سان پيار جو ثبوت آهي. مورتيءَ جي کاٻي هٿ ۾ ڪنول گل هوندو آهي ۽ ساڄو هٿ ايئن کليل هوندو آهي ڄڻ ڪجهہ ڏيئي چڪو هجي. سندس ڪنن ۾ وڏا والا پيل هوندا آهن جنهن سان سندس جوڳ واري قوت جو ڏس ملي ٿو.

جٽيو پورنما ميلو

ساوڻ (جولاءِ) ۾ چنڊ جي چوڏهين رات هر نيپالي هندو توڙي ٻڌ هن ميلي ۾ شريڪ ٿئي ٿو. هن ميلي جا ڪيئي نالا آهن؛ ڳن پُنهي، ڪواتي پُنهي، رِشي ترپني وغيره. هن ڏينهن تي اڪثر هندو ٻڌن جي مندرن ڏانهن ۽ اڪثر ٻڌ هندن جي مندرن ۾ ويندا نظر اچن ٿا.

جٽيو پورنما اصل ۾ رکشيا ٻنڌن يا حفاظتي سڳو (تعويز) آهي، جيڪو ڪرائيءَ تي ويڙهيو وڃي ٿو. براهمڻ ۽ کتري اهو سڳو ڳچيءَ ۾ وجهن. سڳو ٽن ڌاڳن سان وٽيو وڃي ٿو. ٽي ڌاڳا قدرت جي ٽن صفتن جي علامت آهن. جٽيو عام طور تي براهمڻ ٻڌندو آهي. براهمڻ هتان جٽيو پائڻ جي ڪا ٻي معنيٰ هجي يا نہ هجي، سندس سماجي رتبي کي برقرار رکڻ لاءِ

عام ماڻهن کي براهمڻ جي وجود جي يادگيري ڏيارڻ ضروري هوندو.

ٽن ڌاڳن سان وٽيل سڳو هندو لوڪن وٽ ٽن ڀڳوانن شو، وشنو ۽ برهما جي علامت آهي. ان طرح جڻيو مڃائڻ جي رسم ٽنهي ڀڳوانن سان واسطيداريءَ جو نئين سر وچن ڪرڻ آهي. اڳئين وقت ۾ جڏهن علم جي منتقليءَ جو ڪتابي ذريعو نه هو، تڏهن خلق ايئن ئي هر سال ميلا ملاکڙا ڪري ڌرمي ڳالهين، فلسفن، ڀڳوانن ۽ تجربن کي محفوظ رکندي ٿي آئي.

جڻئي واري ڏينهن تي پوتر غسل ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن پاپ ڌوپجن. سڄي نيپال جا ماڻهو مختلف تيرٿن ۽ ندين تي وڃيو ڳاهٽ ڪن ۽ پوتر اشنان ڪري پاڪ ٿيو اچن. ان ڏس ۾ سڀ کان پوتر استان ڳوساني ڪنڊ آهي. جيڪي ماڻهو ايڏو پرانهو پنڌ ڪري نه سگهن اهي پاٽن ۾ ڪنڀ ايشور مندر وڃن ٿا جتي ڪنڀ ايشور ڪنڊ آهي. اهو تلاءُ ڪنهن نه ڪنهن نموني ڳوساني ڪنڊ جهڙو سمجهيو وڃي ٿو. هتي به پاڻي ٿڌو ۽ صاف آهي.

جڻيو پورنماسي موقعي جو ٻيو اهم ڪم "رکشيا بنڌن" آهي. رکشيا معنيٰ حفاظت، بنڌن معنيٰ ٻڌڻ جي شئي. رکشيا بنڌن معنيٰ حفاظتي ڌاڳو، جنهن جو رنگ سونهري هوندو آهي. عقيدي عقيدي جي ڳالهه آهي. هندن ۾ ٻڌن جو عقيدو آهي ته جنهن ماڻهوءَ اهو ڌاڳو ٻڌايو، سو راڪاسن ۽ مصيبتن کان ڇٽل ۽ بچيل رهندو. هو اهو ڌاڳو آڪٽوبر مهيني (ڪارتڪ مهيني)۾ لڪشمي پوڄا تائين پائيندا آهن. ڌاڳو ٻڌڻ جي ذميواري برهمڻن تي آهي جيڪي ڌاڳو ٻڌڻ مهل منتر به پڙهندا ويندا آهن.

ڏند ڪٿا چوي ٿي ته هڪ ڀيري بهشت جي ديوتا اندر ۽ پاتال جي راڪاس راجا ٻليءَ وچ ۾ جنگ ڇڙي پئي. جنگ وڏي ڀوائتي لڳي. راجا اندر پاڻ ۾ سگهه نه پئي ساري پر تڏهن به وڙهيو ۽ نيٺ شڪست کاڌائين. ٻلي معمولي راجا نه هو. سندس راڄ گاديءَ جو نالو "مها ٻلي پور" هو. پر هلاد ڀڳت سندس ڏاڏو ۽ هرڻيه ڪشپ سندس پڙ ڏاڏو هو. هرڻيه ڪشپ به

راجا اندر سان خوفائتي جنگ ڪئي هئي. هرٽيہ ڪشپ جي گادي سندوماتريءَ ۾ ”هڙند“ چيو ويو ٿو.

هندو ڏند ڪٿا ۾ ٽي لوڪ آهن، ديو لوڪ (بهشت) ڌرتي ۽ پاتال. جڏهن راجا ٻَليءَ راجا اندر کي شڪست ڏني تہ هن ٽنهي لوڪن تي قبضو ڪري ورتو. ان کان پوءِ وشنوءَ اوتار وٺي اندر جي مدد ڪئي ۽ ٻَليءَ کان ديو لوڪ ۽ ڌرتي کسي کيس پاتال تائين محدود ڪري ڇڏيو.

بهرحال، نيپالي ڏند ڪٿا چوي ٿي تہ ٻَليءَ کان شڪست کائڻ بعد راجا اندر سخت پريشان ٿي ويو، کيس سمجھہ ۾ نٿي آيو تہ ڇا ڪري؟ ان پريشانيءَ ۾ وڃي پنهنجي گرو برهسپتيءَ کي مدد لاءِ پڪاريائين. گروءَ ان موقعي تي سندس ڪرائيءَ ۾ رکشيا بنڌن ٻڌو، گڏوگڏ ڪجھہ منتر پڙهيا ۽ اهڙيءَ طرح راجا اندر کي فتح ملي.

راجا اندر هندو لوڪن جو ديوتا آهي، تنهنڪري ٻڌ لوڪن وٽ ”رکشيا بنڌن“ لاءِ ٻي ڪهاڻي آهي. انهن جي خيال ۾ رکشيا بنڌن واري ڏينهن تي ڀڳوان ٻڌ ”مارا“ راڪاسن تي سوڀ حاصل ڪئي هئي. علامتي طور تي ”مارا“ جو مطلب آهي اهي آفتون ۽ مصيبتون جن تي گوتم ٻڌ نروان جي حصول وقت تپسيا دوران فتح حاصل ڪئي. رکشيا بنڌن ڏينهن جو هڪ نالو ”ڪواتي پُنهِہ“ آهي. اهو نيواري ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي خاص طور تي تيار ڪيل کِچڙو.

اهو هڪ خاص قسم جو ڪاڌو ٿئي ٿو جنهن ۾ مختلف قسمن جا سنگ، پيز، مٽر، مڱ، داليون وغيره وڌا وڃن ٿا. کِچڙو گرم گرم کائڻ سان ڏاڍو لذيذ ٿئي ٿو، جڏهن کچڙو پيٽ سان پيٽ صاف ٿيو وڃي. ميلي جو هڪ پهلو نو باجا آهي يعني نَو ساز. اها نيپالين جي خاص موسيقي آهي، ان جو اهتمام پاتن واري ڪنبي ايشور مندر ۾ ڪيو وڃي ٿو، ان ئي موقعي تي سنک وڄائي سڄو ماحول هڪ خاص ڪيفيت ۾ وڪوڙيو وڃي ٿو. نيپالين

جو خيال آهي ته سنک وڄائڻ سان ديوتا خوش ٿين ٿا ۽ راڪاس ڀڄي وڃن ٿا.

"جهڪري" دهل جو هڪ قسم آهي جيڪو پڻ هن موقعي تي وڄايو ويجي ٿو. نيواري موسيقار هن ساز تي ڦيريون پائيندا. نچندا ۽ ڪڏندا، پنڌ ڪندا تيرٿ آستانن، مندرن ۽ خاص ڪري گوساني ڪنڊ يا ڪنب ايشور مندر وڃن ٿا. هن جادوگر موسيقارن جو ديوتا شو آهي، جيڪو ناچ ۽ سر جو سڀ کان وڏو ڄاڻو سمجهيو ويجي ٿو.

گوسائن ڪنڊ

جيئن ئي ساوڻ جي مند شروع ٿئي ٿي، جبلن تي ڄميل برف جا تهه پگهرجڻ لڳن ٿا ۽ چاندي رنگ جو تڏو پاڻي جابلو گهاٽين مان ٿيندو پيٺن سان متو هٽندو، ويڪرين ماٿرين طرف لهڻ شروع ڪري ٿو.

اهو پاڻيءَ جو ئي مزاج آهي جو دنيا جي اتاهين چوٽين چڙي آخري حد جي هيٺاهين وني ٿو ۽ هيٺاهين وٽندي ڌرتيءَ تي جيوت کي فيض پهچائي ٿو. نيپال ۾ پاڻي ٿوري ئي پنڌ ۾ جبلن، ٽڪرن ۽ ترائيءَ مان ٿيندو هندستان جي حدن ۾ داخل ٿي، گنگا ۾ ملي ويجي ٿو ۽ پاڻ سان جبلن مان آندل لٽ مان بنگال ـ بنگله ديش وارو ڊيلٽا وڏو ۽ زرخيز ڪندو ويجي ٿو.

نيپال ۾ جبل جي هر چوٽيءَ کي ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جي حيثيت مليل آهي. ساڳي طرح هر ندي ۽ هر جهرڻو به پوتر سمجهي پوڄيو ويجي ٿو. گوسائن ڪنڊ کٽمنڊو کان اتر ۾ تبت جي سرحدن ويجهو آهي ۽ پوترتا جي لحاظ کان سڄي نيپال ۾ سڀ کان اتم سمجهي ويجي ٿي. ويجهو ئي به

پيون پوتر ڍنڍون "پيرو ڪنڊ" ۽ "سرسوتي ڪنڊ" آهن. سرسوتي ڍنڍ وڏيڪ سهڻي آهي جنهن مان ٢٥٠ ميٽر سهڻو آبشار ڪري ٿو.

هندو دنيا ۾ "جٽيو پورنما" ڏينهن ملهايو ويندو آهي. هندو مرد ان ڏينهن تي جٽيا مٽائيندا آهن جيڪو ڪين بلوغت واري سڄي ڄمار پائڻو پوندو آهي. ان ڏينهن تي به ياتري گوسائن ڪنڊ ايندا آهن ۽ پنهنجيون رسمون ادا ڪندا آهن، تڙ ڪندا آهن ۽ شو ڀڳوان جي پوڄا ڪندا آهن. ڍنڍ تي اچڻ جي ڪنهن کي به منع ناهي براهمڻ، کتري، نيوار ٻڌ ۽ ٻيا ڪيئي ياتري اچن ٿا. ماترڪ ۾ وڏي مانٽ آهي، ايڏي مانٽ جو قدمن جي ڇاپ ۽ منتر جي پڙهڻ سان به سانت نٿي پوي ٿي. ياتري اڪيلا ٿي يا وري ٽوليءَ جي صورت ۾ ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي بيهي وڏي نماڻائيءَ سان شو ڀڳوان جي پوڄا ڪن ٿا.

ماڻهن کي پڪ آهي ته شو ڀڳوان ڍنڍ جي تري ۾ غش پيو آهي.



گوسائن ڪنڊ

قديم ڏند ڪٿا چوي ٿي ته دنيا جي تخليق مهل جڏهن ديوتائن عظيم سمنڊ کي ولوڙي آبحيات پئي ڪڍيو تڏهن سمنڊ مان هڪ خطرناڪ زهر ڦٽي نڪتو. ان زهر جو اثر ختم ڪرڻ لاءِ شِو ڀڳوان اهو زهر ڳهي ويو. پر اهو زهر ايڏو طاقتور هو جو سندس نڙي نيري ٿي وئي ۽ اها سڙڻ لڳي. شو ڀڳوان هڪدم گوسائن ڪنڊ ڏانهن آيو ۽ ان جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ لهي ويو. اڄ تائين ماڻهو چوندا آهن. ته ڍنڍ جي تري ۾ جهاتي پائڻ سان شو ڀڳوان پنهنجو ليٽيل نظر ايندو آهي.

گوسائن ڪنڊ 14324 فٽ بلنديءَ تي آهي. پر اوستائين پهچڻ کان اڳ مختلف بلندين تي پهرين سرسوتي ڪنڊ ۽ پوءِ ڀيرو ڪنڊ وٽان لنگهڻو پوي ٿو. چون ٿا ته هتي جٺيو پورنما واري رسم ڏسڻ وٽان آهي.

صبح جو سوير ڪوهيڙي ۾ ڍڪيل ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي مقامي جادوگر ويڄ جن کي جهڪري يا "جهنڪري" چون ٿا، اچيو نڪرن ۽ ماتري سندن ڍڪڙن جي آوازن سان گونجيو پوي. ڪي ڪيڏي به ٿڌ هجي! ياتري مٿيان ڪپڙا لاهي ڏڪندڙ جسمن سان برف جهڙي ٿڌي پاڻيءَ ۾ ٽٻيون هڻن ٿا، صرف ان اميد تي ته ان سان ڪين ڇوٽڪارو ملندو.

وهنجڻ ۽ شِو پوڄا سان گڏوگڏ سڄ ديوتا کي پاڻي آڇڻ لاءِ اوڏانهن منهن ڪري ڇنڊا هنيا وڃن ٿا. وڻ جو ڪو موڪرو پن چونڊي ان تي چانور، سِڪا ۽ گل رکي ڍنڍ جي پاڻيءَ تي تاريو وڃي ٿو. ان ڏينهن تي ياتري وِرت به رکن.

گوساني جي ڏکڻ ۾ ٻه پٽريليون چوٽيون آهن ۽ انهن جي پويان گليشئرن جون چوٽيون "نو ڪُنڊ" (نَوَ ڍنڍون) آهن. ڍنڍ جي وچهو هڪ هنڌان ترشولي نديءَ جو وات آهي. چون ٿا ته جڏهن مهاديو شو زهر ڳهڻ ڪانپوءِ سخت اڃ ۾ ڍنڍ تي پهتو هو ته هن هڪ هنڌ زور سان پنهنجو ترشول هنيو هو. ان هنڌان ترشولي ندي ڦٽي پئي.

شو راتري

پسو پتي نات مندر ۾ شو راتري ميلي جي موقعي تيَ لکها هندو ڪتان ڪتان اچيو پهچن، ڀيو تہ ٺهيو هندوستان مان ايندڙ ياترين جو تعداد بہ ڳاڻاٽي کان ٻاهر هوندو آهي. هيءُ ميلو ڦوڳڻ (فيبروري) مهيني ۾ سيارو ختم ٿيڻ وقت پوندو آهي. سنڌ ۾ تہ سيارو ختم ٿي چڪو هوندو پر چوندا آهن تہ شوراتريءَ مهل هرو پرو بہ ٿڌ اوچتي وڌي ويندي آهي. ٿڌ سان شو جو ڪهڙو تعلق آهي؟

ڪنهن وقت ۾ شو هڪ اهڙو ديوتا هو جنهن جي ڪا شڪل صورت نہ هئي. ڪيس ڪائنات جي نظر نہ ايندڙ قوت طور قبوليو ويو هو پر پوءِ هن پاڻ کي لنگم جي صورت ۾ ظاهر ڪيو. لنگم جي شڪل گول ٿنڀي جهڙي ٿيندي آهي. جڏهن تہ ان جي چوٽي بہ گول هوندي آهي. اها ڪائنات جي مذڪر قوت آهي جنهنجي ابتڙ موئنث قوت کي يوني چيو ويچي ٿو.

پرانن مطابق شو مهاديو جڏهن ڪائنات کي وڏي نقصان کان بچائڻ لاءِ وڏي سمنڊ مان ظاهر ٿيل زهر پيتو هو، اها شو راتري هئي ۽ تڏهن ئي شو پاڻ کي لنگم جي صورت ۾ ظاهر ڪيو هو.

زهر پيئڻ ڪانپوءِ شِو گرميءَ ۾ ونجي ويو هو. تنهنڪري هماليہ مان لهندڙ گنگا پنهنجو ٿڌو پاڻي مٿس اوتڻ شروع ڪيو. اڄ بہ سڄي دنيا ۾ جتي جتي مندر ۾ لنگم رکيو ويو آهي، ان مٿان پاڻيءَ سان ڀريل هڪ لوٽي ٽنگي ويندي آهي جنهن مان پاڻيءَ جو ڦڙو ڦڙو لنگم تي ڪرندو رهندو آهي.

ڏند ڪٿا چوي ٿي ته جڏهن گنگا به زهر جو اثر ختم نه ڪري سگهي، تڏهن آڪاس مان چنڊ اچي شو جي پيشانيءَ تي ٽڪيو ۽ شو کي فرحت ملي. ان ڪانپوءِ شِو خوشيءَ ۾ بي خود ٿي ”تانڊوا نرتيا“ رقص ڪيو جنهن ڌرتيءَ کي ڌوڏي وڌو هو. اهو رقص به شِو راتريءَ سان منسوب آهي.

شو راتريءَ بابت هڪ ڪٿا شو پراڻ جي وديشور سنگهتا ۾ به ڏنل آهي، جيڪا ان ڪٿا کان مختلف آهي. ڪٿا موجب قديم زماني ۾ هڪ ڀيرو وشنو ۽ برهما جي وچ ۾ لڙائي لڳي هئي. ٻنهي طاقتور ديوتائن هڪ ٻئي تي پنهنجا پنهنجا خوفناڪ هٿيار اڇلايا. جيڪڏهن اهي هٿيار نه روڪيا وڃن ها ته سڄو جڳت ناس ٿي وڃي ها. ٻنهي جا اڇلايل هٿيار روڪڻ لاءِ مهاديو شو ٻنهي جي وچ ۾ باھ جي ٿنڀي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. هٿيار باھ جي ٿنڀي سان ٽڪر کائي هيٺ ڪري پيا. زمين کان آسمان تائين اوچتو ايڏو ڊگهو ٿنڀو ڏسي وشنو ۽ برهما ٻئي حيرت ۾ پئجي ويا ۽ ان جو انت لهڻ لاءِ ٻنهي ڇيڙن جي تلاش ۾ نڪري پيا، پر ناڪام رهيا. هن ئي موقعي تي شو پنهنجي ڀرونءَ مان ”ڀئرو“ پيدا ڪيو جنهن حڪم ملڻ تي برهما جي اها سسي وڍي ڇڏي، جنهن سان برهما ڪوڙ ڳالهيو هو. قصو مختصر، شِو پاڻ کي اصل روپ ۾ ظاهر ڪيو ته وشنو ۽ برهما هٿ ٻڌي بيهي رهيا ۽ گهڻو وقت شِو جي پوڄا ڪيائون. ان ڪانپوءِ جڏهن شِو خوش ٿيو، تڏهن مرڪي چيائين، ”اڄوڪو ڏينهن مهاشو راتري ڪري پوڄيو ويندو ۽ چاڪاڻ ته توهان ٻنهي گڏجي ڏاڍي پيار سان منهنجي پوڄا ڪئي آهي.“

شِو مهاراڳي

مهاديو شو کي هندو ڏند ڪٿا ۾ نه رڳو مها يوگي جو درجو حاصل آهي، پر هو سڀ کان سٺو ناچ ڪندڙ ۽ مهاراڳي به آهي. شو جو ناچ ڪائناتي سگهه جي ناچ برابر آهي، جنهن جو مظاهرو هن شوراتريءَ مهل ڪيو هو.

هڪ قديم منتر اجهو هن ريت آهي:

آرگيم پسڪرم اِچت   اي سچ علاج چاهيان ٿو
ڌنم اِچت هوتاشنت   اي باهه تون تنها پوري ڪر
گنيچ شنڪرا چئيو   هيءُ چاڻ جو مسئلو آهي
مَڪتي مَ اِچت جناز تنت   پکوان مونکي مڪت ڪر

سڀ ڪان وڌيڪ چاٺو هڻڻ ڪري شو راڳ جو به سڀ ڪان وڏو چاٺو آهي. پر برهما جي پٽ نادر منيءَ جو خيال هو ته ڪانئس وڏو راڳي ڪوبه ڪونهي، ان گهمنڊ ۾ هر وقت پيو ڳائيندو هو. هندو ديو مالا ۾ نارد جي حيثيت پکوان جي قاصد برابر آهي.

هڪ ڀيري نارد مني واٽ وٺيو پئي ويو ته هن کي واٽ تي ست مرد ۽ ٣٦ عورتون مليون جن جي شڪل ڦريل ۽ حالت هيٺي هئي. نارد ڪانئن پڇيو ته "اوهين ڪير آهيو ۽ توهان سان اهڙي حالت ڪنهن ڪئي آهي؟"

هنن چيو، اسان ست راڳ ۽ ٣٦ راڳڻيون آهيون. اسان سان هيءَ جٺ نارد مهني ڪئي آهي، جنهن کي راڳ جي ڪابه خبر ناهي پر جت ڪٿ ڳائيندو ٿو وتي"

نارد منيءَ جي ڪنڌ شرم کان جهڪي ويو ۽ سندس غرور ڀڄي پيو. هاڻي مسئلو اهو پيدا ٿيو ته راڳن ۽ راڳڻين کي اصل شڪل صورت ۾ ڪيئن بحال ڪجي؟

راڳن ۽ راڳڻين چيو: " هڪ ئي صورت آهي ته هڪ ڀيرو شو پکوان پاڻ ڳائي چاڪاڻ ته هن وقت سڄي ڪائنات ۾ ٻيو ڪوبه راڳ جو ايڏو چاٺو ناهي!"

راڳن کي اصل روپ واپس ڏيارڻ لاءِ نارد مني سڌو شو مهاديو

وٽ ويو ۽ ڪيس احوال ڏيئي راڳ ڳائڻ لاءِ تيار ڪيائين. شو هڪ شرط وڌو " مان ضرور ڳائيندس پر ان شرط سان ته وشنو منهنجي آڏو ويهي راڳ ٻڌي ڇاڪاڻ ته ڪائنات ۾ ٻيو ڪوبه اهڙو ناهي جيڪو پوريءَ طرح راڳ سمجهي سگهي". اها نارد لاءِ ويتر شرم جي ڳالهه هئي جو مهاديو نارد منيءَ کي ان قابل به نه سمجهيو ، جو هن آڏو ڳائي.

هاڻي نارد وشنو ڏانهن ويو ۽ ڪيس منت ڪئي ته هو شو جي آڏو ويهي راڳ ٻڌي ته جئين راڳ ۽ راڳڻيون پنهنجي اصلي حالت ۾ واپس اچي سگهن. وشنو دل ٻڌي نه سگهيو ۽ چيائين،"اهو ٺيڪ آهي ته مان مهاديو جو راڳ سمجهي سگهان ٿو پر ان راڳ جي گرمي سهڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي."

نيٺ مهاديو راڳ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ وشنو ڀڳوان راڳ ٻڌڻ لڳو. جيئن جيئن راڳ جي گرمي چڙهندي وئي، وشنوءَ جو وجود سڙڻ لڳو. سندس جنگهه رجڻ لڳي. اها رجندڙ جنگهه گنگا آهي. اهڙي طرح شو راڳ مڪمل ڪيو. ان ڪانپوءِ راڳ ۽ راڳڻيون پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويا.



پسو پتي ناٿ

پسو پتي ناٿ لڳ پاڳمتي نديءَ تي پوڄا پاٺ ۽ اشنان

کٽمنڊو واديءَ ۾ سڀ کان مکيه ندي پاڳمتي آهي جيڪا واديءَ جي اتر اولهه کان شروع ٿي شهر مان ور وڪڙ کائيندي ڏکڻ طرف جبلن جي وٿيءَ مان نڪري نيپال جي ترائي تر ڪندي ڀارت جي حدن ۾ گهڙي ٿي. پاڳمتيءَ ۾ هونو متي، ڏوبي کولا، وشنو متي ۽ مانو هارا نديون اچي ملن ٿيون.

شهر جي اوڀر ۾ تِري ڀون بين الاقوامي هوائي اڏي ويجهو ان پاڳمتيءَ جي ڪناري تي هڪ زبردست مندر آهي جنهن کي مقامي ماڻهوپسو پتي ناٿ سڏين ٿا. پسو پتي معنيٰ مخلوق جو مالڪ. عام طورتي پسو جي معنيٰ جانور ۽ پکي پکڻ آهي پر جيئن ته ماڻهو به جاندار مخلوق ۾ شامل

آهي تنهنڪري اهو به مجموعي طور تي مخلوق جو حصو يعني پسو آهي. پسو پتي اصل ۾ مهاديو شو جو هڪ لقب آهي. هندو مت ۾ مهاديو کي سڀ کان مکيه ديوتا جي حيثيت آهي ڇاڪاڻ ته هندو ڌرم موجب هن ئي پاڻ مان وشنو پڳوان، برهما ۽ شڪتي پيدا ڪئي جيڪي پوءِ پين شڪتين ۽ مظهرن ۾ تقسيم ۽ ضرب ٿينديون ويون.

پسو پتي ناٿ مندر واقعي ڏسڻ وٽان آهي. پڌر ۾ اندر داخل ٿيڻ سان هڪ ڏاند جي ديو جيڏي مورتي نظر ايندي. مندر ۾ چمڙي جو بوٽ يا چمڙي جي ڪا به شئي ڪٺي وڃڻ منع آهي. البت ڪپڙي يا رٻڙ جا بوٽ پائي وڃڻ تي ڪنهن کي به اعتراض نه آهي. مندر ۾ ڪئمرا ڪٺي وڃڻ جي به منع هئي ۽ غير هندوءَ جي داخلا پسند نه ٿي ڪئي وئي. ديو جيڏو ڏاند وينل حالت ۾ گهڙيل هو. سندس رخ مهاديو جي مورتيءَ واري وڏي مندر طرف هو. ڏاند پتل مان ڍليل هو ۽ مٿس سون جو پاڻي چڙهيل هو. هندو ڏند ڪٿا ۾ مهاديو شو جي سواري آهي، جيئن درگا جي سواري شينهن آهي يا گڻيش جي سواري ڪوئو آهي.

اندر گهڙڻ شرط ٺڪ تسمه جو هڪ پروهت ڪانئيه اسان سان گڏجي پيو. چوي، "هيءُ ڏسو ٿي مهاديو جو ڏيگو آهي ۽ هوڏانهن ڏسو هتي وشنوءَ جو درشن ٿئي ٿو. هو اهو ماڳ آهي جتي سها پڻرو هيٺن ڪيو يا هونٽن ڪيو. هتي هيترا پڻسا پيتا ڏيو ۽ هتي پشپ پيتا سان گڏ سوراج کي هيترا رپيا ڏيو. اسان اڳين آڙياسون ته هو اسانکي هندو سمجهي تيرٿ ياترائون ۽ پڳوان درشن ڪرائي رهيو هو. هڪ جاءِ تي بجاءِ هن ٻڌايو ته، "هن هند پارتي وزيراعظم اندرا گانڌي ۽ راجيو گانڌيءَ کي به اچڻ نه ڏنو ويو هو ڇاڪاڻ ته اهي پارسي هئا." اسان کي ماٺ لڳي وئي هئي، متان نه راز فاش ٿي وڃي ۽ ڪنهن تڪليف ۾ اچي وڃون.

پسو پتي ناٿ مندر ۾ ننڍا وڏا مندر ڏسڻ ڪانپوءِ اسان اتان نڪتاسين

وشنو ڀڳوان جي مورتي ڏٺي. پاڻيءَ جي هڪ حوض جي مرڪز ۾ ور وڪڙ نانگ جو ٺهيل بسترو هو ۽ ان تي وشنو ستل هو. وشنوءَ جو رنگ نيرو هو.

وشنوءَ کان پوءِ پاڳمتيءَ جي ڪناري ڏاڪڻين تي شو لنگم آهي، لنگم کي ٿي پيرا جل پيتا ڏني وئي، اتي ويٺل مهراج ۾ رپيا وصول ڪيا ۽ نراڙ تي تلڪ هنيو. تلڪ هٽائي بيناسون تہ گائيڊ ٻڌايو تہ اسان شمشان گهاٽ جي ويجهو بيٺا آهيون جتي مختلف ٿلها آهن. جيڪو ٿلهو پسو پتي ناٿ مندر کي وڌيڪ ويجهو. سو وڌيڪ پوتر ۽ نرواڻ مڪتيءَ کي ويجهو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سڀ کان ويجهي ٿلهي تي پنهنجي مائٽ جو اگني سنسڪار ڪرڻ گهري تہ هن کي پنهنجي آتم جاتي ۽ پئسي جي طاقت ڏيکارڻي پوندي. ٻي صورت ۾ ڏکڻ کان اڃا ڏکڻ ۾ هر ٻيو ٿلهو سندس گهٽ ذات هجڻ سان انصاف ڪندو. هريجن ۽ غريب کي شمشان گهاٽ جي انتهائي ڏکڻ وارا ٿلها نصيب ٿين ٿا. انهن ٿي ٿلهن تي چتا تيار ڪري لاش جو اگني سنسڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ رک اتي ئي لوڙهي وڃي ٿي. نيپال جي اڪوٽي بادشاهہ جو اگني سنسڪار پسو پتي ناٿ جي سڀ کان اتر واري ٿلهي تي ٿيو هو. مون مختلف ٿلهن تي هڪ ئي وقت لاشن جي قطا،

پسو پتي ناٿ مندر سان لڳ وهندڙ پاڳمتي ندي

ڏٺي، پر سڀ ڏکڻ طرف.

ٻاڳمتيءَ جو ساڄو ڪنارو شمشان گهاٽ هو ۽ کاٻو ڪنارو جيئرن ماڻهن لاءِ کليل هو تہ ٻلي اهي اتي تڙ ڪن ۽ پنهنجا پاپ ٻاڳمتيءَ جي پوتر پاڻيءَ سان ڌوئي لوڙهي ڇڏين. اسان ڪيترن نر ۽ نارين ان تڙ تي پاپ ڌوئيندڙ ڏٺيون، انهن مان ڪي اهڙيون بہ هيون جن پنهنجا اڳهاڙا انگ لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪئي پر پوءِ زماني جي چيندڙ نگاهن کان بچڻ لاءِ پنهنجيون اکيون پوري ٻاڳمتيءَ ۾ ٽٻي هٽي، پاڻ کي ويڙهي سيڙهي ماڻهن جي سمنڊ ۾ گم تي پئي ويون.

شمشان گهاٽ جو انتظام هڪ ڀڪشو هلائي رهيو هو. ڀڪشوءَ کي ڏسي ڏڪٽي وڻي تي وٺي. هو شمشان گهاٽ جي ٻر ۾ هڪ خاص استان تي ويٺو هو. سندس آڏو ٻرندڙ مچ هاٿي تنڌوتي رهيو هو پر ڦلهيار مان ٽانڊا جهاتيون پائي رهيا هئا. ڀڪشو قد بت ۾ جانٺو هو ۽ اکيون ڦلهيار جي ٽانڊن کان وڌيڪ ڳاڙهيون هئس. بس اهي ئي اکيون جسم ۾ ڪنبٽيءَ لاءِ ڪافي هيون. سندس اکيون ڳاڙهيون ڇو هيون؟ ڇا اهو شمشان گهاٽ تي ٻرندڙ ڪاٺين ۽ انساني جذبن جو ڏکوئيندڙ عڪس هو؟ ڪنهن نيپاليءَ کان ٻر اڇي چيو، ”جيڪڏهن ڳانجو ڪپيو تہ ڀڪشوءَ کان ڳهرو!“ هيءَ ڀڪشو مونکان ڪڏهن بہ نہ وسرندو. هو ڀڪشوءَ کان وڌيڪ خوفناڪ قسم جو سخت گير پروهت تي لڳو. جنهن کي خبر هئي تہ سماج ۾ سندس حيثيت ڇاهي ۽ ماڻهو ڪيس ”ها“ ڪرڻ تي مجبور آهن، ڪو بہ ڪيس ”نہ“ ڪري نٿو سگهي.

ذهن عجيب ڳڏوچڙ ماحول ۾ ٽڪجي پيو. هڪ ئي هنڌ تي پوڄا گهر، ڄابلو ندي، شمشان گهاٽ، پاپن جو ڌوپجڻ، مهراج ڀڪشو، ڳانجو، ذات پات، سڙندڙ چتائون، انساني رک جو نديءَ ۾ وهڻ، ڄمڻ کان موت تائين جا سمورا فلسفا ـــ منهنجو ذهن ڏکڻ لڳو هو. مٿان وري ڪوڙيون

اينٽيڪس وڪڻندڙ دڪاندارن جي وٽ ونان، ”هن مورتيءَ جا گهڻا ڏيندين؟“ ”اڃي هيءَ شئي ڏس!“ ”هوءَ شئي ڏس!“ گهڻا ڏيندين؟“

مان ٻاڳمتي نديءَ جي ڪناري کان ٿهي مندر جون ڏاڪڻيون چڙهي وري مندر ۾ هليو ويس. ٻاهر نڪرڻ جي واٽ اتان هئي. اندر پڌر مان هڪ ٻئي مندر جو ڪليل در نظر آيو. اندر مهاپيروءَ جي هيڏي ساري مورتي هئي، ٻنهي ننگي. عورتون ۽ مرد پيروءَ جي اڳهاڙپ آڏو با ادب هئا. سندس وشواس هو ته اهو ديوتا جنسي بيمارين کان ڇوٽڪارو ڏياري ٿو. سڀ ماڻهوءَ جي سوچ ۽ وشواس جو معاملو آهي. هر ڪو پاڻ کي پنهنجي حساب سان پرچائڻ ۾ رڌل آهي.

مهاپيروءَ کان ٿورڙو پريرو هڪ ڏوٽي يا اڳني ڪنڊ آهي جتي هڪ ئي وقت ڪيئي ساڌو پرش ويهي جپ ڪن ٿا يا گڏيل انداز ۾ ڪي منتر پڙهن ٿا. هر منتر جي پڇاڙيءَ مهل هڪ ئي لفظ ورجائين ٿا، ”سواها!“ هر ڀيري سواها چوڻ مهل ڪافور ۽ ڪجهه ٻين شين جو گڏيل چورو اڳني ڪنڊ ۾ وڌو وڃي ٿو ۽ منتر اڪتي وڌايو يا ورجايو وڃي ٿو. سندن وشواس آهي ته پڙهيل منتر خوشبوئن سان گڏ اڳني ديوتا مٿي ڀڳوانن تائين پهچائي ٿو ۽ ڀڳوان خوش ٿي اهو مقصد پورو ڪري ٿو جنهن لاءِ جپ ڪيو ويو هو.

پسو پتي ناٿ تي جيڪي ڪجهه ڏٺو ويو سو انساني مفلسيءَ تي رئارڻ لاءِ ڪافي آهي. ماڻهو سڪون لاءِ ۽ مرادون پنڻ لاءِ دل جي ڪيڏي سچائيءَ سان مندر پهچي ٿو؟ سو جذبو ماپي نٿو سگهجي، پر ماڻهوءَ جي ان نفيس جذبي مان پکشو، مهراج، گائيڊ ۽ پشپ مالهائون وڪڻندڙ دڪاندار ڪيئن نه پنهنجو روزگار ناهي وٺن ٿا! ڇا ماڻهو پاڻ کي دوکو ڏيئي رهيا آهن؟ ڇا فطرت جي پراسراريت ڪڏهن به ختم نه ٿيندي؟ ڇا اها عجيب ڳالهه نه آهي ته هڪ ماڻهو ديوتا جي چرنن ۾ گل رکڻ گهري ٿو پر ساڳئي ڀڳوان جو هڪ ٻيو پوئلڳ دڪان کولي ويٺو آهي ته ديوتا جي

چرنن ۾ گل رکڻ لاءِ ڪانئس گل خريد ڪيا وڃن، جنهن ۾ سندس نفعو به شامل هجي!

عام ماڻهو ته گل رکي خوش ٿئي ٿو پر مون هڪ اهڙو ساڌو به ڏٺو جيڪو وچ شهر جي هڪ وڏي مندر هنومان ڍوڪا ۾ رهندو آهي ۽ سندس خواهش آهي ته ماڻهو کيس اهميت ڏين ۽ ڪانئس آشيرواد وٺن. هن کي ڪهڙي تسڪين پهچي ٿي جڏهن ماڻهو کيس آشيرواد لاءِ گذارش ڪن ٿا؟ ڇا هن لاءِ ايترو احساس ئي ڪافي آهي ته ماڻهو هن کي ساڌو پرش سمجهن ٿا. ويچارو ساڌو پاڻ کي ايترڙي ڳالهه ۾ خوش رکي وڃي ٿو. شال سدائين خوش هجي، گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن کي مالي نقصان ته نٿو ڏئي.

پسو پتي ناٿ مندر اتي ڇو ٺهيو؟ ان جي پٺيان هڪ ٻي ڪٿا آهي، چون ٿا ته:

ماتريءَ ۾ رهندڙ هڪ يادو ونسي ڳنوار (گوپال) جي ڳئون (هڪ روايت موجب اها ڪرشن جي ڳئون هئي) سڄو ڏينهن جهنگ ۾ چرڻ کان پوءِ جڏهن وٿاڻ تي موٽندي هئي ته کير نه ڏيندي هئي. نيٺ گوپالن ڳئونءَ جو پيڇو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته ڏسجي ڳئون ڪيڏانهن ٿي وڃي. هڪ ڏينهن ڳئونءَ جو پيڇو ڪيو ويو. هنن ڏٺو ته ڳئون هڪ جاءِ تي بيهي رهي ۽ اتي کير لاهڻ شروع ڪري ڇڏيو. ان تي گوپال کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اتي زمين کوٽڻ لڳو ته ڏسجي ته اتي ڪهڙو راز آهي؟

اتان شو لنگم جي لاٽ (Light) پڌري ٿي، جنهن گوپال کي ڀسم ڪري ڇڏيو. اڄ ان جاءِ تي کٽمنڊو / نيپال جو شايد سڀ کان وڏو شو مندر آهي. پسو پتي ناٿ مندر جي چوڌاري اوچا وڻ آهن جن ۾ ٻولڙا رهن ٿا. ڀر پاسي ۾ ڪيئي جابلو ڊورا آهن جن جو پاڻي ٻاڳمتيءَ ۾ پوي ٿو. ماڻهن جو خيال آهي ته اهي ڪهارا پسو پتي ناٿ ٺاهيا آهن.

ٻُدا ناٿ

پسو پتي ناٿ کان ٻه چار ڪلوميٽر اتر ۾ ٻُدا ناٿ اسٽوپا آهي. ان جي ڪهاڻي اشوڪا سان ملي ٿي. روايت موجب جڏهن اشوڪا اعظم ڪٺمنڊو آيو تڏهن هن پنهنجي ڌيءَ چارو متيءَ جي شادي هتان جي راجا سان ڪئي. جنهن کان پوءِ هتي هڪ ٻڌ اسٽوپا قائم ڪيو جنهن جي سڃاڻپ سندس ڌيءَ جي نالي پويان ٿي. ان اسٽوپا سان لاڳاپيل وهاري کي چوڪريءَ جي نالي پويان ۽ مقامي لهجي ۾ "چارو بهال" Charo Bahal سڏيو ويو جيڪو وقت سان بدلجي هاڻي "چابهل" Chabahil ٿي ويو آهي.



ٻدا ناٿ اسٽوپا- ڪٺمنڊو

بهال اصل ۾ اها جاءِ آهي جتي ٻڌ مت جا مها پوڄاري ۽ لاما وغيره رهن ٿا. اهو ئي لفظ سنڌ ۾ بدلجي "ڀهارا" ٿي ويو آهي. تاريخ دان، قديم آثارن ۽ ٻولين جا ماهر ان راءِ تي متفق آهي تہ سنڌ ۾ جنهن بہ ماڳ تي "ڀهارا" لفظ استعمال ٿئي ٿو ان کي ٻڌ مت جي اهم ماڳ طور وٺڻ گهرجي.

اشوڪا کٺمنڊو ۾ آيو هو، ان جو آرڪيالاجيڪل ثبوت اهو ٿنيو آهي جيڪو نيپال جي شهر لمبني ۾ وڏو ايا تائين موجود آهي ۽ جنهن تي اشو ڪا جا قانون اڪريل آهن.

ٻڌا ناٿ استوپا هڪ گول گنبذ نما ٿلهو آهي. ان ۾ اندر ڪو بہ



کٺمنڊو جي هڪ استوپا ۾ عبادت جو ڦرندڙ چڪرو جنهن ۾ گوتم ٻڌ سان منسوب منتر رکيل آهن. ٻوڌي لوڪ استوپا جي چوگرد ڦيرا ڏيڻ مهل اهي چڪر ڦيرائيندا ۽ چپن ۾ دعائون پڙهندا رهن ٿا عقيدي موجب هي ڦيٿو ڪائناتي چرپر سان هم آهنگ ٿي دعا پڙهندڙ تي سلامتي آڻي ٿو.

ڪمرو يا خال نہ آهي. اڇي رنگ جي هن گنبذ جي مرڪز تي شوالي وانگر اڇو ۽ چوڪنڊو منارو آهي جنهن تي چئني پاسي گوتم ٻڌ جون گيان ۾ ٻڏل علامتي اکيون چٽيل آهن.

اسٽوپا جي گول گنبذ تي چڙهڻ کان اڳ اسان هڪ اهڙي ڏيڊي مان لنگهياسون جنهن ۾ وڏا گهنڊ رکيل هئا. مونکي سنڌ جون درگاهون ياد اچي ويون ۽ ڏيان، يوگ ۽ تصوف جي وچ ۾ هڪ ظاهري علامت مضبوط ٿي بيهي رهي. اسٽوپا جي اڇي گنبذ جي ٻاهرين پاسي چوطرف پلويڙن ۾ منترن واريون ڦرٽيون لڳل آهن. ٻڌ پوڄاري چپن ۾ جپ ڪندا هر ڦرٽيءَ کي واري واري سان ڦيرائيندا ٿي ويا. ان ڦرٽيءَ کي انگريزيءَ ۾ Pray Wheel ۽ مقامي ٻوليءَ ۾ ماني (Mane) چون ٿا.

ٻڌن جي عقيدي موجب انهن ڦرٽين ۾ منتر رکيا وڃن ٿا ۽ انهن ڦرٽين کي ڦيرائي گوتم ٻڌ کان دعا گهري وڃي ٿي تہ "اي ٻڌ تون من کي شانتي ڏي. تون مرادون پڄاءِ. تون منهنجي لاءِ هيئن ڪر!" وغيره وغيره. ساڳئي مطلب لاءِ ننڍڙا ماني   بہ ٺاهيا ويا آهن جيڪي پوڙها يا ٻوناٺا ٻڌ هر وقت هٿ ۾ ڪٺي ڦيرائن ٿا ۽ چپن ۾ پڙهندا نظر ايندا. ننڍي کان ننڍي ۽ سادي Mane جي قيمت -/50 رپيا کن ٿيندي.

هندو / ٻڌ

اپڪنڊ جي مختلف حصن ۾ مختلف سوچ ڌارائون الڳ الڳ هوندي به ملي هڪ ٿي ويون آهن. ڪن ڪن هنڌن تي اهي هڪ ٻئي خلاف ٽڪراءَ جي انتهائي صورت ۾ آهن ته ڪٿي وري انهن کي هڪ ٻئي کان جدا سمجهڻ ممڪن ئي ڪونهي.

مثال طور ڀارت ۾ هندو ۽ سک به جدا شيون آهن پر سنڌ ۾ هر هندوءَ جي گهر توڙي دڪان ۾ گرو نانڪ جون تصويرون ۽ ٻاٽيون نظر ايندي يون ۽ هر سِک رامائڻ ۽ مهاڀارت به پڙهندو ملندو. گرونانڪ کي سنڌ ۾ لڳ ڀڳ اوتاري حيثيت حاصل آهي. جڏهن ته سندس فلسفو هندو مت جي مقابلي ۾ اسلام کي ويجهو آهي.

ساڳي طرح نيپال ۾ توهان کي ڪي اهڙا ماڻهو به ملندا جن کان جيڪڏهن اهو پڇجي ته هو هندو آهي يا ٻڌ؟ ته شايد هو منجهي پوي ۽ نه ٻڌائي سگهي ته هو ڪير آهي؟ سبب اهو آهي ته برهمڻ سماج ٻڌ مت جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ هندو فلسفي ۾ ڪي ترميمون آڻي ان کي اپ ٽوڊيٽ ڪيو آهي. هنن سڀ کان پهرين گوتم ٻڌ کي اوتاري حيثيت ڏني ۽ شري ڪرشن کان پوءِ ڪيس نائون اوتار قرار ڏيئي ڇڏيو ۽ ان سان گڏوگڏ هريجن طبقي کي ڀڳتيءَ ذريعي نرواڻ ۽ مڪتيءَ جو حق ڏيئي ڇڏيو. جيڪو اڳ ۾ ڪو نه هو.

ان جي باوجود ڪٺمنڊو ۾ هندن جا اهڙا مندر موجود آهن جن ۾ هندن ڪانسواءِ ڪنهن به ٻئي کي داخل ٿيڻ جي اجازت ناهي، ٻڌن کي به نه. جڏهن ته اسان کي ڪنهن به اسٽوپا جي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان نه روڪيو ويو.

سويم ڀو نات اسٽوپا تي گوتم ٻڌ
جون گيان ۾ ٻڏل اکيون

سويم ڀُو ناٿ

کٽمنڊو شهر جي اتر اولهه کنڊ تي هڪ بي حد خوبصورت ٽڪريءَ تي هيءَ قديم اسٽوپا واقع آهي. تمام قدرتي ماحول ۾ موجود هن ٽڪريءَ تي هزارها پولڙا پنهنجن ڪٽنبن سان فطري جهنگلي زندگي گذاري رهيا آهن. ان ڪري هن مندر کي Monkey Tample به چيو وڃي ٿو. سويم ڀو اسٽوپا تي پهچڻ لاءِ اٽڪل هڪ هزار ڏاڪا چڙهڻ پون ٿا (جيڪڏهن پنهنجي سواري نه آهي ته). هتان سڄي کٽمنڊو وادي هڪ وڏي پيالي وانگر ڏسجي ٿي جنهن ۾ خوبصورت عمارتون پينٽنگ وانگر چٽيل نظر اچن ٿيون.

جڏهن کٽمنڊو اچا وڏي ڍنڍ هو تڏهن هيءَ ٽڪري هڪ ٻيٽ وانگر ايپريل هئي. ان وقت ۾ چين کان هڪ مُني منجو شري هتي آيو. ٻڌ مت وارا ان رشيءَ جي آستاني جو ڏاڍو تقدس مڃيندا آهن پر هندو لوڪ ساڳي هستيءَ کي "سرسوتي" ڪري مڃين ٿا. ٻنهي ڌرمن وارا ساڳي جاءِ تي پنهنجي پنهنجي عقيدي موجب پوڄا ڪن ٿا پر ڪو به جهيڙو تڪرار

نتو ٿئي. سر سوتيءَ کي برهما جي زال ۽ راڳ ۽ علم جي ديوي سمجهيو ويندو آهي.

نيپال ۾ گوتم ٻڌ جي وڏي ۾ وڏي مورتي هن جاءِ تي رکيل آهي. ٻڌ جا پوئلڳ هن وڏي مورتيءَ آڏو عقيدت وچان مراد جا ڏيئا ٻارين ٿا. اهنسا جي هن اڳواڻ جي بت آڏو بيهڻ سان سندن فلسفي جا سمورا ورق ترڙ تکڙ ۾ اٿلندا ۽ ورندا هليا ويا. سندس فسلفي جو هڪ پنو منهنجي سامهون کلي بيهي رهيو:

"جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته تو تي ڪو ظلم نه ڪري ته تون به ٻين تي ظلم نه ڪر جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته ڪو توکي ڏک نه ڏي ته تون به ڪنهن کي ڏک نه ڏي. ٻين لاءِ اهو پسند نه ڪر جيڪو پنهنجي لاءِ پسند نتو ڪرين. جيڪڏهن تون جيئڻ گهرين ٿو ته ٻين کي به جيئڻ ڏي....."

مون ڌرتيءَ جي هن مهان انسان جي مورتيءَ اڳيان عقيدت جو ڏيئو ٻاريو ۽ سوچيو، "ڇا گوتم ٻڌ اڄ جي ضرورت ناهي؟" جواب آيو، "پهرين ڏينهن جيترو ضروري آهي ڇو ته دنيا اڄ به ظلم، ڏک ۽ بدامنيءَ جي باھ ۾ ٻري رهي آهي."

نيپال ۾ اسٽوپا جي شڪل صورت انهن اسٽوپائن کان مختلف آهي جيڪي اوير وارن ٻين ملڪن ۾ موجود آهن. مون هتي ٽي اسٽوپا ڏٺا. ٽنهي جو بنيادي نمونو ساڳيو هو. يعني اسٽوپا جو پليٽ فارم اونڌي پيالي جهڙو آهي. ڄڻ ته ڪو تمام وڏو پيالو ابتو ڪري رکيو ويو هجي. ان پيالي جو رنگ اڇو آهي. ان ابتي پيالي جي مٿان شوالي وانگر چوڪنڊو يا مخروطي منارو آهي. ان مناري جي ڊيڪوريشن مختلف ٿي سگهي ٿي پر اهو بنيادي طرح مخروطي آهي. ان مناري جي چوٽيءَ تي نيل هوندي آهي، جيئن عام طور تي ڪنهن به مندر مسجد يا درگاھ کي هوندي آهي. ان نيل جو تعلق آسماني هستيءَ سان سڌي طرح هوندو آهي پر جڏهن هندو مت يا ٻڌ مت

جي حوالي سان ڏسجي تہ اها نشاني انهن ٻڌل جتائن جي آهي جيڪا جوڳي ۽ سنياسي ٻڌندا آهن. ان ريت اهو، نيل خود جوڳ ۽ تپسيا جي علامت آهي.

انهن نيپالي اسٽوپائن جي ٻي خاص ڳالهہ اها آهي تہ اهي اسٽوپا (اونڌا پيالا) اندر ۾ خالي يا ڪورا ناهن پر اهي ٺوس آهن. اونڌي پيالي جي چوٽي پاسي ڪٽي ننڍيون دريون آهن جن ۾ ٻڌ جو مجسمو رکيو ويو آهي يا وري اتي اهي قرٽيون آهن، جنهن ۾ منتر موجود هوندا آهن.

نيپالي اسٽوپائن جي هڪ ٻي وڏي سڃاڻپ اڌ کليل يا سوچ ۾ ٻڏل اکيون آهن جيڪي پڻ جوڳ ۽ تپسيا جي نشاندهي ڪن ٿيون. گوتم ٻڌ سان منسوب اهي اکيون اسٽوپا جي پيالي مٿان شوالي جهڙي مناري تي چئني پاسن کان ٺاهيون وڃن ٿيون جيڪي هر ايندڙ ويندڙ کي ڏاڍي پر اسرار انداز ۾ ڏسن ٿيون.

اهي اکيون ڏاڍيون اهم آهن. اهي اکيون ئي تہ آهن جيڪي اندر جي ڪيفيت کي لڪائي نہ سگهنديون آهن ۽ اندر جو آئينو بڻجي سچا راز ظاهر ڪري ڇڏينديون آهن. سنڌ ۾ مهين جي دڙي مان لڌل مها پوڄاريءَ جو مجسمو جنهن کي ڪِنگ پريسٽ جو نالو ڏنو ويو آهي، آرڪيالاجيءَ جي ماهرن وٽ انڪري وڏيڪ دلچسپيءَ جو سبب بڻيو آهي جو ان جون اڌ کليل ۽ سوچ ۾ ٻڏل اکيون ڳالهائين ٿيون. ڇا مهن جي دڙي جا ماڻهو بہ گوتم ٻڌ وانگر ڏيان گيان ذريعي "سچ" تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا؟

ڪجهہ روايتن موجب ڪٺمنڊو واديءَ ۾ موجود وشال ڍنڍ "ٽؤ ڌا" (Tau Dha) جو پاڻي ڪيڏڻ جو ڪم رشي منجوسريءَ ڪيو. هن ڇڄ ٻهار نالي ماڳ وٽان لڪ ٺاهي پاڻي هر ڪيڏي ڇڏيو. ان کان پوءِ ماڻهو هن واديءَ ۾ اچي رهڻ لڳا. ان دوران هن ٽڪريءَ تي، جيڪا ڍنڍ واري وقت ۾ هڪ ٻيٽ هئي، هڪ جوت ظاهر ٿي جنهن کي اسٽوپا جي گرڀ ۾ ڍڪيو ويو. چاڪاڻ تہ هتي اها جوت پنهنجو پاڻ ظاهر ٿي انڪري ان ماڳ کي

"سويمر ڀو" سڏيو ويو.

سويمر ڀو ناٿ فقط ماڻهن جو ئي پکوان ناهي. هتي آس پاس رهندڙ ٻولڙن جا لشڪر سويمر ڀو ناٿ مندر جا مستقل ياتري آهي. ٽڪريءَ جي مٿئين اڌ ۾ رهندڙ شايد ئي ڪو ٻولڙو هجي جيڪو اَن پاڻيءَ جي ڳولا ۾ ڏينهن جو هڪ ڀيرو سويمر ڀو ناٿ جي حاضري نه ڀريندو هجي! مون اڪثر ٻولڙن کي ڀڪشوئن کان ڪاڏو گهرندي ڏٺو. ٻولڙا ڪجهه ڀڏڙن ڀڪشوئن جو هٿ جهلي ٻيا وٺن ۽ ڀڪشو ڪين ڪجهه نه ڪجهه ڪاڻڻ لاءِ ڏيئي ڀيوچڏي. شئي وٺڻ کان پوءِ ساڳيو ٻولڙو ڊوڙ پائي وڻي تي پکو. مون ڪجهه ٻولڙن کي پکوانن آڏو رکيل پرشاد چورائي ڪائيندي به ڏٺو. هو پکوانن آڏو تمام احتياط سان تي آيا. هيڏانهن هوڏانهن ڏسندا ۽ پير پير ۾ وجهي تي آيا ۽ انهن درين ۾ گهڙي پرساد چورائي اک چنڀ ۾ پيڇي تي ويا، جن ۾ پکوانن کي ڏاڍي حفاظت سان بند ڪيو ويو هو. ٻولڙا پکوانن جي آڏو رکيل اَن پاڻي چورائي تي ويا يا پکوان ڪين اَن پاڻي ڏيئي رهيو هو؟

ايئن تي لڳو ته سويمر ڀو ناٿ جي پاڇي ۾ رهندڙ ٻولڙا ماڻهن جي عادتن کان چڱيءَ طرح واقف آهن ۽ ڪين خبر هئي ته اها مخلوق ڪيڏي نه بي رحم ۽ بي اعتباري آهي.

پاڪستان موٽڻ کان پوءِ اخبار ۾ دلچسپ خبر پڙهڻ ۾ آئي ته ڀارت جي ڪنهن مندر ۾ روز صبح جو پوڄا ڪندڙ پوڙهو ٻولڙو جڏهن مري ويو ته ان جو ڏاڍي احترام سان اگني سنسڪار ڪيو ويو. ماڻهن جو خيال هو ته اهو ٻولڙو ڪا پهتل آتما هئي جنهن ٻولڙي جي روپ ۾ جنم ورتو هو ۽ پکوان سندس دل ۾ ويٺل هو جنهن ڪري هر صبح جو پکوان جي مورتيءَ آڏو هٿ ٻڌي پوڄا ڪندو هو. ڇا اهو ٻولڙو سچ پچ ڪا پهتل آتما هئي يا هن انسانن جي دنيا ۾ رهي انسانن جون عادتون اختيار ڪري ورتيون هيون؟

پولڙا

نيپال جا جابلو ماڻهو ذري گهٽ اگهاڙي فطرت هيٺ بي سرو ساماني واري حالت ۾ رهن ٿا. اهڙي طرح اهي ان جهنگلي مخلوق جو حصو بڻجي وڃن ٿا جن ايا تائين اگهاڙي فطرت کان ٻاهر پنهنجي نئين دنيا نه ٺاهي آهي.

کٽمنڊو ماٿريءَ ۾ ٻئي نمبر تي رهندڙ مخلوق پولڙا آهن. جيتوڻيڪ اهي شهر ۾ ناهن ته به اهي شهر جي ويجهڙين ٽڪرين تي ۽ خاص ڪري ٻن وڏن مندرن جي چوڌاري لشڪرن جي صورت ۾ رهن ٿا. شايد انڪري ته ڌرمي ماڻهن جي ناتي انسان ذات پولڙن کان ٽري وڃي ٿو ۽ پولڙا سڪون سان پنهنجن ڪٽنبن ۽ قبيلي سان پنهنجي زندگيءَ جون سرگرميون جاري رکي سگهن ٿا.

نيپال جهنگلي جيوت جي مشاهدي لاءِ سٺو ملڪ آهي خاص ڪري پولڙن تي تحقيق لاءِ هتان جي ٻن مندرن سويم ڀو ۽ پسو پتي ناٿ ٽڪرين وٽ ڪئمپ هڻي سگهجي ٿي. پولڙن جي هن قسم کي Rhesus چيو وڃي ٿو جيڪي اصل ۾ عام هندستاني باندر ٿي آهن جنهن کي سنڌ ۽ هند ۾ انسان ڏگڏگيءَ تي نچائي نچائي بيڙو ڪيو آهي ۽ پاڻ سان گڏ پولڙن کي به در در پنايو آهي.

سويم ڀوناٿ وٽ رهندڙ پولڙا نه ته ماڻهن کان ڊڄن ٿا ۽ نه وري هرويرو ويجهو اچن ٿا. شايد ماڻهن جي بي پيري فطرت کان واقف آهن. سويم ڀوناٿ هڪ اهڙي ٽڪريءَ تي آهي، جيڪا وڻن سان ڍڪجي وئي

آهي. فقط ان جي چوٽيءَ تي اسٽوپا ۽ پيون اهم جايون آهن. باقي سڄي ٽڪريءَ تي ٻولڙن جو راڄ آهي. سويم ڀو اسٽوپا ۲۰۰۰ سال پراڻو سمجهيو وڃي ٿو.

اڪثر ٻولڙا ٽڪريءَ تان لهي شهر ۾ نڪريو اچن. عام نيپالين لاءِ اها اهڙي رواجي ڳالهه آهي جيئن اسان پنهنجي شهر ۾ ڪتن کي ڦرندو ڏسون. ٻولڙو تمام عقلمند جانور آهي. نيٺ به انسان جو سوٽ آهي! ٻولڙن جي ڪهڙي حرڪت آهي جيڪا انسانن کان مختلف آهي؟ خاص ڪري انهن جا ٻچڙا ڪنهن به طرح انساني ٻارن کان مختلف ناهن. انهن جو رانديون، چيڙ ڇاڙ، رڙيون، ڪيڪاٽ، ويڙهه، ڊوڙون، وڏڙن جي اوٽ وٺڻ وغيره وغيره ۽ وڏا ٻولڙي وڏي صبر سان ويٺا سندن حرڪتون ڏسن جيڪڏهن ڪنهن ٻچڙي کي ڌڪ لڳي پوي يا مار کائي موٽي ته ماءُ ڊوڙي اچي واهر ڪندي. پٺس رکو ان مهل ويجهو ايندو جڏهن ڪنهن وڏي خطري جو احساس ٿيندس.

ڪڏهن ڪڏهن ٻولڙا ماڻهن لاءِ عذاب به بڻجيو وڃن. ٻولڙا ٻڌ پوڄارين کان ڀڳيو وٺڻ. ڳهرڻ ۽ ڦرڻ جا عادي آهن انڪري اهي اڪثر ڪري بي خبر سياحن جي هٿن مان جهٽ هڻي شيون ڦري ويندا آهن. پوءِ ڪٿي اها ڊبل روٽي هجي يا ڪئمرا يا دور بيني. ٻولڙي ماڻهوءَ کان ڇا ڦريو؟ اها خبر ته ٻولڙي کي ان مهل پوندي جڏهن هو ان کي چڪ هڻي ڏسندو. عام طور تي ٻولڙا ڪا شئي ڦرڻ کان پوءِ ٻيهندا ناهن. هو ڊوڙندا گهري جهنگ ۾ گم ٿي ويندا آهن ۽ اهڙي طرح ڦريل شئي جي واپسي جو امڪان نه رهندو آهي. انڪري سياحن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اهي پنهنجي هٿ ۾ جهليل شئي کي هر وقت مضبوطيءَ سان جهلين ڇو ته ڪو سان ڪو نه ڪو ٻولڙو ڪين تاڙي رهيو هوندو آهي.

ڪجهه سال اڳ نيشنل جاگرافيڪ سوسائٽيءَ وارن هتي ڪجهه سال ترسي ٻولڙن جو اڀياس به ڪيو هو. ٻولڙا پنهنجا ٽولا ٺاهي رهن ٿا ۽ ٻيلي

جا ڪي مخصوص حصا پنهنجي پنهنجي ٽولي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏين ٿا. انهن حصن ۾ ٻئي ٽولي جي پولڙن ڪي برداشت نٿو ڪيو وڃي. اڪثر ڪري ان ڳالهہ تان سندن وچ ۾ باقاعدي جنگ بہ ڇڙي پوي ٿي.

جيڪڏهن ڪو پولڙن جو مشاهدو ڪرڻ گهري تہ هو اها ڳالهہ ضرور نوٽ ڪندو تہ مادي (پولڙي) پنهنجي ٻچڙي سان ائين ئي پيار ڪري ٿي جيئن ڪا عورت. ٻچڙو هر وقت ڪيس چنبڙيل هوندو آهي. يا تہ اهو ماءُ جي پٺيءَ تي سوار هوندو يا وري ڳچيءَ يا پيٽ ۾ هٿ وجهيو ٽنگيو پيو هوندو يا وري ماءُ سندس وارنمان جُون پٽي ڪڍندي نظر ايندي يا وري ٻچڙو ماءُ جي ڇاتي چوسي رهيو هوندو ۽ ڪنهن ڏاريءَ ڪي ڏسي ٻچڪا ڏيڻ بند ڪري ٽيڏين اکين سان نهاريندو.

پولڙي ڪي ٻچڪاري ڪارائڻ سان نقصان بہ ٿي سگهي ٿو ڇو تہ پولڙو ڪنهن ڪنهن وقت زورائتو چڪ هڻي وجهندو آهي. پولڙن ڪي چيڙائڻ بہ نہ گهرجي. اهو بہ خطرناڪ عمل ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن پولڙن ڪي توهان جي نيت ۾ شڪ پئجي ويو تہ پوءِ توهان جو گهيراءُ بہ ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن توهان تي ڪا اهڙي ڏکي ويل اچي وڃي تہ اهو ئي ڪجهہ ڪريو جيڪو ڪرڻ گهرجي. يعني توهان جي چهري تي ڏپ جو تاثر نہ اچڻ کپي. پولڙا بہ ڪتن وانگر انساني ارادن ۽ دل جي ڪيفيت ڪي سمجهي ويندا آهن. جنهن ڪري مسئلو بہ ٿي سگهي ٿو.

عورتن جو ميلو ـ تيج TEEJ

۱۳ ـ سيپٽمبر تي اسانکي سڄي کٺمنڊو ۾ هر عورت ڳاڙهي ساڙهي پهريل نظر آئي. پڇا ڪرڻ تي خبر پئي اهو ترتيا جو ڏينهن هو جڏهن هندو عورتن جو تيج جو ميلو لڳندو آهي. ترتيا معنيٰ چنڊ جي ٽين رات.

ان ڏينهن يا ميلي کي هاريتا ليڪا به چون ٿا. ها ريتا ليڪا اصل ۾ شو مهاديو ۽ پاربتي ديويءَ جي هڪ ڪٿا آهي. هندو ڏند ڪٿائن جي هڪ دلچسپ ڳالهه اها آهي تہ ديوين ۽ ديوتائن جي چرپر عام ماڻهوءَ سان ڏاڍي ملندڙ جلندڙ هوندي آهي. ان جو سبب يقينن اهي هڪ ٻئي کان مختلف به ذعوائون آهن يعني هڪ اها تہ ديوتائن ماڻهوءَ کي پنهنجي روپ تي ٺاهيو ۽ ٻي اها تہ ماڻهن ديوتائن کي پنهنجي روپ تي ٺاهيو.

ڪٿا موجب ديوي پاربتيءَ مهاديو شو کي مڙس طور حاصل ڪرڻ لاءِ سخت تپسيا ڪئي ۽ تپسيا دوران وشنوءَ سان ملي جنهن ديويءَ کي صلاح ڏني تہ هوءَ هڪ مخصوص پوڄا ڪري تہ ڪيس مهاديو ملي ويندو. ديويءَ ايئن ئي ڪيو ۽ ڪيس مهاديو ملي ويو. ان کي هر پيتالي بہ چون ٿا ڇو تہ وشنوءَ جو ٻيو نالو "هري" آهي. واضح هجي تہ "هر" مهاديو لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

سو، تيج اصل ۾ مڙس جي ڀلائي ۽ جيوت لاءِ پوڄا پاٺ جو موقعو آهي. عورت پنهنجي گهر ۾ شو ۽ پاربتيءَ جي پوڄا ڪندي آهي. سڄو ڏينهن "ورت" (روزو) رکي ٿي. ان ورت ۾ پاڻي بہ نہ پيئندي آهي. هيءَ ورت فقط براهمڻ ۽ ڪشتري ذاتين وارين عورتن لاءِ آهي پر هيٺين ذات

واريون بہ رکي سگھن ٿيون.

تيج عورتن جو ميلو آهي. هن موقعي تي عورتن جي پنهنجي ڪٽنب لاءِ ارپنا ڏسجي ٿي. هوءَ پاربتيءَ وانگر پنهنجو آفاقي ڪردار ادا ڪري ٿي.

ڏند ڪٿا موجب گهڻو اڳ هماليہ پربت جي ڌيءَ پاربتي شو جي عشق ۾ مبتلا ٿي پئي. جيتوڻيڪ وشنوءَ کيس آچ ڏني پر هوءَ شو ۾ مگن هئي! جيڪو ڪيلاش پربت تي هميشہ وڏي يوگ تپ ۾ ويٺو هوندو آهي. شو پاربتيءَ ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو.

پاربتي پنهنجي پيءُ جي مرضيءَ جي خلاف پنهنجا نفيس ڪپڙا سادن ڪپڙن سان بدلائي روزو رکي شو جو ڌيان ڪري تپسيا ڪرڻ ويهي رهي تہ جيئن مهاديو پنهنجو تپ ڇڏي ۽ کيس پنهنجي زال قبول ڪري. هن نيٺ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ شو جي دل ميڻ ٿي.

هاڻي هندو ناريون تيج دوران پنهنجن مڙسن سان لڳاءُ ظاهر ڪرڻ لاءِ پاربتي وانگر برت رکن ٿيون.

پهريون ڏينهن برت ناهي. ناري بازار مان پنهنجي مرضيءَ موجب سڀ کان مهانگو سيڌو خريد ڪري ٿي، خود مرد کي اجازت ناهي تہ هو قيمت بابت پڇا ڪري. عورت آزديءَ سان خرچ ڪري ٿي پوءِ ڪٿي ڪيڏو بہ قرض ڪٿي. ان موقعي تي زالون حقيقت ۾ پنهنجي مڙس جو معاشي ڏيوالو ڪڍيو ڇڏين.

عورتون شام جو هڪ هنڌ گڏ ٿين ٿيون ۽ مردن کي پري رکيو وڃي ٿو ۽ برت رکڻ جي پارٽي شروع ٿئي ٿي. مائرون، ڏيڏرون، ڀينرون ۽ نانيون ڏاڏيون چوڏاري ويهن ٿيون. ماحول ۾ ٽهڪڙا ۽ کل مشڪري پکڙجي ٿي ۽ کائڻ پيئڻ جو ڪم هلي ٿو. اڌ رات کان برت شروع ٿئي ٿو. گيت ڳاتا وڃن ٿا ۽ مختصر ناچ ٿئي ٿو. تيج انهن تمام ٿورن موقعن مان هڪ آهي جڏهن عورتن جو نچڻ ڳائڻ مناسب سمجهيو وڃي ٿو.

ٻئي ڏينهن تي عورتون ڪجهہ شيون کائن پيئن. سموريون بالغ عورتون برت رکن ٿيون. شادي شده عورتون مڙسن جي ڀلائيءَ لاءِ ۽

ڪنواريون سٺي ور لاءِ. ڪجهہ گهرن ۾ هن ڏينهن تي عورتون پنهنجن مڙسن جي خاص خدمت ڪن ٿيون. ڪجهہ گهرن ۾ وري اها ذميواري مڙس جي آهي تہ هو لازمي طرح پنهنجي ڌرم پتنيءَ جي خدمت ڪري ۽ ڪيس اهو سڀ ڪجهہ آڻي ڏي جنهن جي فرمائش ٿئي.

هيءُ سال جا ٻہ ٽي رنگين ڏهاڙا آهن. جڏهن شاديءَ واريون شوخ ڳاڙهيون ساڙهيون پاتل عورتن جون ٽوليون رستن تي ٽهڪڙا وڪيرينديون ۽ ڳائينديون نظر اچن ٿيون. اهي ٽوليون پسو پتي ناٿ واري مندر يا شو ۽ پاربتيءَ جي ڪنهن ٻئي مندر ڏانهن وينديون نظر اينديون.

پوتر پاڳمتي نديءَ جي ڪناري شو مهاديو جي مندر ۾ عورتون شو جي اهڃاڻ لنگم تي گلن، ميون ۽ جانورن جون ڀيٽائون ڏينديون آهن. هن ڏينهن تي مندر جا سڀ دروازا مردن تي بند هوندا آهن. سواءِ براهمڻ پوڄارين جي. هن موقعي تي هتي هڪ خاص تقريب ٿئي ٿي جنهن سان شو

تيج ميلي دوران عورتون باڳمتي ندي ۾ اشنان ڪري رهيون آهن.

۽ پاربتيءَ جي شاديءَ واري موقعي جي ياد تازي ڪئي وڃي ٿي. شو ۽ پاربتي جي مورتين آڏو عورتون پوڄا ڪن ٿيون ۽ پنهنجن مڙسن لاءِ دعا ۽ واعدا ڪن ٿيون تہ هو سندن عزت ۽ احترام ايئن ئي ڪنديون جيئن پاربتي شو جو ڪندي آهي.

آخري ڏينهن کي رشي پنچمي چيو وڃي ٿو. صبح جي وقت ۾ زال گذريل ڏينهن کان شروع ڪيل تقريبون مڪمل ڪري ٿي ۽ ديوتائن کي پيتا ڏنل پرساد مڙس کي کارائي ٿي ۽ سندس پير ڌوئي ٿي.

ان کان پوءِ عورتون نديءَ ڪناري پوتر ماڳن ڏانهن وهنجڻ وڃن ٿيون جتي سندن خيال ۾ وهنجڻ کان پوءِ سندن سال جا گناهہ لهي وڃن ٿا. ايئن ئي تيج جا ڏينهن لنگهي وڃن ٿا ۽ عورتون ۽ مرد وري ساڳي دنيا ۾ پنهنجين ڪرتن ۾ گم ٿيو وڃن.



پاتن جو "ڪرشن مندر" جنهن ۾ ٢٢ مندر اهن

ڪرشن
ڏهون اوتار

ڪرشن هندو ديو مالا ۾ گهڻ پاسائون ڪردار آهي. نيپال ۾ ڪيس پيار جي ديوتا جي حيثيت حاصل آهي، جيتوڻيڪ مهاڀارت واري لڙائيءَ جي حق ۾ ڪرشن ئي سڀ کان وڏيڪ دليل ڏنا هئا. اها جنگ جنهن ۾ شڪ ئي ڪتنب جي رت سان ڪرو ڪيتر ڳاڙهو ٿي ويو. جنگ ۽ پيار ۾ جيترو ويڇو آهي ڪرشن جي شخصيت ۾ ايڏو ئي تضاد آهي.

ڪيس پيار جو ديوتا شايد ان ڪري سمجهيو وڃي ٿو جو هو گوپال جي حيثيت ۾ ڳوٺ جي نوجوان ڇوڪرين ۾ حد ڪان وڏيڪ پيارو هو. ڪرشن جي اشٽمي واري ڏينهن تي ڪرشنا مندر پاتن ۾ وڏو رنگ اڇي ٿو. هزارها عورتون هن مندر ڏانهن نڪرن ٿيون. ڳاڙهيون ۽ پيليون ساڙهيون نيپالي عورتن جو پسنديده لباس آهي. سندن ڪپڙن تي شيشي جو يا وري ڪو پيو چلڪندڙ ڪم جاءِ ٿئي ٿو جنهن ڪري ڪرشن مندر هن موقعي

تي جهر جهر ڪري جرڪي پوي ٿو.

ڪرشن اشٽمي پوڃا پاٺ جو ڏينهن آهي، ماڻهو صبح ساڻ مندر جي ٻاهران ڊگهي قطار ۾ بيهي مندر ۾ گهڙڻ ۽ پوڃا پاٺ لاءِ انتظار ڪن ٿا. ڪرشن جو جنم ڪيئن ٿيو؟ اها ڪهاڻي هر هندو ٻار کي زباني ياد آهي.

ڪرشن قيدخاني ۾ ڄائو هو ۽ سندس جنم جو قصو حيرت جي حد تائين حضرت موسيٰ جي جنم جهڙو آهي. حضرت موسيٰ جي ڄمڻ کان اڳ نجومين فرعون کي ٻڌايو هو ته فلاڻي تاريخ تي ڄاول ٻار تنهنجو سر ڪٽيندو. ان کان پوءِ فرعون ساڳي تاريخ تي ڄاول سمورا ٻار مارائي ڇڏيا پر موسيٰ بچي ويو. سندس ماءُ موسيٰ کي بچائڻ لاءِ ڪيس پيتيءَ ۾ وجهي درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو هو. ايئن موسيٰ بچي ويو ۽ جوان ٿي فرعون جو سر ڪنيائين. ڪرشن جي ڄمڻ کان اڳ به نجومين اڳڪٿي ڪئي هئي ته هو پنهنجي مامي ڪنس جو سر ڪٽيندو جيڪو ڏاڍو ظالم حاڪم هو. ڪنس ڪرشن کي مارڻ لاءِ پيڻ کي قيد ۾ وجهي ڇڏيو پر جڏهن ڪرشن جي ڄمڻ جو وقت آيو ته قيد جا در پاڻهي کلندا ويا ۽ سپاهين کي ننڊ ڪٽي وئي ۽ ڪرشن جو پيءُ ڪرشن کي نندڪي وٽ ڇڏي آيو ۽ ڪنهن کي به خبر نه پئي. ڪرشن وڏو ٿي ڪنس جو سر ڪنيو. باقي، حضرت موسيٰ جو درياهه لڙهڻ وارو قصو وري مهاڀارت جي هڪ ٻئي مکيه ڪردار ”ڪرڻ“ جي حصي ۾ آيو. ڪرڻ جي ماءُ جيڪا ڪرشن جي پڦي به هئي، لوڪ لڄا جي ڊپ کان پنهنجي پٽ کي ايئن ئي درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو هو جيئن موسيٰ کي سندس ماءُ فرعون جي ڊپ کان.

اصل ۾ شري ڪرشن ۽ ڪرڻ جي جنمن بابت ڏند ڪٿائن کي ملائڻ سان حضرت موسيٰ وارو واقعو مڪمل ٿئي ٿو. لڳي ايئن ٿو ته حضرت موسيٰ وارو قصو ۽ مهاڀارت وارو اهو حصو جنهن ۾ ڪرشن ۽ ڪرڻ جي پيدائش ڄاڻايل آهي ڪنهن هڪ بنيادي واقعي جا مختلف پڙاڏا آهن. گهڻو

امڪان اهو ٿي آهي تہ مصري بنياد رکندڙ هيءُ واقعو هندي ڏند ڪٿا ۾ ملي ويو هجي! ڇونتہ بہ قديم مصر جا قديم سنڌ ۽ اولهہ هندستان سان سامونڊي لاڳاپا قديم آثارن ذريعي ثابت ٿيل آهن. خود ڪرشن جو شهر دوارڪا سامونڊي بندر هو جيڪو سندس مرتئي کان پوءِ ٻڏي ويو. هاڻوڪو دوارڪا نئون شهر آهي.

سو، ڪرشن قيد خاني ۾ ڄائو. سندس ماءُ ۽ پيءُ جو نالو ديوڪي ۽ واسو ديو هئا. جنهن رات ڪرشن ڄائو تڏهن قدرت سخت طوفاني مينهن آندو تہ جيئن نئين ڄاول ٻار جون رڙيون نہ گونجن ۽ آوازن ۾ دٻجي وڃن. جڏهن ٻار ڄائو تہ در کلندا ويا ۽ پهريدارن کي ننڊ ڪٽي وئي. جڏهن واسو ديو ٻار کي ڪٺي محفوظ هنڌ تائين پهچائڻ نڪتو تہ واٽ ۾ ندي هئي. ندي پار ڪرڻ مهل واسو ديو ان ۾ گهڙيو تہ هزارين منڍين وارو شيش نانگ پاڻي مان نڪري آيو ۽ ڪرشن جي مٿان ڦڻ پکيڙي هن کي مينهن ۽ ڇنڊن کان بچايائين. واسو ديو ڪرشن کي پنهنجي عزيز نند ڪيءُ جي حوالي ڪيو ۽ سندس نئين ڄاول ڌيءُ کڻي واپس قيد خاني پهتو.

ٻئي ڏينهن جڏهن ڪنس قيد خاني ۾ آيو ۽ نئين ڄاول ٻار کي دستور مطابق زور سان پٽ سان هڻي چٿڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين، تيئن ئي ٻار سندس هٿن مان ترڪي آسمان ڏانهن اڏامي ويو ۽ ان مهل آڪاش واڻي ٿي تہ "او ڪنس! توکي سيڪت ڏيڻ لاءِ ڄاول ٻار قيد خاني مان اڳ ئي نڪري چڪو آهي!"

گهٻرائجي ويل ڪنس نئين رٿ رٿي ۽ هڪ راڪاس عورت تي ڪم رکيو تہ هوءَ نئين چنڊ جي ائين تاريخ تي ڄاول هر ڇوڪري کي ماري. ان پوتنيءَ چا ڪيو جو پنهنجي ڇاتيءَ کي زهر مکي ساڳئي ڏينهن جي ٻارن کي ٿڃ پياري مارڻ لڳي. پر جڏهن هن آخري ٻچيل ٻار ڪرشن کي ٿڃ ڏني تہ پاڻ مري وئي. پر، ڪنس جڏهن اهو ٻڌو تہ آخري ٻار بہ ٿڃ پيتو آهي، تہ هو مطمئن ٿي ويو ۽ خوشيءَ ۾ ڪيس اهو خيال ئي نہ آيو تہ آخري ٻار

جو ڇا ٿيو ۽ پوٽي "پٽانا" ڇو مٿي؟

مهاڀارت واري جنگ ۾، جنهن ۾ چاليهه لک کن ماڻهو مئا. شري ڪرشن پانڊون جو طرفدار هو ۽ جنگ ۾ پانڊون جو صلاحڪار ۽ جنگجو ارجن جو رٿبان هو. هن ارجن سان جنگ جي ميدان ۾ جيڪي ڪجهه ڳالهايو ۽ جنگ جي حق ۾ جيڪو دليل ۽ فلسفو ڏنو اهو سڀ "ڀاڳوت گيتا" آهي يعني "ڀڳوان جو گيت" .

شري ڪرشن - کٽمنڊو ۾

کٽمنڊو وارن کي وڏو فخر آهي ته جڏهن شري ڪرشن هماليه تي شنڪر ڀڳوان سان ملڻ آيو هو تڏهن هو کٽمنڊو مان به پير گهمائي ويو. هڪ عام ماڻهو کٽمنڊو ۽ ڪرشن جي عام تاريخ بابت اجهو هيئن بيان ڪري ٿو:

"شري ڪرشن جڏهن گوسائي ڪنڊ (Gosai Kund) آيو تڏهن هو ان جاءِ تي ترسيو جتي هاٽي پسو پتي مندر آهي. ان وقت شري ڪرشن سان آيل گوپال ونسي جيڪي چندر ونسي يا يادو ونسي به آهن، هتي ترسي پيا ۽ ڪرشن اڪيلي نڪري ويو. نيپال جو پهريون راجا گوپال ونسي هو، جنهن به سٺو ٻارنهن ورهه راڄ ڪيو. ان راجا تي ڪِرانتي ونس جي ماڻهن حملو ڪيو جيڪي اتر کان آيا هئا، اهي منگولن جهڙا ماڻهو هئا. ان کان پوءِ يادو ونسي شڪست کائي ڏکڻ ۾ ترائيءَ ڏانهن هليا ويا ۽ ڪجهه چندر ونسي ڳئون پالڻ لاءِ ٻيلن ۾ رهي پيا. انڪري نيپال جي ترائيءَ ۾ يادو ونسي چڱا خاصا آباد آهن".

لفظ "ترائيءَ" جي نيپالي ٻوليءَ سنڌيءَ ۾ ساڳي معنيٰ آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هندي يا اردو ٻوليءَ کنهن به ٻي ٻوليءَ ۾ اهو لفظ ان معنيٰ ۾ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. ترائي معنيٰ اهو ميدان جيڪو جبلن جي هيٺاهين ۾ هجي.

مٿي هڪ لفظ گوسائي کنڊ استعمال ٿيو آهي. گوسائي معنيٰ "ڳڻن جو" ۽ کنڊ معنيٰ "تلاءُ". اهو لفظ به جيئن جو تيئن سنڌ ۾ استعمال ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ کنڊ توڙي کُن لفظ تلاءُ لاءِ برابر استعمال ۾ اچن ٿا. مثال طور هنگلاج ۾ انيل کنڊ يا انيل کُن. ڪارونجهر ۾ مرکهي کنڊ يا مرکهي کن وغيره وغيره. اهو نئي لفظ کنپ بڻيو آهي جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ بار بار اچي ٿو سنڌ ۾ اج به کنپ نالي سان هڪ شهر آباد آهي.

ڀيمسين واپار جو ديوتا ٿي ويو

جنهن مهاڀارت پڙهيو هوندو تنهن کي خبر آهي ته ڀيمسين پانڊو ڀائرن مان جسماني طاقت جي لحاظ کان سڀ کان اڳرو هو. جنگ ۾ جڏهن رڙ ڪندو هو ته دشمن جو هي نانءُ ڏڪي ويندو هو. طاقت ايڏي هئس جو هاٿي ۾ گهوڙن کي ٻانهن جي ٻل سان جهلي اڇلائيندو هو ته وڃي پري ڪرندا هئا. اهڙو پلوان عقل جي معاملي ۾ ٻين ڀائرن کان گهٽ هو. پر اها ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي ته نيپال ۾ هن جنگجوءَ کي واپار جو ديوتا مقرر ڪيو ويو آهي. واقعي ڀيمسين يوناني ڏند ڪٿا جي هرڪيوليس ۽ سيمسن کان گهٽ طاقتور ناهي، ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن

ٿيو ته پيمسين جنگ يا طاقت جو ديوتا ٿيڻ بدران واپار جو ديوتا بڻجي ويو؟

اصل ۾ نيپال جا قديم سوداگر پنهنجو مال سواريءَ جي جانورن تي ستي هماليه جبل جي اڻ نانگن رستن تان ٿيندا تبت ۽ چين ويندا هئا. واٽ تي رهندڙ خطرناڪ قبيلا ۽ ڌاڙيل سندن قافلي تي اوچتا حملا ڪري الهه تلهه ڪٽي ويندا هئا. انهن ڌاڙيلن کي روڪڻ لاءِ ڪنهن ٻلوان ديوتا جي ضرورت محسوس ٿي. اهڙيءَ طرح سوداگرن پيمسين جي تصوير قافلن ۾ پاڻ سان گڏ کڻڻ شروع ڪئي. هوريان هوريان اها تصوير قافلن سان گڏ دڪانن ۾ ٽنگڻ شروع ڪئي وئي ۽ پوءِ پيمسين ايترو قبول ٿي ويو جو هاي گهو ڪري هر دڪان تي پيمسي جي تصوير ٽنگيل نظر ايندي. وڏي ڳالهه ته ماڻهن جو ويساهه ايڏو پڪو ٿي ويو آهي جو اڪثر سوداگر پيمسين کي اڪين سان به ڏسندا آهن.

تبت کان آيل مهاجرن جو ڇا ٿيو؟

تبت کان لڏي آيل مهاجر پوکرا ۽ کٽمنڊو ۾ ضم ٿي ويا آهن. اهي هاڻي وڏا واپاري آهن ۽ هوٽلون کوليون اٿائن. فرض ڪيو ته جيڪڏهن دلائي مالا موٽي به وڃي ته به هي يار هاڻي واپس نه ويندا. انهن جي ڪئمپ هاڻي ڪئمپ نه رهي آهي، اتي پڪا مڪان ٺاهي ڇڏيا اٿن. سرڪار انهن تي ڪا خاص نظر نٿي رکي. انهن مان ڪجهه ماڻهن کي شهريت به ملي وئي آهي. اهو عمل غير قانوني طريقن سان ٿيو. پر هاڻي هتي رشوت به هلي ٿي پر ٿوري. هتي تبتي ماڻهن کي کمپا Khampa (تبتين) چئجي ٿو. اهي اٽڪل ١٥ ـــ ٢٠ هزار کان متي هئا.

پگوانن سان ڏاڍ مترسي

ماڻهوءَ جو ياڳ پگوانن جي هٿ ۾ آهي يا نه؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ کان بهتر آهي ته اهو ڏسجي ته ماڻهن پگوانن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو آهي. ڪافي نيپالي نوجوان پراڻن توڙي نون مندرن مان نيون پراڻيون مورتيون چورائي سياحن کي وڪڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر جڏهن نٿيون وڪامجن تڏهن رستن تي هيڏانهن هوڏانهن اڇلائي ڇڏين ٿا.

مون شهر جي ننڍين ننڍين مندرن جي حالت خراب ڏٺي. اهي سچ پچ ته چورن جي ور چڙهي ويا آهن. اڪثر مندر خاص ڪري اندر چوڪ وٽ قائم مندر جا مچا ڏاڍا متاثر ٿيا آهن. اتي ئي اينٽيڪس جا ڪيئي دڪان آهن. گهڻن ماڻهن مندرن کي رات جي وقت ۾ اسٽور طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ سڄو ڏينهن انهن جي بي عزتيءَ ۾ مصروف آهن.

کٽمنڊو کي مندرن، اسٽوپائن ۽ پگوڊائن جو شهر چئي سگهجي ٿو پر هرويرو ائين به ناهي ته سڀ مندر آباد هجن. اڪثر مندر لاوارث حالت ۾ آهن يا وري اهي ڪن وارثن جي رهائش گاهه بڻجي ويا آهن. مون هڪ اهڙو مندر به ڏٺو جنهن تان ڪاٺ جون نه ٽٽڻ جهڙيون مورتيون بچي ڏار ڪيون ويون هيون پر پوءِ، شايد نه وڪامڻ سبب ساڳين جاين تي ٻيهر رسن سان ٻڌيون ويون هيون. جڏهن پگوان جي پوڄارين پهرين ته پگوان کي مندر مان ڪڍي بازار ۾ وڪڻڻ گهريو هو پر پوءِ جڏهن خريدارن مناسب قيمت نه ڏني يا پگوان کي اهميت نه ڏني ته پوءِ ان کي ٻيهر مندر ۾ رسن سان ٻڌو ويو. جتي اڃا تائين ٻڌو پيو آهي.

پگوانن بابت ٻي خاص ڳالهه اها هئي ته دڪانن ۾ وڪامجڻ لاءِ

رکيل ڪن مورتين کي شلپين (بت تراشن) پنهنجي مرضيءَ سان شڪل ڏني آهي. انهن ۾ ڏيکاريل منظرن جو حقيقت يا ڏند ڪٿا سان به ڪو تعلق نه آهي. مثال طور گوتم ٻڌ جي هڪ يوگ آسڻ واري مورتيءَ ۾ هڪ عورت آمهون سامهون ياڪر ۾ ڏيکاريل آهي. جڏهن ته ڀڳوان ٻڌ سان منسوب ڪنهن به ڏند ڪٿا ۾ اهڙو ڪو به ذڪر ناهي. اصل ۾ اها شلپيءَ جي پنهنجي شعوري ڪوشش آهي جنهن ۾ هن ڏند ڪٿا کي ڪارڻ (Crupt) جي ڪوشش ڪئي آهي.

بت تراشن جو چوڻ آهي ته ٻڌ ڀڳوان مذڪر ۽ مؤنث سگهن ۾ ورهايل آهي، ان ڪري جڏهن هو ٻڌ کي عورت سان جنسي ميلاپ واري حالت ۾ ڏيکارين ٿا ته اصل ۾ هو ڀڳوان جي ٻنهي روپن کي ملائي هڪ ڪري ٿا ڇڏين!

شينهن ۽ بت تراشيءَ جو فن

نيپاليءَ ۾ شينهن کي سِينگ Seeng اچارين ٿا پر اهڙي طرح سان جو پڙهڻ مهل "گ" ڪري ٿو پوي ۽ ڪن تائين فقط "سِين" لفظ اچي ٿو. هندي ۽ سنسڪرت ۾ اهو لفظ بدلجي سنگهه ٿيو پوي، جيڪو عام طور تي سک پنهنجي نالي جي پويان هڻندا آهن. اهو ئي لفظ اڪثر هندن ۽ ٻڌن جي نالي پويان به نظر اچي ٿو.

سنڌو درياهه جو اتر سنڌو ماتريءَ ۾ نالو "سين" آهي. جيتوڻيڪ "سين" معنيٰ وهڪرو آهي پر شينهن جو بدليل اچار "سين"به ڏيان ڇڪائي ٿو. خاص ڪري ان وقت جڏهن سنڌوءَ جو مزاج شينهن جهڙو گجندڙ ۽ ٻي

پرواهہ محسوس ڪيو وڃي ٿو. ان ئي ڀيٽ سان ڀنائيءَ پنهنجي بيت ۾ درياهہ لاءِ ساڳيو لفظ استعمال ڪيو آهي.

"هڪ پوءِ بيراهہ جو، ٻيو سانپارا سِيهن".

موڏانهن سنڌوءَ تي لکيل هڪ ڪتاب جو نالو "The lion River" آهي، جيڪو Jean Fairley جو لکيل آهي.

نيپال ۾ ٻہ سڄي هندستان وانگر هنڌ هنڌ شينهن جون مورتيون عام جام ملنديون. سرڪاري آفيسن جي دروازن تي، ڇتن تي، هوٽلن جي دروازن وٽ، مندرن تي، هر جاءِ تي شينهن جي مورتي ملندي. شينهن کي درگا ديويءَ جي سواري سمجهيو وڃي ٿو تنهنڪري عام خيال آهي تہ جتي شينهن هوندو آهي، اتي ماٺهو يا اهو آستانو محفوظ رهندو آهي.

هتان جي سيڪريٽريٽ واري بلڊنگ جو تہ نالو ئي آهي "سنگها دربار". هن بلڊنگ جي ڇت تي هڪ تمام وڏو ۽ سونو شينهن پنهنجي هڪ چنبي ۾ نيپال جو جهنڊو کنيو بيٺو آهي، ڇاڪاڻ اهو ئي نيپال جو حقيقي سنياليندڙ هجي!

آرٽسٽن شينهن جي مورتي گهڙڻ ۾ وڏو ڪمال حاصل ڪري ورتو آهي، ايتري قدر جو ڪاٺ مان گهڙيل مورتيون بہ هوبهو هڪ جهڙيون گهڙي وٺن ٿا، ڇاڪاڻ گهرن ۾ سانچا رکيل هجن. پر ايترو ضرور چئبو تہ هنن شينهن جي شڪل صورت کي بہ آرائشي ۽ ڏند ڪتائي شڪل ڏيئي ڇڏي آهي. اڄڪلهہ ٻلجندڙ ڪاٺ جا شينهن اصل شينهن کان مختلف ۽ ڏور اوپرا يا چيني ڊريگان جهڙا وڌيڪ آهن. شايد ان جو سبب اهو هجي تہ نيپالي فن تي چين جي خيالي ۽ جاپاني فن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ اثر آهي.

هن وقت تہ ڪٽمنڊو، پاٽن ۽ ڀڳت پور ۾ بت تراشيءَ جا وڏا ڪارخانا ڪم ڪري رهيا آهن جيڪي هزارها قسم جا بت مختصر نوٽيس تي تيار ڪري سگهن ٿا.

هتي هونئن تہ پٽر، ڪاٺ، هڏي، ڏاتوءِ ڪاغذ مان بت ۽ آرائشي شيون تيار ڪرڻ جا ڪيئي ننڍا وڏا ڪارخانا آهن ۽ اتي عاليشان ڪم ڪيو وڃي ٿو پر هڏيءَ جي ڪم ۾ هتي مهارت ناهي. مارڪيٽ ۾ موجود هڏي وارا بت سڀ جا سڀ تائيوان کان هتي اچن ٿا ۽ پوءِ هتان پارت ۾ ڀين پاسن ڏانهن سمگل ٿين ٿا.

شهر ۾ نڪر جا ٿانءَ، بت ۽ اهڙيون ٻيون شيون بہ عام جام آهن. هتي ڪنڀار کي "ڪمهالي" چون ٿا. مونکي مِٽيءَ جا ٿانءَ نہ وڻيا. شايد انڪري تہ مٽيءَ ۾ واريءَ جا جُزا وڌيڪ هئڻ ڪري انهن ۾ مضبوطي ۽ سونهن نہ هئي يا ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ جي قومي جيوڙن سبب مونکي سنڌي ڪنڀارن جي فن ڪانپوءِ هر جاءِ تي اوندهہ نظر ايندي هجي. هونئن بہ هتي نڪر جو ڪم سهڻو ضرور آهي پر ايترو نہ، جيترو ملتان جو آهي.

شهر جي پاسيرين آبادين ۾ پاڻ کي آتڻ واريون بہ نظر آيون، جنهن مان اندازو ٿيو تہ هتي سُٽ ڪتڻ ۽ هٿ جي قديم آڏاڻن جو جهونو سرشتو اڃا موجود آهي. افسوس جو آڏاڻن وغيره بابت مونکي ڀي ڪا بہ معلومات حاصل ٿي نہ سگهي.

جيتوڻيڪ نيپال سنڌ کان اڍائي ٿي هزار ميل پري آهي پر ڪن لفظن جي هڪجهڙائي حيرت جهڙي ڳالهہ محسوس ٿئي ٿي. مثال طور ڪانن مان تيار ڪيل موڙي کي هتي بہ "موڙو" سڏيو ٿي ويو. يا رات جو اڏامندڙ چمڙن کي هتي بہ "چمڙو" سڏيو ٿي ويو يا وري "ڪڙڳ" جو لفظ تلوار لاءِ استعمال ٿي ٿيو جيڪو پناڻيءَ بہ سُر ڪيڏاري ۾ استعمال ڪيو آهي.

ڪاٺ جي اُڪر

جنهن گهر ۾ مسعود رهي ٿو، اهو مسواڙ تي آهي. گهر ته مناسب آهي پر گهر جو دروازو ڏسڻ جهڙو آهي. ساڳ جو ڪاٺ ۽ ڪاٺ تي سهڻي اُڪر ڏسي من ٺري پيو. شري ڪرشن بانسري وڄائي رهيو هو ۽ راڌا نچي رهي هئي. مالڪ مڪان هي دروازو ويهه هزار رپين ۾ گهڙايو هو. جاءِ پراڻي ناهي. اهو فن پراڻو ضرور هو پر فنڪار اڄوڪي دور جو هو.

جيڪڏهن گهر ۾ باقي رنگ روغن يا عمارتي آرائشي انداز هجي ها ته بنهه حيرت نه ٿئي ها. پر هن عمارت ۾ ته فقط اهو هڪ دروازو ئي خاص طور تي ٺهرايو ويو هو. ڇو؟ شايد مالڪ مڪان پاڻ به ٻڌائي نه سگهي. نئين دور جي "بي" ڪلاس ڪنسٽرڪشن ۾ ڪلاسيڪل طرز جو اهو دروازو بالڪل اَن ــ فِٽ هو . ڪجهه به هجي نيپاليءَ ماڻهوءَ جو فنڪار ذهن ظاهر ٿي پوي ٿو. شايد ان ڪري جو سڄو هندو مت بت تراشي ۽ راڳ جهڙين مکيه ڪلائن ذريعي ماڻهن جي اندر ۾ منتقل ٿئي ٿو.

مون شڪارپور جي پراڻن گهرن جي دروازن تي به اُڪر ڏٺي آهي ۽ انهن گهرن جو ڪانسون ۽ گئلريون به ڏٺيون آهن. اهي سڀ شاندار آهن پر جنهن ماڻهوءَ نيپال جون گهٽيون ڏٺيون آهن هنکي شڪارپور ۾ ڪنهن ڪنهن هنڌ نيپال جي جهلڪ ايندي. شڪارپور اڳي ڪيترو سهڻو هئو؟ اها ته اسان کي خبر ناهي! ٿي سگهي ٿو ته شڪارپور شهر پنهنجي ڪلاسيڪل اوج وقت نيپال جي ڳاديءَ سان ڪلهو هڻندو هجي!

ذکر نقط مسعود جي گهر جو ناهي. اصل ۾ اهو نيپال جو واحد گهر هو جنهن ۾ اسان گهڙياسين. مونکي يقين آهي ته اڪثر نيپالي گهرن ۾ ڪاٺ جو ايترو ئي سهڻو ڪم ٿيل هوندو. نيپال جون گهٽيون ته اسان گهٽيون ئي گهمي ڏٺيون ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ نيپالي فنڪارن جو فن به ڏٺو سون پر جيڪو ڪم مندرن تي ٿيل آهي سو ته وري عجائب گهر ۾ رکيل مورتين ۾ ئي نظر آيو.

مندرن ۾ ڪهڙي شئي هئي جنهن تي اُڪر نه هئي! اُڪر به اهڙي جو ڪا به اُڪر ٻيءَ سان پيٽي نه سگهجي. مورتيون، مورتين جي چوڌاري ڏنل تفصيل، دروازا، چائنٺون، ڪامون، ڪانسون، دريون، هٿيا، پٺل، ڇت هر شئي ڄڻ ته ميوزم جو حصو هئي. جيئرو جاڳندو ميوزم.

نيپال ۾ ڪاٺ جي اُڪر وڌڻ جو سبب به دلچسپ آهي اصل ۾ نيپالي جي مختلف حڪومتن ۽ راجائن جي وچ ۾ اڏواتي آرائش جو وڏو مقابلو هو بالڪل ائين جيئن سنڌ بلوچستان ۾ چوکنڊي آرٽ جو ڪين ۽ ڪلمتين جي وچ ۾ نَڪَ جو مسئلو ٿي پيو هو. نيپال جي شهرن ۾ قديم زماني جي شاندار آرائشي شهپارن جا ننڍڙا نمونا تيار ڪري بازار ۾ وڪيا وڃن ٿا، جيڪي سياح خريد ڪري پاڻ سان سوکڙي طور کڻي وڃن ٿا. ڇا اهو ممڪن ناهي ته شڪارپور جي قديم شهپارن جا نقل شڪارپور جي هنر مندن کان ٺهرائي مارڪيٽ ۾ ڪيا وڃن ته جيئن هنر ۽ هنرمندن جي سرپرستي ٿئي؟



نيپالي پنڊ پاهڻ ـ شالي گرام

هٿ جي هنر ۽ پراڻين قيمتي شين جي دڪانن تي ڪاري رنگ جا پنڊ پاهڻ عام جام وڪامجن ٿا. ڀونءِ وديا موجب اهي پٿرايل جسم لکها سال اڳ ڪوڏن ۽ سپين واري زندگيءَ جو ثبوت آهن.

"ڪاري رنگ جا هيءُ پٿر دڪان تي ڇو رکيا اٿوَ؟" مون هڪ دڪاندار کان سوال ڪيو.

"اسان هن کي وشنو چئون ٿا. ماڻهو وشنوءَ جي نشاني خريد ڪري ان جي پوڄا ڪن ٿا." جواب مليو

اهو ڪارو پٿر ساڳئي وقت ڪسوٽي به آهي. سون، ٽامو، پتل، چاندي ۽ ٻين ڌاتن جي پرک به ڪري سگهجي ٿي. پر هيءُ پنڊ پاهڻ برساتي ندين ۾ لڙهندڙ گول پٿر ۾ اهڙيءَ طرح بند هوندا آهن جو پٽر ڀڃڻ ڪانسواءِ پتو ئي نه پوندو آهي ته ڪهڙي پٿر ۾ وشنو يا پنڊ پهڻ موجود آهي ۽ ڪهڙي ۾ ناهي. مقامي ماڻهوان کي شالي گرام چون ٿا ۽ اهو "دامو در "توڙي مڪتي ناٿ جبل جي جابلو ندين مان ملي ٿو. اهو جبل پوکرا کان پرتي آهي. ماڻهو جبل جي برساتي ندين مان توڙي پرپاسي مان اهي پٿر چونڊي ڪٺندا آهن جن ۾ وشنوءَ جي هجڻ جو شڪ هوندو آهي. ان پٿر جي پوڄا مهل تلسيءَ جا پن، پاڻي ۽ سنڌور استعمال ٿئي ٿو.

ڪڪڙ جي بيدي جيتري عام پر صاف سٿري پنڊ پهڻ جي قيمت ٽن ڊالرن کان گهٽ نه هئي. انهن ڪارن پٿرن ۾ عام طور تي فقط سپون ۽ ڪوڏ بند آهن. سنڌ ۾ به پنڊ پاهڻ جا بي شمار قسم آهن. جيڪڏهن

يورپي نسل جا ماڻهو سنڌ ۾ پنڌ پهڻن جي ايڏن قسمن کان آگاهه هجن ته شايد پنڌ پاهڻن تي ريسرچ جو ايشيائي مرڪز ڪير تر جبل ۾ وجي کولين. سنڌ مان ليجنڊز پنڌ پاهڻن ۾ نه رڳو ساموندي مخلوق پر وڻ ۽ جهنگلي مخلوق به موجود آهي، ميوا، ٻج ۽ پنن جا بي شمار نمونا ڪير تر ۾ پنڌ پهڻ حالت ۾ موجود آهن.

سنڌ ۾ پنڌ پاهڻ جو تصور اسانجن قصن ڪهاڻين ۾ به موجود آهي جن ۾ جادوگر جادوءَ جي زور تي ماڻهن کي پٿر ڪري ڇڏيندا هئا يا سندن جُوڻ ئي مٽائي ڇڏيندا هئا. انهن پترايل ماڻهن جي جند ان طلسم مان تڏهن ڇٽندي هئي جڏهن جادوگر مرندو هو. هندوستان جي ادب ۾ انسان جي پنڌ پهڻ ٿيڻ جو پهريون قصو رامائڻ ۾ ملي ٿو جڏهن هڪ رشيءَ جي پاراتي کان پوءِ سندس ئي ڌرم پتني پنڌ پهڻ ٿي وڃي ٿي. ان عورت جو ڏوهه اهو هو ته راجا اندر سندس مڙس جو روپ ڌاري ساڻس وقت گذاري ويو هو پر هوءَ ڪيس سڃاڻي نه سگهي هئي.

شاهي محل

پگوڊا اڏاوتي نمونو دنيا جي مهانگين اڏاوتن مان هڪ آهي. نيپال جي شاهي خاندان جو اڳوڻو محل "هنومان ڍوڪا" هاڻي عجائب گهر آهي. هي پگوڊا ڏيکڻ ويڪر ۽ اوچائيءَ جي لحاظ کان اڄ به کٽمنڊو جي سڀ کان وڏين عمارتن مان هڪ آهي، جيڪو پنهنجي سونهن ۽ مضبوطيءَ ۾ پنهنجي جوانيءَ جهڙو آهي. اها عمارت ايڏي ته سهڻي آهي جو ان کي عجائب گهر ٺاهيو ويو آهي.



پراڻو شاهي محل جيڪو هاڻي عجائب گهر آهي.

ان عجائب گهر ۾ ڇا رکيو ويو هوندو؟ بادشاهہ سلامت ۽ سندس وڏڙن جي استعمال ۾ آيل شيون! هيءُ بادشاهہ سلامت جو پلنگ آهي ۽ هي فلاڻي وقت ۾ شڪار دوران پاتل بوٽ. هُوءِ پتلون ۽ ان جو پٽو. هو گرامو فون. هوءِ واچ ۽ هوءِ تصوير ان وقت جي آهي جڏهن بادشاهہ سلامت گينڊي جو شڪار ڪيو. وغيره وغيره.

عجيب ڳالهہ آهي تہ بادشاهہ سلامت پنهنجن وڏڙن جو سڄو سامان عجائب گهر ڪي سوڪڙي ڪري ڏنو آهي. ڀيو قيمتي ڪاٺ ڪباڙ تہ ٺهيو پر محل ٻہ. پر مان سوچيان ٿو تہ وڏا ماڻهو ايڏي وڏي دل وارا نہ هوندا آهن. ان ڳالهہ ۾ ٻہ ڪو راز هوندو! اهو سڄو سامان شاهي خاندان جي ذوق، نزاڪت، امارت ۽ طاقت جو اظهار ڪري ٿو. اهي سڀ شيون عوام کي پنهنجين اکين سان ڏسڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي. ڇا اها گهٽ ڏنوس آهي؟

بادشاهہ سلامت هاڻي پنهنجي لاءِ نئون محل ٺهرايو آهي. ننڍڙو آهي. فقط ٻاويهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ان ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪو

شاهي محل جي در وٽ شاهي وڻ ۾ ٽنگيل شاهي چمڙا

انگلينڊ جي راڻيءَ جي محل ۾ هوندو. پر بڪنگهم محل ۾ هڪ ڳالهہ نہ هوندي. مون نيپال جي شاهي محل واري باغ ۾ موجود اوچن وڻن تي رات ڏينهن چرڪندڙ چمڙا پنهنجين اکين سان ڏٺا. اهي چمڙا سِرڻين کان ننڍا ناهن.

نيپال جي اڪوتي بادشاهہ هن صديءَ جي وچ ڌاري ايوب خان وانگر پنهنجو پاڻ کي فيلڊ مارشل پڌرو ڪري ڇڏيو هو. هتان جو هنومان ڍوڪا ميوزم شاهي خاندان جي نماءَ ۽ دٻدٻي جي اظهار کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جا ڪهڙا شوق ٿي سگهن ٿا! بادشاهہ سلامت ڇا ڇا نٿو ڪري سگهي؟ البت، سندس محل ڏسي اهو اندازو ٿي ويو تہ هڪ بادشاهہ ڪهڙيءَ طرح پنهنجي رعيت تي ذهني ڌمڪاءُ وجهي ٿو.

پرڏيهہ مان پڙهيل وڏيرڪا پار ٺي ڪريل هوندا آهن تہ بادشاهي گهراڻي جا پار ڪيئن هوندا؟ سو تہ فقط تصور ئي ڪري سگهجي ٿو.

بادشاهہ سلامت جي واچن، بوٽن، سنجن ۽ ٽائيپ رائٽر، تلوار ۽ بندوق کان سواءِ شاهي پوشاڪ بہ رکي وئي آهي. اڃا تہ بادشاهت هلندڙ آهي. بادشاهي شان شوڪت کي ميوزم ذريعي ڏيکارڻ شاهي دٻدٻي جي اظهار کانسواءِ ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي؟

هي هرڻ بادشاهہ ماريو، هي گينڊو بادشاهہ ماريو، هي وهيل بادشاهہ ماريو (ڪاش ڪلاچيءَ جي مهاڻي مورڙئي وٽ بہ عجائب گهر ئاهڻ جيترا پئسا هجن ها.)

عجائب گهر بادشاهہ جو اڪوتو محل آهي جنهن ۾ نئين دور جون سهولتون ناهن. نئين دور جون سهوليتون حاصل ڪر لاءِ بادشاهہ سلامت ان محل کي عجائب گهر ۾ بدلائي پاڻ نئين محل ۾ هليو ويو آهي. قوم تي احسان جدا آهي.

سنگرالي

نيپاليءَ ۾ عجائب گھر کي سنگرالي (Sangrale) چون. ملڪ جو سڀ کان وڏو عجائب گھر سويمر ڀو نات مندر جي ويجھو آهي. جنھن کي قومي عجائب گھر جي حيثيت حاصل آهي. ان کي "راشتريہ سنگرالي ڇاوني ڪتمنڊو" سڏين ٿا.

عجائب گھر جون عمارتون اصل ۾ پراڻا محل آهن. هڪ حصي ۾ قديم مجسما رکيا ويا آهن جيڪي گھڻو ڪري ٻارهين کان سترهين صديءَ جي وچ جا آهن. پر عجائب گھر ۾ ان کان پوءِ جون مورتيون بہ آهن. فن جي لحاظ کان اهو اڪيلو جو شاهڪار آرٽ آهي جيڪو فنڪارن پٿر، پتل، ٽامي ۽ ڪاٺ ۾ پيش ڪيو آهي. مورتيون هندو مت ۽ ٻڌ مت جي مختلف ديوين ۽ ديوتائن سان منسوب مختلف ڪهاڻين جا تفصيل ٻڌائين ٿيون. پر اڪثر مورتيون ديوين ۽ ديوتائن جي شڪتي ۽ ميلاپ جي منظرن تي ٻڌل آهن، جن کي پڻ ڌرمي پوترتا حاصل آهي. هر اها مورتي جنھن ۾ ڪو ديوتا پنھنجي زال سان گڏ يا ميلاپ واري حالت آهي ان کي ايئن ئي لکيو ويو آهي، "فلاڻو ديوتا پنھنجي شڪتيءَ سان گڏ". ميوزم ۾ فقط ديوين ۽ ديوتائن جا مجسما ئي ناهن، هتي اڳوڻن بادشاهن ۽ راڻين جون مورتيون بہ

وڏي اهتمام سان رکيون ويون آهن.

ميوزم جي مکيه عمارت اڄ کان ۵۴ سال اڳ وزيراعظم راڻا شمشير جي دور ۾ ٺهي هئي. عجائب گهر جو هڪ حصو سينک ڪمانڊر ڀيمسين ٿاپا لاءِ جوڙيل محل ۾ آهي. فوجي ڪمانڊر ڀيمسين نيپالين جو قومي هيرو آهي. هن نيپال تي انگريزن جي حملي مهل وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪيو هو. ان حملي ۾ انگريز فوج کي ناڪامي ٿي هئي. ميوزم، ڇانوڻيءَ جي حدن ۾ ڇو آهي؟ شايد ان ڪري ته جڏهن عجائب گهر ٺاهيو پئي ويو ان وقت سڀ کان ڪشادي جاءِ اها ئي ملي هئي. بهرحال، ڇانوڻيءَ جي حدن ۾ هئڻ جي باوجود اوڏانهن وڃڻ تي ڪا به پابندي ناهي. اهوئي رستو سوير يوناٿ ڏانهن به وڃي ٿو. ڀيمسين ٿاپا جو محل ۱۸۶۸ ۾ ٺهيو هو.

عجائب گهر جو ٻيو حصو چئن شعبن ۾ ورهايل آهي. پهرين حصي ۾ ديس ديس جون گڏيون رکيل آهن. جن کي پنهنجو پنهنجو قومي لباس پهريل آهي. گڏين جي ان ميڙ ۾ سنڌي جوڙو به رکيل آهي. ٻئي حصي ۾ جهنگلي جيوت آهي، هاٿين جون منڊيون، گينڊا، سيسر، هرڻ، شينهن، پکي ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه رکيل آهي. ٽئين حصي ۾ نيپالي امير گهراڻن جون شاهي پوشاڪون ۽ چوٿين حصي ۾ هٿيارن جي نمائش آهي.

هٿيار جي نمائش واري حصي جي شروعات پٿر جي ٽئين دور وارن اوزارن سان ٿئي ٿي. جنهن ۾ هٿ جون ڪهاڙيون به شامل آهن. اهي اوزار لمبني (Lumbni) ۽ ڪوشي (Koshi) وارن علائقن مان ڪوٽانري Kottanri ۽ نوالپراسي وٽان مليا آهن.

پٿر جي دور جي ان مختصر دريافت کانپوءِ هڪ وڏو خال آهي. ان کان پوءِ هڪدم ڌاتوءَ جي دور جا اوزار شروع ٿي وڃن ٿا. اوزارن جا نالا سنڌي نالن سان هڪجهڙائي رکن ٿا مثال ڪٽرگ نالي هڪ هٿيار تلور آهي جنهن جي نوڪ نوڪدار ناهي منڍ کان پڇاڙيءَ تائين هڪ جيتري ويڪر ۽

تورڙي گولائي اٿس:



هڪ هٿيار جو نالو کُکري (Khukhri) آهي:



هڪ هٿيار جو نالو کوٺا (Khoona) آهي:



هڪ هٿيار جو نالو ڪٽاري آهي:



ڪهاڙيءَ جهڙو هڪ هٿيار بنچارو (Bancharo) آهي:

هڪ هٿيار ڇُري آهي:

هٿيار جا نالا آيا آهن تہ عجائب گهر ۾ موجود جانورن جي مقامي نالن جو ذڪر بہ ڪري سگهجي ٿو. واڳونءَ جي هڪ قسم کي گهڙيال چون ٿا. ان جو ٻيو نالو گوهي "Gohi" آهي. چيتي کي چون "چيتوا" واگهہ (شينهن) کي باگهہ چون ٿا. واگهہ ڀٽن واري شينهن کي چيو ويچي ٿو. هرڻ کي چون مِرگها. ٻاڙهي (Stag) کي بارهہ سنگهي جراءِ چون. چمڙي کي چون چمڙو.

عجائب گهر
۾
مورتيون

نيپال جو هڪ شاهي خاندان مَلّ (ملهه) آهي. ملهه اصل کتري نسل آهي. ملهه يا مل اهو ئي لفظ آهي جيڪو سنڌ ۾ ملهه راند جي حوالي سان عام آهي. ملهه، اڳين وقتن ۾ جنگ جو هڪ قسم هو. پهلوان هڪ هڪ تي ميدان ۾ لهندا هئا ۽ جسماني زور آزمائيءَ سان هڪ ٻئي کي چت ڪندا هئا. وقت گذرڻ سان کترين جو هڪ پاڙو ملهه پهلوانن جي نالي سان سڃاتپ وٺي ويو. ان پاڙي هڪ ڏينهن نيپال جي حڪومت هٿ ڪئي ۽ شاهي خاندان طور راڄ ڪيو. ملهه خاندان جي هڪ راڻيءَ جي سهڻي مورتي سنگهرالي ۾ رکيل آهي جيڪا ارڙهين صديءَ جي اوائل ۾ تيار ڪئي وئي

هئي. راڻي مورتيءَ ۾ ادب سان هٿ ٻڌي ويٺل ڏيکاري وئي آهي. مَل راڻيءَ جي هڪ ٻي مورتي سترهين صديءَ جي ثاهيل آهي.

هڪ مورتي لليت تريپورهه راڻيءَ جي آهي جنهن سونهن ۾ ڪتمنڊو، لليت پور ۽ ڀڳت پور جي سيني عورتن کي ماريو هو. اها مورتي ويهين صديءَ جي اوائل ثاهي وئي.

ديوين ۽ ديوتائن مان پاروتي، سوريه، ناگ راڄ، برهم، چڪرا مبرا، ڀيرو، وراهي Varahiءِ شيشا شي ثي Shesasheyi (وشنو) سڪاورا سموارا Sukhavara Samvara، Samvara ، ڀيربا (Bhairabha) وغيره جون مورتيون عام آهن. ڀيرو ۽ ڀيربا ساڳيو ئي ديوتا آهي. "سمورا" ديوتا جي هر مورتيءَ ۾ ديوتا ميلاپ واري حالت ۾ آهي. واراهه جو منهن سوئر جهڙو آهي. ڀيرو خوفناڪ ديوتا آهي جنهن هڪ ڀيري ڪاوڙ ۾ پنهنجو جسم ڪائي ڇڏيو هو. سڪا واراهه سموارا مورتيءَ ۾ هڪ ڏڳو هڪ عورت سان ميلاپ ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. اها ڪٿا يوناني زيوس جهڙي آهي جنهن ڏاند روپ ۾ هڪ ديويءَ سان ميلاپ ڪيو هو. برهما واحد



ديوتا آهي جنهن جي چهري تي ڏاڙهي آهي.

ناگ راج جو مٿو انساني ۽ ڌڙ نانگ جو آهي، مٿي تي تاج اٿس.

ڪن مورتين ۾ يوگ آسڻ دوران ٻه ميلاپ ڏيکاريو ويو آهي. حد اها آهي جو گوتم ٻڌ جي ڪن مورتين کي ٻه ساٿي طرح ڏيکاريو ويو آهي.

نيپال ۾ قائم عجائب گهرن ۾ ڪل ٥٠٠ ڪن ملازم آهن ڪُل ٦٦ عجائب گهر آهن.

نيشنل پارڪ

نيپاليءَ ۾ هڪ لفظ آهي "ترائي". جنهن جي معنيٰ بالڪل اها ئي آهي جيڪا سنڌيءَ ۾ "ترائي" ۽ آهي يعني ٻن جبلن، ٽڪرين يا ڀٽن جي وچ ۾ هيٺاهينءَ وارو علائقو يا ترو. ڪانفرنس ۾ اپڪنڊ جون مختلف ٻوليون سمجهندڙ ماڻهو هئا پر نيپالي ترائيءَ جي معنيٰ مونکان سواءِ ڪنهن کي نه آئي. ورڪشاپ دوران جڏهن ترائيءَ جو لفظ وري وري استعمال ٿيو ته شرڪت ڪندڙن نيٺ وضاحت گهري ته آخر ترائيءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟ شرڪت ڪندڙ بنگالي، هندي، اردو، پنجابي، سنهالي ۽ يوناني ڄاڻندڙ هئا.

سو نيپال جي ترائيءَ ۾، جيڪو نيپال جو ڏاکڻو حصو آهي، "رايل چيتوان نيشنل پارڪ" آهي جنهن کي سنڌ جي کير ٿر نيشنل پارڪ وانگر فطري حالت ۾ برقرار رکيو ويو آهي. ان پارڪ کي ڏاڍي محنت ۽ ذهانت سان سڌاريو ويو آهي. نيپالي سرڪار کي اها چڱيءَ طرح خبر آهي ته دنيا جا ماڻهو ڇا تي هرڪجي نيپال اچن ٿا! هتان جي قدرتي سونهن، جهنگلي

جيوت ۽ ديوين ديوتا يورپي ماڻهن لاءِ وڏي ڇڪ رکن ٿا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو جهنگلي جيوت کي قدرتي ماحول ۾ ڏسڻ گهري ته وڃي نيپال جي نيشنل پارڪ ۾ ڏسي. نيپالي سرڪار سياحت ذريعي پرڏيهي ناڻو ڪمائڻ جو ٺيڪ ٺاڪ بندوبست ڪيو آهي ۽ اهو پارڪ گهمائڻ لاءِ روڊ رستا ۽ اڏامن جو خاص بندوبست ڪيو ويو آهي.

سياحت وڌائڻ ۾ جيترو ڪردار سرڪار جو آهي ان ڪان وڌيڪ محنت وري انهن جي آهي جيڪي نجي شعبي ۾ سياحن کي سهوليتون پهچائن ٿا. نيپال ۾ ڳاٺاٽي ڪان ٻاهر ٽوئرسٽ ايجنسيون آهن جيڪي مختلف پاسا گهمائڻ جا انتظام ڪن ٿيون. بس، ماڻهوءَ جو ارادو هجي ۽ کيسو گرم هجي!

رايل چيتوان پارڪ لاءِ سمجهيو وڃي ٿو ته اهو سڄي نيپال ۾ سڀ ڪان سٺو پارڪ آهي جتي جهنگلي جيوت کي قدرتي ماحول ۾ گهمندو ڦرندو ڏسي سگهجي ٿو. ان ماحول کي بچائڻ لاءِ بادشاه کي مداخلت ڪرڻي پئي هئي ڇو ته نيپال تي هڪ اهڙو وقت به آيو جو سڄي اپکنڊ کي ڪاٺ جي سپلاءِ لاءِ نيپال جي ترائيءَ جا ٻيلا وڏي ناس پئي ڪيا ويا. جيڪڏهن اهو فيصلو وقت سر نه ٿئي ها ته شايد هاڻي اُتي جهنگلي جيوت ۽ ماحول به باقي نه هجي ها!.

هڪ اهو وقت به هو جڏهن هن پارڪ کي بچائڻ جي ڪا به ضرورت نه هئي. گهاٽن ٻيلن ۾ جهنگلي جيوت جي حفاظت مڇر ڪندا هئا. هي خوفناڪ مڇر خاص قسم جي مليريا پکيڙيندا هئا جنهن مان فقط اهي بچي ٿي سگهيا جن ۾ زبردست جسماني مزاحمتي قوت هئي. انگريزن جي ڏينهن ۾ هتان لنگهڻ جنگ جي ميدان مان لنگهڻ جي برابر هو. ڪو به ٿي چٺي سگهيو ته هن علائقي مان ڪير زنده سلامت نڪري ويندو! هن کي هڪ بيڪار ۽ موتمار علائقو سمجهيو ٿي ويو جنهن ڪري جهنگلي جيوت کي وڌڻ ويجهڻ جو خوب موقعو مليو.

پر بادشاهن کي ڪير سمجهائي؟ راڻا نسل جا وزيراعظم، جن جو تعلق کٽمنڊو سان هو. هٿيار پنهوار کڻي شيل شڪار لاءِ نڪري پيا ۽ شينهن، چيتا، گينڊا ۽ ٻيا جانور ماري ناس ڪيائون. نہ رڳو پاڻ شڪار ڪيائون پر يارن دوستن ۽ غير ملڪي مهمانن هٿان بہ جانور ماراياڻون. شاهي عجائب گهر ۽ محل جي ديوارن تي شڪار ٿيل شينهن، چيتن ۽ گينڊن جون منڍيون عام جام ڏسي سگهجن ٿيون.

وري اهو وقت بہ آيو جڏهن مڇر مار دوائن جو وڏي زور شور سان استعمال ٿيو ۽ مڇر گهٽجي ويا. تڏهن ماڻهن ٻيلن ڏانهن رخ ڪيو ۽ وڻ وڍي پورا ڪيائون. جتي جاءِ تي مرضي پين اتي وڻ وڍي زراعت لاءِ گنجائش ٺاهي ڪڍيائون. جڏهن آباديون ٿيون تڏهن ماڻهن جهنگلي جانور مارڻ ۽ ڀڄائڻ شروع ڪيا ڇو تہ جهنگلي جانور ۽ ماڻهو گڏ رهي نٿا سگهن. جهنگلي جانور فصل تباهہ ڪن ٿا ۽ پالتو جانورن سان گڏ ماڻهو بہ مارين ٿا تنهنڪري ماڻهو ڪين اڳ ۾ ئي پورو ڪيو ڇڏين.

نيٺ سرڪار کي حڪم جاري ڪري ٻيلا وڍڻ تي پابندي وجهڻي پئي ۽ ٻيلي کي قومي پارڪ جو درجو ڏيئي محفوظ ڪيو ويو. اهو ٺيڪ آهي تہ سنڌ جو ڪير تر نيشنل پارڪ ايترو سائو نہ آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو پر ان پڙيانگ حالت ئي اصل ۾ جهنگلي جيوت کي ڪجهہ نہ ڪجهہ بچايو آهي نہ تہ دادو ضلعي جي وڏيرن تہ شايد قسم کڻي ڇڏيو آهي تہ هو ڪير تر ۾ جهنگلي جيوت کي رهڻ نہ ڏيندا. ڪير تر جو جهنگلي جانور جيترين ڏکين حالتن ۾ رهي ٿو اوترو ڏکيو شايد ئي ڪو هوندو ڇو تہ ڪير تر ۾ پاڻي ۽ ساوڪ جي شديد کوٽ آهي، مٿان وري سردارن وزيرن ڪامورن ۽ عربن جون بندوقون آهي جيڪي جانورن کي ڳوليندي ٿيون وتن.

”ڪيسينو نيپال“



ڪيسينو نيپال ايشيا جي سڀ کان وڏن جوئا خانن مان هڪ آهي. جتي روزانو لکها ڊالر داءَ تي لڳن ٿا ۽ پرڏيهي ماڻهو پنهنجا پريل ڪيسا چنبڙي نڪرن ٿا. ايئن به ناهي ته ڪو سڀ ڪنگلا ٿي نڪرن ٿا ڪي ڪيسا ڀري به نڪرن ٿا. ڀاڳ ۽ نڀاڳ جي هيءَ آزمائش فقط پرڏيهي ماڻهن لاءِ آهي.

ڪيسينو انتظاميه گراهڪ ڦاهڻ يا ڦاسائڻ جا وڏا گر ڄاڻي ٿي. هر شام جو ڪيسينو نيپال جون بسون ڪٺمنڊو شهر جي سيني مکيه هوٽلن جا چڪر هڻڻ شروع ڪن ٿيون. هر نئين آيل سياح کي هفتي جي ويزا تي به سئو هندوستاني رپين جي جوئا مفت کيڏڻ جو حق آهي. جيڪڏهن ونس هڪ مهيني جو ويزا آهي ته هو مهيني ۾ چار ڀيرا به به سئو رپين جا ٽوڪن مفت وٺي جوئا کيڏي سگهي ٿو.

جوئا ۾ ڪشش آهي. جيڪو هارائي ٿو سو هاريل رقم واپس حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيهر وڏو داءُ هڻي ٿو ۽ جيڪو کٽي ٿو سو اڃا کٽڻ لاءِ ٻيو داءُ هڻي ٿو. داءَ تي داءُ لڳي ٿو ۽ سياح ڪيسينو جي ماحول ۾ رنگجي وڃي ٿو. چوطرف پيهه پيهان. بيئر جي بوءِ، وسڪيءَ جا پيگ، سگريٽن جا دونهان. تاس جي پتن جون ٺاپيون ۽ پاڳ جو چڪرو. جيڪو اچا بيٺو ٿي مس تي ته وري تي ڦريو.

هيءُ ڪيسينو هتي ١٩٦٨ع ۾ کليو آهي پر دنيا ۾ نالو ڪڍيو اٿس. شايد ان کان ئي متاثر ٿي ڪراچيءَ جي ڪلفٽن تي ڪيسينو کوليو پئي ويو جيڪو پوءِ کلڻ نه ڏنو ويو. چون ٿا ته ڪيسينو جي هجڻ سان ڪراچي پرڏيهي ناٽي سان پرجي وڃي ها! خير ڪراچيءَ جو ڀاڳ!

جيڪڏهن ڪنهن کي ڪيسينو ۾ موجود رانديون ڪيڏڻ نٿيون اچن ته ڪيسينو جا ملازم ڪيڏڻ سيکارين ٿا. اهي ڏکيون رانديون نه آهن. معمولي سمجهاڻيءَ سان راند اچي وڃي ٿي. هتي موجود راندين جا نالا البت منهنجي لاءِ بنهه نوان هئا. ”روليٽي“ ”بليڪ جيڪ“ ۽ ”پونٽون“. ٻيون به رانديون آهن پر مان نالا ياد رکي نه سگهيس. هتي ڀارتي رپيو، نيپالي ڪرنسي، ڊالر، ٽريولرز چيڪ ۽ وڏين بينڪن جا ڪريڊٽ ڪارڊ به هلن ٿا يا ڪائونٽر تان مٽائي سگهجن ٿا. سڀ کان وڏي ڳالهه ته جيڪڏهن ڊالر کلا ڪرايا ويا ۽ جوئا ڪيڏندي ڀاڳ پاسو ڏنو ته ادائيگي به ڊالر ۾ ٿيندي آهي. اڃا به وڏي ڳالهه اها ته اهي کٽيل ڊالر ملڪ مان کڻي وڃڻ جي اجازت به آهي.

نيپالي ماڻهن کي ڪيسينو ۾ وڃڻ ۽ ڪيڏڻ جي اجازت ناهي. هائو! جيڪڏهن اهي سٺا جوئاري آهن ۽ اٽڪ، محنت ڪري ڪيسينو جي ڪمائي وڌائي سگهن ٿا ته پوءِ ڀلي اچن پر ملازم جي صورت ۾. اڪثر ڀارتي سيٺيون ڪيسينو ۾ جوئا ڪيڏندا نظر ايندا. مون هتي هڪ سِک به ڏٺو جيڪو پنهنجي زال سان گڏ داءُ هڻي رهيو هو. جوئس ڪيس وري وري ۽

نئون داءُ هڻڻ لاءِ اپاري رهي هئي ۽ مون حيرت تي ڪاڏي تہ هيءَ ڪهڙي گهرڙياڻي آهي جيڪا مڙس سان گڏ جوئا خاني ۾ داءَ تي داءُ هڻائي رهي آهي! هئي زال مڙس ڪي وڏا تجربيڪار جوئاري هئا.

پارتي سيٽ نيپال ڪيسينو ۾ جوئا کيڏڻ انڪري بہ ايندا آهن تہ جيئن ڪاري ڏن کي اڇو ڪري سگهن. اهو تمام سولو آهي. هو جيتوڻيڪ هارائيندا بہ آهن تڏهن بہ اعلان اهو ڪندا آهن تہ هتن کٽيو آهي. کٽيل دولت پارت کڻي وڃڻ تي پارت کي ڪو بہ اعتراض ناهي، هتئون خوشي ٿيندي آهي. پرڏيهي ناڻو جو ايندو آهي. هتي اڄڪلهہ هڪ آمريڪي ڊالر42.50 نيپالي رپين جي برابر آهي (سيپٽمبر ١٩٩١ع ۾) جڏهن تہ عام نيپالي قانون موجب جيڪڏهن ڪو ماڻهو نيپال ۾ سئو ڊالرن جو ٽريولرز چيڪ ڪولائي ٿو تہ ڪيس ٨٥ ڊالر نيپال ۾ خرچ ڪرڻا آهن ۽ فقط ١٥ ڊالر واپس بچائي کڻي وڃي سگهي ٿو.

هن وڏي جوئا خاني ۾، جنهن بابت مونکي تاثر هو تہ ان ۾ دنيا جا وڏا لچ لوفر جمع هوندا، مونکي سڀ ماڻهو وڏا "خاندان" محسوس ٿيا جيڪي ٻارن ٻچن سان گڏ سک وانگر داءَ تي داءَ هڻي رهيا هئا. هر ڪو پنهنجي ڪرت ۾ پورو هو، هر ڪو کيڏي رهيو هو. دنيا جا سڀ ڪان وڏا اشراف ايشيا جي سڀ ڪان وڏن مان هڪ جوئا خاني ۾ جوئا کيڏي رهيا هئا. پر لڳو نٿي تہ هو جوئا کيڏي رهيا هئا. هو تہ دل وندرائي رهيا هئا! اسان ٿي بيوقوف هئاسون جن هتن کي لچ لوفر ۽ شرابي ڪبابي ٿي سمجهيو.



هوٽلن ۾

هوٽل شنگريلا جي چائنيز ياڳي ۾ با ادب بيٺل ويٽر ڏسي مونکي چنگيز خان جون فلمون ياد اچي ويون. هيءُ ويٽر نسلي طور منگول هو. خود چنگيز خان جي بورچي خاني ۾ ڪو اهڙو بورچي هجي جنهن کي ڏسي عزرائيل ياد نه اچي، اهو ممڪن نه هو. پر هي ويٽر ڏسي مونکي اطمينان ٿيو ته هاڻي منگول تلوارون ڦٽيون ڪري چڪا آهن ۽ ماڻهوءَ ذات کي منجهائن موت جو خطرو باقي نه بچيو آهي.

هيءُ نوجوان منگول هن هوٽل ۾ 1700 رپيا ماهوار تي نوڪر هو. هيءُ اها هوٽل آهي جنهن ۾ چانهه يا ڪافيءَ جو هڪ ڪوپ 55 رپين جو آهي، نيرن جو بل -/345 رپيا آهي ۽ ايڪ سينڊوچ تي مشتمل هڪ ڊش ۽ ڪجهه تريل پٽاٽن وغيره جو بل -/645 رپيا آهي. يعني اهو ويٽر هن هوٽل ۾ پنهنجي خرچ تي فقط ڏيڍ ڏينهن جي ماني کائي سگهي ٿو. نيرن ۾ وڌ ۾ وڌ جيڪي شيون پيش ڪيون وڃن ٿيون اهي هن ريت آهن، ٻه بيدا فراءِ، ٻه سلائس، هڪ ٽڪي مکڻ جي، هڪ پيالي رب جي، هڪ چانهه ۽ جوس جو هڪ ٻتڪڙو گلاس ..... بس هڪ يا ٻن ڏڪن جيترو. نيپال ۾ 345 رپيا هرويرو ننڍي رقم ناهي. ڪنهن به ننڍي هوٽل ۾ ان رقم سان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن ٽيئي وقت ماني کائي سگهجي ٿي.

هوٽل جي هر بل تي ١٥ سيڪڙو ٽيڪس لڳي ٿو. هيڏي شاهوڪار هوٽل ۾ پڳهارن جي اها شرح ڪافي مايوس ڪندڙ هئي. خاص ڪري ان وقت جڏهن هوٽل خدمت ڪندڙ ادارو هوندو آهي ۽ خدمت جو ذريعو هوٽل

جو پورهيت عملو ئي آهي.

هتي هوٽلن جا پيا به ڪيئي پهلو آهن. پاڪستان جي هوٽلن ۾ عورتون ويٽر يا صفائي ڪندڙ عملي طور ملازمت نه ڪنديون آهن. پر نيپالي هوٽلن ۾ اڪثر ڪم عورتن جي حوالي آهي. مون عورتن کي نيپال ۾ فقط ڊرائيوريءَ جي پيشي ۾ نه ڏٺو، نه ته اهي هر هنڌ مردن سان گڏ آهن. شايد ان ڪري ته مسلم معاشرو چوڪرن ۽ چوڪرين کي ننڍي عمر ۾ ئي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڇڏي ٿو. جڏهن ته هندو معاشري ۾ هرو ڀرو اها صورتحال ناهي، اهي بهرحال پردي جي بندش کان آزاد آهن. اسان هاڻي عورتن کي هر شعبي ۾ اڳتي وڌائڻ گهرون ٿا پر لڳي ٿو ته هاڻي ڪافي دير ٿي چڪي آهي.

ڪتاب

کٺمنڊو جي سڀ کان سستي مارڪيٽ رتنا پارڪ آهي. بالڪل ائين جيئن ڪراچيءَ ۾ جمع بازار يا منگل بازار وغيره آهن. فرق فقط اهو آهي ته ڪراچيءَ جون اهي بازارون هفتيوار آهن پر رتنا پارڪ واري بازار آچر کانسواءِ هر ڏينهن ٿي لڳي ٿي. آچر نيپال ۾ هفتيوار موڪل جو ڏينهن آهي. رتنا پارڪ ۾ هر شئي ملي ٿي. سبيل ٺهيل ڪپڙا هجن يا ٿانءُ ٿپا، ٿيلها، بوٽ ۽ ڪيسٽون هر شئي ملي ٿي.

اهو اتفاق ئي هو جو مونکي رتنا پارڪ جي دروازي تي هڪ سنڌي ڪتابڙو ملي ويو. اڇي چمڙيءَ وارو هڪ يورپي هندو هر ايندڙ ويندڙ جو

ڏيان ڇڪي ڏرمي چوپڙيون ۽ ڪتابڙا وڪڻي رهيو هو. بالڪل ايئن جيئن پاڪستان ۾ مسجدن آڏو تبليغي همراهه مذهبي لٽريچر وڪڻندا آهن. جرمن نسل جو هيءُ يار ڪتابڙا ذري گهٽ مفت ۾ ورهائي رهيو هو. شايد ڪيس مفت ۾ مليا هئا.

هيءُ همراهه آٺ ڏهه سال اڳ ڪراچيءَ جي نارائڻ سوامي مندر ۾ رهي ويو هو. اصل ۾ ته الائي ڪهڙي مذهب جو هو پر دنيا جهان جا ڏڪا کائڻ کانپوءِ ان نتيجي تي پهتو هو ته پئسو ڪجهه به ناهي، اصل اطمينان ڀڳوان جي تلاش ۾ نڪرڻ ۽ هن کي راضي ڪرڻ آهي.

شهر ۾ ڪتابن جا چار سٺا دڪان هئا. مونکي منو سمرتي ۽ ويدن جي تلاش هئي، پٽي ڪو نه مليا. ٿهمينه ڪر جو لکيل ڪتاب ماءِ فيوڊل لارڊ" البت هر دڪان تي نمايان رکيو هو. هڪ ڪتاب گهر ۾ سنڌ تي تحقيق جا ڪتاب هئا، تمام پراڻا پر مهانگا. مثال طور ڏيڍ سئو صفحن جو هڪ ڪتاب ١٠٥ ڊالرن جو هو يعني، اڄوڪي تاريخ ۾ ٤٢٢٩ نيپالي رپين جو. ڪتابن جون قيمتون ڏسي دڪاندار کي هٿ ٻڌي نمسڪار ڪري لهٽو پيو. دڪاندار به جواب ۾ هٿ ٻڌي مرڪي نمسڪار ڪيو ڄڻ چوندو هجي، "مونکي اڳ ئي خبر هئي ته تون نه وٺي سگهندين!"

ٽرانسپورٽ / رڪشا / ٽيڪسي

سچا سارا چار ڪلاڪ پنڌ ئي پنڌ ڪٽمنڊو جون مارڪيٽون ٿاميل، نيو روڊ ۽ رتنا پارڪ گهمڻ ڪانپوءِ جڏهن ٽنگن ٽڪجي هلڻ کان انڪار ڪيو ۽ ٽيڪسي ٽيمپو وارن جي اڳهن کي پڇي نه سگهيس ته سائيڪل رڪشا واري کي هٿ ڏنم.

هتي موٽر رڪشا کي ٽيمپو چئبو ويندو آهي ۽ سائيڪل رڪشا کي رڪشا. ٽيمپو ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا اهي جيڪي ميٽر سان هوندا آهن ۽ ٻيا اُهي جيڪي مخصوص روٽ تي هلندا آهن. انهن ۾ ائين چئُن کي ڪڪڙن وانگر سٽي ڪنيو ويندو آهي. دلچسپ صورتحال اها آهي ته انهن ٽيمپوئن ۾ اٺ نيپالي ته اچي سگهن ٿا پر ڇهن پاڪستانين کان وڌيڪ اچي نٿا سگهن. سو، سائيڪل رڪشا واري مهرباني ڪري مونکي رتنا پارڪ کان شنگريلا تائين ١٥ رپين ۾ پهچائڻ قبول ڪيو جڏهن ته روٽ وارو ٽيمپو فقط ڏيڍ رپيو وٺي ها. پر هيءَ گهڙي اهڙي هئي جو انهن به اڪيون ٿيرائي ڇڏيون هيون.

ڊرائيور هر جاءِ تي ڊرائيور آهي. چاهي اهو بس ڊرائيور هجي يا ٽرڪ ڊرائيور، ٽيمپو ڊرائيور هجي يا ٽيڪسي ڊرائيور، هر جاءِ تي ڊرائيور جي ذهنيت ساڳي آهي. مون هتي بس ۾ به سفر ڪري ڏٺو، ٽيڪسيءَ ۾ به، ٽيمپوءَ ۾ به ۽ رڪشا ۾ به. مونکي ته پاڪستاني ۽ نيپالي ڊرائيورن ۾ ڪو به فرق نظر نه آيو.

هتي تازو ئي تيل جي قيمت وڌڻ کان پوءِ هاڻي پيٽرول ٢٦ روپيا في ليٽر آهي. جڏهن تہ اسان وٽ پاڪستان ۾ هڪ سئو رپين ۾ 8.47 ليٽر قيمت مقرر آهي. يعني لڳ ڀڳ پوڻا ٻارنهن رپيا في ليٽر کو بہ رڪشا ٽيڪسيءَ وارو ڏاڍي مشڪل سان ميٽر تي هلڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. تي سگهي ٿو تہ اها صورتحال ان مهل وڌيڪ شدت اختيار ڪندي هجي جڏهن اهي پرڏيهين کي ڏسن ٿا. اسان وانگر هتي بہ پرڏيهي ماڻهوءَ جي معنيٰ لکها پتي ورتي وڃي ٿي. پوءِ پلي ڪٿي اهو پرڏيهي پنهنجي ملڪ ۾ پگهار دار ۽ وچولي طبقي جو ماڻهو ڇو نہ هجي.

سائيڪل رڪشا واري جي زبان سمجهڻ منهنجي لاءِ ڏکي ڳالهہ هئي. هو نيواري ۽ ٻڌ هو. پوري قوت سان پيڊل تي هنيائين تہ مس وڃي سائيڪل جي ڦيٿي هڪ چڪر تي پورو ڪيو. ڀر مجال آهي جو ساهہ چڙهيو هجيس. جسم جي پوري سگهہ هڻڻ کان پوءِ بہ هو ايتري سڪون سان ڳالهائي رهيو هو ڄڻڪ پنڌ هلندو هجي. مون گهڻيون ڳالهيون نہ سمجهيون بس ايترو سمجهيم تہ هن اجوڪي ڏينهن ۾ اڍائي سئو رپيا نيپالي ڪمايا آهن ۽ هو ڏاڍو خوش آهي. هن ماڻهوءَ اجوڪي ڏينهن ۾ ڪو سٺ ستر ڪلوميٽر سائيڪل رڪشا هلائي آهي. هن رتنا پارڪ کان شنگريلا تائين ١٥ رپيا ورتا جڏهن تہ اهو پيرين پنڌ اٽڪل ٣٥ منٽن جو رستو آهي، يعني اٽڪل ٣ ـ ٥ ڪلوميٽر.

گاڏيون ۽ قيمتون:

ڪالهہ اسان هڪ ٽيڪسيءَ ۾ سفر ڪيو هو. اها اسٽار ليٽ ٽويوٽا ماڊل ١٩٨٠ ڪار هئي، يعني ١١ سال پراڻو ماڊل. ٺيڪ ٺاڪ ڪٽارو حالت هئس، بس! هلي رهي هئي. ٽيڪسي ڊرائيور ٻڌايو تہ ان حالت ۾ ان گاڏيءَ جي قيمت اٽڪل بہ لک رپيا نيپالي آهي.

پاڪستاني دوست مسعود قدوائي ٻڌايو تہ هتي موٽر سائيڪل سي

دي ۱۱۰ جي شوروم قيمت هڪ لک ڏهه هزار رپيا آهي. جنهن جي پاڪستان ۾ قيمت ۳۵ - ۴۰ هزار رپيا هوندي. قيمتن ۾ ايڏي گهٽائيءَ جو سبب شايد اهو آهي تہ هتي اليڪٽرانڪ ۽ اهڙين ٻين شين تي ۲۱۵ سيڪڙو ٽيڪس آهي.

بسن جو نظام

هتي بس جو نظام ٻن قسمن جو آهي. هڪ سرڪاري ۽ ٻيو غير سرڪاري. عام ٽرانسپورٽر پنهنجو پئسو ٽوئرازم جي حوالي سان ٽرانسپورٽ ۾ سيڙائين ٿا. ڇو تہ کٽمنڊو جي معيشت ٽوئرسٽ اڪنامي واري آهي. هتي اهڙيون ٽوئر ايجنسيون آهن جن جو مختلف هوٽلن سان رابطو آهي. اهي هوٽلن جي معرفت قافلن کي شهر جي چؤ ڦير يا ڪنهن ڏورانهين منزل تائين وٺي وڃن ٿا. اهي آرام واريون سواريون آهن پر ڏاڍيون مهانگيون. پر ان کي ڇا ڪجي جو ڪا ٻين وات ناهي. نيپال گهمڻ جو سڀ کان سٺو طريقو اهو ئي آهي تہ ٽريول ايجنسين سان رابطو ڪري ڪنهن اهڙي قافلي ۾ شامل ٿي وڃجي جيڪو ساڳي منزل ڏانهن ويندو هجي.

خانگي بسون بہ آهن جن ۾ پاڪستاني بسن وانگر ٻڪر پوسات ٿئي ٿي. اها ئي حالت سرڪاري بسن ۾ بہ آهي. پاڙا ڪيترا بہ ٿورا هجن پر غريب نيپالي ڳوٺاڻن جي ڇيلهہ ڀڃڻ لاءِ ڪافي آهن.

سرڪاري بسن جو هڪ ٻيڙو اليڪٽرڪ سرشتي سان جڙيل آهي جنهن کي ٽرالي بس چئجي ٿو. اهو سرشتو ۱۰ - ۱۲ سال اڳ چين جي مدد سان قائم ڪيو ويو آهي، ٽڪيٽ بہ ساڳي آهي جنهن ڪري نيپال پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڏي خرچ کان ڇٽل آهي ۽ عوامي ٽرانسپورٽ گهاٽي ۾ ناهي.

نيپال ۾ غربت ۽ ٽرانسپورٽ جو ٻيو ڪو بہ متبادل نہ هئڻ سبب لڳ ڀڳ سڄو نيپال بس ۾ سفر ڪري ٿو. ان جي باوجود نيپالي ٽرانسپورٽ کاتي جي دانهن پئي پوي تہ اهو خساري ۾ آهي. اها دانهن بالڪل ايئن آهي

جيئن سنڌ ۾ آيس آر ٽي سي وارن جي دانهن پئي پوندي آهي ته اهي گهاٽي ۾ آهن جيتوڻيڪ انهن کان بهتر سروس ڏيندڙ پرائيويٽ ٽرانسپورٽ ڪمپنيون تمام گهڻو ڪمائي رهيون آهن.

عورت

جابلو عوت ڏاڍي محنت ڪري ٿي. مٿس ٽيڻا چوڻا بار آهن. مرد ڪمائڻ لاءِ شهر هليا وڃن ٿا ۽ عورتون گهر سنڀالين ٿيون. هونئن گهر اُتي ئي هوندو آهي جتي عورت هوندي آهي. مرد ته شهر ۾ وڃي هِتي هُتي ڇڙن وانگر وڃيو رهي ۽ مهينن کان پوءِ موٽي. پوئتي عورت بار سنڀالي، ڪائيون ڪري، پاڻي ڀري، ڪپڙا لٽا ڌوئي، چلهه سنڀالي، ڳوٺ وارن سان اٿي ويٺيءَ ۾ شامل ٿئي ۽ سنهو ٿلهو ڏنڌو ڪري ٿي ته جيئن زندگيءَ جو گاڏو گهلبو رهي.

نيپال ۾ ڏاج جو رواج ڪو نه هو. البت هاڻي اهو رواج هلي پيو آهي ته ڇوڪرين جا مائٽ ڏيڻ کي ڪجهه نه ڪجهه ڏين ٿا. ڳوٺن کان شهر ڏانهن لڏ پلاڻ ۾ مردن جو تعداد عورتن کان وڌيڪ آهي. نيپال جي تاريخ ۾ مردن جي هڪ وڏي لڏ پلاڻ انگريزن جي وقت ۾ ٿي هئي. اهي ماڻهو هندستان جي فوج ۾ ڀرتي ٿيا هئا. مرد ماڻهن جي گهر کان دوريءَ عورتن کي ڪافي بااعتماد ڪري ڇڏيو آهي.

نيپال ۾ فيملي پلاننگ ڪامياب نه ٿي آهي پر سرڪار وڏا وس پئي ڪري. ڊاڪٽر ڪي آر پانڊي ورڪشاپ ۾ ٻڌايو ته هن کان اڳ نيپال ۾ پرائمري هيلٿ سينٽر به ڪونه هئا. هاڻي به سئو مان فقط ڏهه ويهه اسپتال ۾ ٿين ٿا. عام طور ماءُ پيءُ فيملي پلاننگ لاءِ ان مهل ڊاڪٽر سان رجوع

تا ڪن جڏهن ڪين پنج ڇهه ڀار تي ڇڪا هوندا آهن. اهڙي طرح آدم واڌ روڪڻ ۾ حڪومت ڪامياب نه ٿي سگهي آهي. هونئن به نيپالي ماڻهو گهڻا
ڀاران ڪري ٿا ڇٽين جو ڪين پڪ ناهي ته انهن مان ڪيترا مري ويندا
سماج ۾ جيئن ته مرد جي بالادستي ۽ جهالت آهي تنهنڪري جيڪڏهن ڪو ڪٽنب فيملي پلاننگ لاءِ راضي به ٿئي ٿو، ته به اها عورت ئي آهي جنهن کي اسپتال ۾ آپريشن جي چڪر مان لنگهڻو پوي ٿو. عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪندڙ عورتن تي ان عمل تي به ڪي اعتراض آهي. سندن چوڻ آهي ته آخر فيملي پلاننگ فقط عورتن سان ئي ڇو لاڳو آهي؟ ملڪ جي قانون موجب ٻار ڪيرائڻ غير قانوني آهي پر MR قانوني آهي.

آباديءَ جي لحاظ کان عورتون اڌو اڌ آهن پر گهرن ۾ سندن حق برابر ناهن. ڪاڏي پيتي ۾ مرد توڙي ڇوڪرن کي بهتر خوراڪ ڏني ويچي ٿي. اها عورت جي اخلاقي ذميواري ٻڌجي ٿي ته اها مرد کي بهتر ۽ وڌيڪ حصو ڏي. سياحت نيپالي عورتن لاءِ هڪ نئون عذاب آندو آهي. هوريان هوريان اخلاقي برايون وڌنديون پيون وڃن ۽ هاڻي تازين رپورٽن موجب ايڊز جو مرض به اچي پهتو آهي. هيل تائين ٽي مريض رڪارڊ تي آيا آهن. هن کان اڳ نيپالي عورتن لاءِ بدناميءَ جو اهو ئي وڏو ٽِڪو هو ته هندستان جي مختلف شهرن ۾ قائم حسن جي بازارن ۾ نيپالي عورتون سمگل ڪري پهچايون وڃن ٿيون ۽ انهن کي پيشو اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو ٿو ويچي.

نيپال جي ڪنهن به شهر ۽ ڳوٺ ۾ چڪر هڻبو ته عورتون ڪيتن ۾ ڪم ڪنديون ۽ دڪان هلائينديون نظر اينديون. واپار ۾ ڏاڍيون پڪيون آهن پر شين جا اگهه وڌيڪ ٻڌائين ٿيون. شايد پرديسي ڏسي هر ڪو ڪل لاهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. عورتون ننڍڙن گهرن آڏو دروازي تي، ڏيڏين ۾ ننڍڙا دڪان کولي ويٺيون آهن. پيو نه ته پاڇي راشن جو دڪان، سگريٽ بيڙي ۽ بسڪوٽن جو دڪان. وڏن دڪانن تي به ويٺل آهن. ڪچ تي ٻار، پر ۾ ٽفن باڪس، ساڙهيءَ جي ور ۾ پٽون ۽ زبان تي شين جا اگهه، ”پنجويهه ...... ڇگو پلا ڇويهه رپيا.... بس آخري دام ويهين رپئي کان گهٽ نه ٿيندو.... ڪپئي ته ڪڻ، نه ته هَل!“

پاڪستان ۾ عورتن ڪي دڪان هلائڻ لاءِ چئجي تہ شايد ٽرٽلو سمجهي وڃي. مذهبي جماعتن وارن کي اسلام خطري ۾ نظر ايندو ۽ عورتن جي ڀلائيءَ واريون تنظيمون شايد اهو چوڻ لڳن تہ اهو عورتن جو استحصال آهي. هتي عورتن کي ڪم ڪندو ڏسي وڏو اطمينان ٿئي ٿو. سچ پچ تہ جيڪڏهن نيپالي عورت ڪمائيءَ ۾ مردن سان ڀائيواري نہ ڪن تہ غربت جو گراف خبر ناهي ڪٿي وڃي پهچي.

سلوار قميص

ان کي سٺو اتفاق ئي چئجي تہ هڪ پاڪستاني ماڻهوءَ سان ڏيٺ ٿي وئي، نہ تہ هتي پاڪستانين جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو آهي. مسعود قد وارو پاڪستاني انسٽرڪٽر آهي. هتي ڪجهہ سالن کان عالمي بينڪ جي تعاون سان هلندڙ اداري ۾ ڪم ڪري ٿو. ادارو چمڙي جي صنعت سان لاڳاپيل آهي ۽ ٻنهي ملڪن جون صنعت بابت وزارتون ان اداري سببان رابطي ۾ آهن. هن ٻڌايو تہ هتي پنج ڇهہ پاڪستاني ڪٽنب آهن، جن مان ٽي ڪراچيءَ جا ويٺل آهن. هڪ سندس گهر، ٻيو نيپال ۾ پاڪستاني سفير، ٽيون پي آءِ اي جو اسٽيشن مئنيجر، چوٿون ننڍو مئنيجر ۽ ڪي هڪ اڌ ٻيا ڪٽنب آهي.

نيپال ۾ عورتن کي هر قسم جي لباس ۾ ڏسي سگهبو. پرڏيهين کي ڇڏي جيڪي ڪنهن بہ لباس ۾ هلي سگهن ٿا. نيپالي عورتن کي ساڙهي، سلوار قميص، جينز ۽ اسڪرٽ ۾ ڏسي سگهبو. پر اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جي هئي تہ پڙهيل ۽ پئسن ايبل طبقو سلوار قميص کي پسند پيو

ڪري، خاص ڪري ڪاليج جي عمر جون ڇوڪريون. مون ١٥ ڏينهن ۾ فقط ٻن ٽن نيپالي مردن کي سلوار قميص ۾ ڏٺو.

مسعود ٻڌايو تہ هتي ٻن ٽن سالن کان هفتي ۾ هڪ ڀيرو نيپالي ٽيليويزن تان پاڪستاني ڊرامو يا ڊراما سيريز ڏيکاري وڃي ٿي، جنهنڪري هتي عورتن ۾ سلوار قميص جو فيشن پيو آهي. پر ان مهل مونکي حيرت ٿي جڏهن هڪ نيپالي ڇوڪريءَ مونکي ٻڌايو تہ سلوار قميص کي پاڪستان جو نہ پر ڀارت جو لباس سمجهيو وڃي ٿو. فيشن اختيار ڪرڻ ۾ عورتون مردن کان ڪيتريون اڳتي آهن؟ ان جو اندازو نيپال ۾ ويهي بهتر طور لڳائي سگهجي ٿو. ان لاءِ سلوار قميص جو مثال ئي ڪافي آهي جيڪو اڃا تائين مردن اختيار نہ ڪيو آهي پر نوجوان ڇوڪرين جو من پسند لباس ٿي ويو آهي.

صحت ۽ عوام

نيپال جي ماڻهن کي ڏسي احساس ٿئي ٿو تہ واقعي نيپالي ماڻهو صحت جي معاملي ۾ گهڻو پوئتي آهن. اها ڏاڍي حيرت جهڙي ڳالهہ آهي، خاص ڪري ان صورت ۾ جڏهن سڄو ملڪ زرعي آهي ۽ ماحولياتي آلودگيءَ اڃا خطري جي زوردار گهنٽي نہ وڃائي آهي.

نيپالين جي غربت سندن صحت خراب ڪري ڇڏي آهي. ڪٺمنڊو ۾

دوائن جا دڪان جام آهن، انهن جي وڏي ڪمائي آهي. آهي ته دوا به مهانگي پر روزگار جا ذريعا وڌائڻ ۽ صحت مند ماحول قائم ڪرڻ لاءِ نوان پروجيڪٽ اجا به مهانگا هوندا آهن تنهنڪري عوام جو گذارو دوائن تي

نيپال جي هڪ گهٽيءَ ۾ هڪ نيپالي عورت پنهنجن سورن سان

آهي.

غربت، بيماري ۽ جهالت جي صورتحال اها آهي جو چون ٿا ته ڪجهه وقت اڳ نيپال جي ڪنهن علائقي ۾ ڪالرا پکڙي. جنهن ۾ گهڻئي ماڻهو مري ويا. ڊاڪٽر اتي پهتا ته خبر پئي گهڻا ماڻهو فقط ان ڪري مئا هئا جو جيئن ئي ڪنهن مريض کي دست شروع ٿي ٿيا ته هن جا مائٽ کيس ڇڏي هليا ٿي ويا ته متان اها بيماري کين لڳي نه پوي.

غربت کي منهن ڏيڻ لاءِ فيملي پلاننگ جو ڪاتو سرگرم آهي. سارڪ جي ملڪن ۾ ان شعبي تي گهڻو ڌيان ڏنو پيو وڃي، پر جيئن ته زرعي سماج ۾ مرد وڏيڪ ڪارائتو رڪن سمجهيو وڃي ٿو تنهنڪري نيپال ۾ ان ماڻهو کي بدقسمت سمجهيو ٿو وڃي جنهن کي پٽ نه هجي. ڪنهن گهر ۾ ڇوڪري ڄائي ته چوندا "لڪشمي آئي آهي" پر نيپالي ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ڪنهن کي اولاد ۾ ڇوڪرو نه هوندو ته هو بهشت ۾ نه ويندو. هر ماڻهو بهشت ۾ وڃڻ گهري ٿو. زندگيءَ ۾ نه سهي، موت کان پوءِ ته بهشت ملي!

غربت ماڻهپي کي مجروح ڪري ڇڏيو آهي. اسان کي ٻه چار دردناڪ واقعا ٻڌايا ويا. ڪجهه وقت اڳ لمبني (گوتم ٻڌ جي جنم ڀومي) ۾ هڪ عورت ٻڪ کان پنهنجا ٻار ڪاڏا. قانون وڃي جيل ۾ وڌس، اتي پاڻ کي ڦاهو ڏيئي ماري ڇڏيائين. ڪالرا پکڙجڻ واري واقعي وقت هڪ ٻيڍڙو بيمار ٿيو ته سندس پٽ پيءُ لاءِ قبر کوٽڻ لڳو. کيس پڪ هئي ته هو علاج ڪرائي نه سگهندو ۽ پوڙهو مري پوندو. ڪو به پٽ جيئري پيءُ لاءِ قبر کوٽي! اها ڪيفيت ڇريائپ کان گهٽ ته ناهي.

نيپالي ماڻهن جا لڙڪ شايد هاڻي سڪي ويا آهن يا دل پڪي ڪري ڇڏي اٿن. ڀهراڙيءَ جي هڪ سهڻي ڇوڪريءَ بابت هڪ واقعو اسان کي تمام رواجي انداز سان ٻڌايو ويو. ان جوان عورت جاڙا ٻار ڄڻيا هئا،

انهن مان هڪ ڪمزوريءَ سبب مري ويو. ماءُ رُني ته عورتن دلاسو ڏيڻ بدران چڙبون ڏنس. "اڙي روئين ڇو ٿي.... ڇٽي ٿي آهين ڇا! جوان آهين ٻيا ڄڻيندينءَ" شايد اها ڳالهه سچي آهي ته جڏهن غربت حدون اورانگهي ويندي آهي تڏهن ماڻهو ۾ ان جا اعليٰ قدر به مري ويندا آهن. انهن ڏکوئيندڙ واقعن کي سرڪار محسوس نه ڪيو، البت اديبن ۾ صحافين انهن خبرن جو سخت نوٽيس ورتو. انهن مضمون لکيا، شعرن ۾ انساني روح کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي.... پر شعر ۽ مضمون دوا ٿي نٿا سگهن.

"تن هَمَهِ داغ داغ، پنبهِ ڪُجا ڪُجا دهند؟"

سياسي پيچ ۽ داهه

پاٽن جي دربار اسڪوائر وٽ رکيل پٿر جو مجسمو جنهن تي ڪاريهر نانگ ڇانو ڪري بيٺل آهي. هي مجسمو يوگا نارينڊرا جو آهي. جنهن ١٦٨٤ع کان ١٧٠٥ تائين حڪومت ڪئي.

شهر ۾ هنڌ هنڌ چوراهن تي وڏا بت رکيل آهن. اهي قديم زماني جا نه آهن. چهرا مقامي ماڻهن جا آهن البت انهن جو لباس يورپي لوڪن جو آهي. هي نيپال جي اڳوڻن توڻي هاڻوڪي بادشاهه جا مجسما آهن. ڪن جا هٿ ترارن تي آهن ته ڪي گهوڙن تي سوار آهن. هڪ بادشاهه سلامت جي اکين تي چشمو، هٿ

۾ ڏنڊو، فوجي لباس ۽ پنن تي چوغو آهي. خبر ناهي تہ مقامي فنڪارن انهن بادشاهن کي پاڻ چوُواٽن تي ٿلن تي چاڙهي ڇڏيو آهي يا بادشاهن اها سزا پاڻ لاءِ پاڻ مقرر ڪئي آهي!

پدرا ڪاليءَ جي مندر آڏو راڻا ڪٽنب جي گهوڙيسوار بادشاهہ جي مورتي ڪتل آهي، نيپالي عوام ان ئي ڪٽنب کان اقتدار ڇڏايو آهي. ان ڪٽنب پنهنجي وقت ۾ (جنرل ضياءَ جي شُورائي سرشتي وانگر) پنچائتي نظام قائم ڪري پنچائت ۾ پنهنجا ماڻهو ڀرتي ڪري ڇڏيا هئا. مجال هئي جو عوامُ جي ڀلائيءَ ۾ ڪو پنچائتي فيصلو ٿئي!

ماڻهو پنچائت جي ڊونگ کان ڪڪ ٿيا تہ اٿي ڪڙا ٿيا. آڏو هٿيار بند فوج ۽ پوليس اچي بيٺي. قتلام ٿيو ۵۰۰ کن ماڻهو مئا ۽ سئو کن گم ٿي ويا. اهو واقعو مارچ اپريل ۱۹۹۰ع ۾ ٿيو. ۱۹۸۰ع ڌاري بہ هتي وڏي هلچل هلي هئي. نتيجي ۾ چوندن ڪانپوءِ گهڻ جماعتي سرشتو قائم ٿيو، نيپالي ڪانگريس کٽيو هو ۽ مسٽر بي پي ڪوريالا وزيراعظم ٿيو هو.

نيپالي عوام جو سک اقتدار پرستن کي پسند نہ آيو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن فوجي اچي ڪڙڪيا. راجا مهندر وقت جو چرخو ابتو ڦيرائي اڳوڻو سرشتو ڪٽي چالو ڪرايو. عوام ٻيهر فساد ڪيو ۽ ٻيهر جمهوريت قائم ٿي. راڄ بادشاهہ جي هٿ ۾ رهيو باقي ڪم چونڊيل وزيراعظم جي حوالي ٿيو. راڻا ڪٽنب جو شخصي راڄ پورو ٿيو. راڻا ڪٽنب جي وقت ۾ بادشاهہ جي حيثيت ڪاٺ ڳڏي جهڙي هئي.

اصل ۾ ۱۹۵۷ع ۾ جڏهن شاهہ پنچائتي سرشتو ڏنو تہ سڄي طاقت بادشاهہ جي هٿ ۾ هلي وئي هئي ۽ هاڻي هو پاڻ سياست ڪرڻ لڳو هو. ان کانپوءِ نيپالي ڪانگريس بہ ٻيهر هٿيار بند تحريڪ هلائي ۽ ڪامياب ٿي. ڪجهہ سال اڳ ڪانگريس ۽ ڪميونسٽن گڏجي تحريڪ هلائي. ان کانپوءِ بادشاهہ جي اختيارن جي حد آئيني دائرن ۾ آندي وئي ۽ اقتدار عوام کي مليو.

جديد نيپال جو بنياد وجهندڙ شاهه تري يون جيڪو ١٩٥١ع ۾ پاڻ مرادي جلاوطني ختم ڪري فيبروري ١٩٥١ع ۾ نيپال موٽي آيو ۽ رانا دور حڪومت جي پڄاڻي آندائين. سنگ مرمر مان جڙيل سندس هي مجسمو کٽمنڊو جي نيشنل اسپورٽس اسٽيڊيم جي ٻاهر رکيل آهي. موٽڻ کان پوءِ هو چئن سالن ۾ گذاري ويو جنهن کان پوءِ سندس پٽ شاهه مهيندرا تخت تي ويٺو.

پنچائتي سرشتو ١٩٩٠ع ۾ ختم ڪيو ويو. ١٩٩٤ع تائين صورتحال اها هئي ته قومي سطح تي ڇهه پارٽيون هيون. هونئن سياسي پارٽين جو تعداد پاڪستان وانگر هتي به گهٽ آهي. ڪل جماعتون ٤٥ آهن. ملڪ جي اسيمبليءَ جا ڪل 2.5 رڪن آهن. آڪٽوبر ١٩٩٤ تائين حڪومت ڪانگريس جي هئي. وٽس ١١٣ ميمبر هئا. نيپالي ڪانگريس جو روحاني سرچشمو پارٽي ڪانگريس آهي، جيئن اها چوي سو اکين تي آهي. نيپالي ڪانگريس پاڻ کي جمهوريت پسند سڏائي ۽ سمجهي ٿي. ڪميونسٽ حڪومت کان اڳ اسيمبليءَ ۾ پراڻا

پنچائتي ڪُل تي هئا. هڪ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (ٿاپا گروپ) جو، جنهن جو اڳواڻ سوريہ بهادر ٿاپا اڳوڻو وزيراعظم هو. باقي ہہ ڄڻا نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (اصلي) سان تعلق رکندڙ هئا.

اڳوڻي اسيمبليءَ جا باقي سڀ رڪن ڪميونسٽ هئا. يونائيٽيڊ ڪميونسٽ پارٽي وٽ ٢٩ سيٽون هيون، جوائنٽ مورچہ ڪميونسٽ وٽ ١١ سيٽون، نيپالي مزدور ڪسان پارٽيءَ وٽ ٣ سيٽون ۽ نيپالي ڪميونسٽ پارٽي ڊيموڪريٽڪ وٽ ٢ سيٽون هيون. باقي ہہ ٽي سيٽون هيڏانهن هوڏانهن هيون.

هتان جا ڪميونسٽ پاڻ ۾ نہ ٽي ٺهيا جو ڪانگريس جي خلاف ڪا سوڙهہ پيدا ٿئي. هتان جا ڪميونسٽ پاڪستاني ۽ پارٽي ڪميونسٽن وانگر قاتل انگوشو ڪلهي تي رکي چندا ڪونہ وٺندا آهن. ڪي اڳواڻ هوٽلن جا مالڪ آهن، ڪي وڏيون ڪمپنيون هلائين ٿا تہ ڪي وڏين واپاري ۽ رهائشي عمارتن جا مالڪ آهن. ڪانگريس ڪي ڪميونسٽن جي اها ڪمزور رڳ هٿ اچي وئي هئي تنهنڪري هڪ نعرو ناهيو اٿن "جيڏو وڏو سيٺ تيڏو وڏو ڪميونسٽ".

ڪا بہ حڪومت جڏهن بہ ڪو قانون ناهيندي آهي تہ چوندي آهي، "عوام جي ڀلائيءَ لاءِ اسان فلاڻو قانون ناهيو آهي" پر اصل ۾ اها حڪومت فقط پاڻ کي عوام سمجهندي آهي. نيپال ۾ بہ آبادي وڌي تہ سرڪار زمين جي ورڇ لاءِ ١٩٦٤ع ۾ قومي سطح تي زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو.

نيپال ۾ سنڌ ۽ طرح روايتي زرعي سرشتو آهي. پراڻي دور جا اوزار ۽ پيداواري رشتا آهن. واڻ ح هجي تہ نيپال ۾ زرعي زمينن کي تمام گهٽ اهميت آهي چو تہ اتي صنعت آهي ئي ڪونہ. انهن زرعي سڌارن بي زمين هارين کي ڪو بہ لاڀ نہ ڏنو. سڀ زمينون وڏن زميندارن جي مٿن مائٽن جي نالي ٿي ويون. ١٩٦٤ع ڌاري سرڪار زمين جي وڌ ۾ وڌ حد ٢٥ ويگا زرعي يونٽ مقرر ڪئي هئي پر ڪانگريس سرڪار پڇاڙيءَ تائين سوچيندي رهجي وئي تہ اها حد اڃا بہ گهٽائي ١٠ ويگا ڪجي. سبب اهو آهي تہ زمينون پليون آهن ۽ پيداوار اوچي آهي. پر نيپالي سرڪار زمين جي نئين ورڇ نيڪ طرح اڳي بہ نہ ڪري سگهي هئي. جتي حڪومتون عوام جي حق ۾ سختي ڪري نہ سگهنديون آهن اتي سنا

نتيجا نڪري ئي نتا سگهن. اهوئي نقطو ڪميونسٽن لاءِ جدوجهد جو سڀ کان وڏو نعرو بڻجي ويو.

حڪومتون، سرڪاري ۽ غير سرڪاري تنظيمون مسئلا ضرور ڪڻن ٿيون پر انهن تي عمل ۾ هر ڪو ٻڙي رهي ٿو. نلهي واويلا برابر ٿئي ٿي سا به ايڏي جو واويلا ڪندڙ پاڻ ئي واويلا ۾ گم ٿيو وڃن.

نيپال جي مرڪزي سيڪريٽريٽ سنگها دربار بلڊنگ ۾ آهي. اها پراڻي طرز جي سهڻي عمارت آهي. مکيه در واري پاسي ڇت تي هڪ شينهن جو شاندار بت رکيل آهي. ان ئي نسبت سبب عمارت جو نالو سنگها دربار آهي. سنگها دربار ۱۵۰ سال اڳ پنج ڪروڙ رپين جي خرچ سان ٺهي هئي. عمارت ۾ ۳۶۵ ڪمرا آهن. اها عمارت تاريخ ۾ هڪ پيرو اڌ سڙي وئي هئي. ان جي اڏاوت چندر شمشير رانا جي ڪاتي ۾ آهي. اڄڪلهه هن عمارت ۾ وزيراعظم ويهي ٿو. ان ڪانسواءِ ڪيبنٽ سيڪريٽريٽ، نيشنل پلاننگ ڪميشن، وزارت دفاع جي غير هتيار بند شعبي اڪائونٽس وغيره جون آفيسون به هتي ئي آهن.



ڪٽمنڊو ۾ سنگها دربار آڏو ارڙهين صدي جي بادشاهه پرٿوي نارائڻ شاهه جو مجسمو. ۱۹۰۱ع ۾ ٺهيل هي محل هاڻي سرڪاري سيڪريٽريٽ آهي.

تہ ماڙ سنگھا دربار آڏو ڪتل قدآور ڪارو مجسمو پرٿوي نارائڻ شاھہ جو آهي. پرٿوي نارائڻ ڪي قومي لباس پاتل آهي، هٿ ۾ تلوار اٿس، تلوار جي مٺئي تي هٿ رکيو بيٺو آهي ۽ هٿ ڪٺي چڻ سلام جو جواب پيو ڏي. مجسمو وڏي ٿل تي رکيل آهي.

سنگھا دربار جي پرسان ئي ساڄي هٿ تي سپريم ڪورٽ جي عمارت آهي. اتي ئي زرعي ترقياتي بينڪ جي عمارت آهي جنهن تي مُهين جي دڙي واري آرٽ جهڙي نموني سان هر ڪيڙڻ جو منظر اڪيريل آهي. هتي ئي ويجهو نيپال جي قديم آثارن جو ڪاتو بہ آهي.

صحافت جي صورتحال

نيپال جي وڏي ۾ وڏي انگريزي اخبار جو نالو "رائزنگ نيپال" آهي. اٺ صفحا نڪري ٿي. ڇپائي اهڙي اٿس جيئن سنڌ جي ڪنهن ننڍي شهر مان جهلم مشين تي نڪتل هجي. رائزنگ نيپال ڪي سڄي ملڪ ۾ فقط ٽي رپورٽر آهن. اخبار ڪولي خبرون پڙهيون تہ سموريون ڪٺمنڊو شهر جون هونديون يا وري ڪڏهن ڪڏهن پوکران جي ڪا خبر هوندي، سو بہ انڪري تہ اتفاق سان اوڏانهن ڪو وزير يا گورنر ويل هوندو.

ان اخبار جي پيٽ ۾ سنڌ مان نڪرندڙ ننڍين سنڌي اخبارن جو معيار گھڻو بهتر آهي. سنڌي اخبارن جا هر شهر ۾ نمائندا آهن جيڪي ڪچيون ڦڪيون خبرون اماڻيندا ۽ ڇپائيندا رهن ٿا. اصل ۾ رائزنگ نيپال جو ڏوهه به ڪونهي. نيپال ۾ ڪميونيڪيشن هڪ وڏو مسئلو آهي. روڊ رستا تمام گهٽ آهن، فون جو سرشتو به تمام محدود آهي، خبرون پهچن ته ڪيئن؟ اخبارون ورهائجن ته ڪيئن؟

نيپالي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ اخبارن جي مارڪيٽ بهتر آهي. ماڻهن ۾ سياسي شعور چڱو آهي، ماڻهو اخبارون پڙهڻ گهرن ٿا پر خريدڻ جي قوت گهٽ هئڻ ڪري اڪثر پڙهندڙ ڳاهٽ ڪيو اسٽال تي گڏ ٿين ۽ بيٺي بيٺي پڙهيو ڇڏين، جيئن پاڪستاني ماڻهو به ڪندا آهن.

١٩٨٦ع کان نيپال ۾ ڪجهه سرڪاري ۽ غير سرڪاري تنظيمن هڪ تجربو ڪيو آهي ته جيئن پهچ نه رکندڙ ڳوٺاڻن کي خبرون پهچائجن. تجربو ڪنهن حد تائين ڪامياب ويو آهي. تنظيمن چا ڪيو جو انهن هڪ "ديواري اخبار" تيار ڪئي. ديواري اخبار پوسٽر وانگر ڪن خاص جاين جهڙوڪ پوسٽ آفيس، اسڪول، ميونسپل ادارو، بس اسٽاپ وغيره تي چنبڙائي وڃي ٿي. ماڻهو روزانو مقرر وقت تي اچي اخبار پڙهن ٿا. ديواري اخبار جي هر هڪ ڪاپيءَ تي خرچ پنج رپيا ٿي آيو جيڪو غير سرڪاري تنظيم برداشت ٿي ڪيو. زرعي بينڪ جي آرگنائيزرن، رضاڪارن ۽ ٽپال ڪاتي وارن جي مدد سان اخبار مختلف ڳوٺن تائين پهچائي چنبڙائي ٿي وئي. پهرين ٢٧ ڳوٺن ۾ اخبار پهچي ٿي وئي پوءِ ٽيهه ٻيا ڳوٺ شامل ٿيا. شروع ۾ ڪاپين جو تعداد وڌيڪ هو پر هاڻي گھٽجي پنج هزار ٿيو آهي.

اهڙي هڪ اخبار ۾ ڪل اسٽاف فقط چار ڄڻا آهي. ايڊيٽر، اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ ڪلارڪ. پهرين اخبار ۾ اڪثر زرعي حوالن سان خبرون هونديون هيون پر هاڻي هڪ ٻي اخبار به نڪري ٿي جيڪا ماحوليات جي مسئلي کي کڻي ٿي. ان جو تعداد ڏهه هزار آهي. في الحال ته جذباتي نوجوان

ان ڪم کي قومي مسئلو محسوس ڪري جوش خروش سان حصو وٺي رهيا آهن پر ڪيستائين؟

رائزنگ نيپال توڙي مقامي ٻولين جي اخبارن ۾ خبرن جو معيار بـ مڙئي سڙئي آهي. انويسٽيگيٽو رپورٽنگ يا جرئت مند صحافت جو تصور ئي ڪونهي. سڄي نيپال ۾ فقط هڪ نوجوان صحافيءَ جو نالو ٻڌو ويو جيڪو وزيرن ۽ اعليٰ عملدارن کان آڏي پڇا ڪري ٿو. وزير ۽ امير ڪانٽس لنوائين ٿا ڇاڪاڻ تـ سندس انگريزي سٺي آهي ۽ وزير سندس آڏي پڇا کي منهن ڏيئي نٿا سگهن. اخبارن جا ايڊيٽر توڙي جهونا صحافي زمانو ڏسي ويٺا آهن تنهن ڪري ضرورت کان وڌيڪ محتاط رهن ٿا. وزيرن ۽ ڪامورن کان سوال پڇڻ مهل تمام نهٺائي ۽ پروٽوڪول سان پيش اچن ٿا ۽ ڪوشش ڪن ٿا تـ گهٽ سوال جواب نـ ڪن.

نيپال جي جهونن صحافين کي بـ احساس آهي تـ وزير ۽ ڪامورا ترقياتي ڪمن بابت بيان ڏيڻ مهل فقط سياست ۽ ڪوڙ کان ڪم ٿا وٺن، پر ڇا ڪن؟ ڪين تجربو آهي تـ وزيرن جا گهڻو ڪري سڀ بيان ٿوري وقت ۾ ڪوڙا ثابت ٿي وڃن ٿا. اهو ڪوڙ جڏهن اخبارون ڇپين ٿيون، تڏهن اهي بـ ڪوڙ ۾ ڀائيوار ٿي وڃن ٿيون. جيسين حڪومت آهي تيسين تـ ڪوڙ تي ڪجهـ نـ ڪجهـ ڍَڪ رهي ٿو پر جيئن ئي حڪومت بدلجي ٿي سالن کان جمع ٿيل ڪوڙ ٻهـ جي ڦاٽل ڳوڻ وانگر شهر جي فٽ پاٿن تي پکڙجي وڃي ٿو. اهو ڪم بـ اخبارون ئي ڪن. ڪوڙ لڪائڻو هجي يا ٻڌائڻو! ٻئي ڪم اخبارن جا آهن. پر هر ڪم لاءِ سياسي حالتن کي نظر ۾ رکيو وڃي ٿو. هروڀرو ڦاهو ڪائڻ جو شوق ڪنهن کي بـ ڪونهي. اخبارن کي واپارين جا اشتهار ۽ سرڪار جي سرپرستي گهرجي ان ڪري حڪومت ۽ سرمائيدارن جي مخالفت پرائڻ کان پاسو ڪيو وڃي ٿو.

ڪا بـ اخبار کڻي ڏسبي تـ پهرين صحفي تي بادشاهـ سلامت ۽

پرڏيهي مهمانن جون خبرون ملنديون. ساڳي صورتحال ريڊيو ۽ ٽي وي‎ء جي آهي جن جي عوام وٽ گڏيل پهچ نوي سيڪڙو آهي. اها ئي ڳالهه آهي ته اهي ارادا سچ کان وڌيڪ ڊونگ پهچائين ٿا. سڌ سماءَ جي ذريعن کي ترقياتي ڪمن جي رفتار تي نظر رکڻ گهرجي پر سارڪ ملڪن ۾ ائين ناهي. نه ئي ايشيا ۽ آفريڪا جي ٻين ملڪن ۾ ائين آهي. اها به سياسي غربت جي اهم نشاني آهي ته شهري مسئلن بدران بادشاهن، صدرن ۽ وزيراعظمن جا مهاندا اخبارن ۽ ٽي وي‎ء تي ڏيکاريا وڃن.

ڏٺو وڃي ته پروٽوڪول وارين خبرن کي گهٽائڻ ۽ عوامي مسئلن کي اڳتي آڻڻ هرويرو ڏکيو ڪم به ناهي. ريڊيو ٽي وي ته ٿيا حڪومت جا ڍنڍورچي. گهٽ ۾ گهٽ اخبارون ته اهو ڪري سگهن ٿيون ته انويسٽيگيٽو رپورٽنگ وڌائين. انگن اکرن ۽ دستاويزي ثبوتن سان پنهنجين رپورٽن کي جاندار بڻائي، خبر حاصل ڪرڻ جي فقط هڪ ذريعي تي ڀروسو نه ڪن. پر ٻن ٽن مختلف ذريعن کان خبرون ۽ انگ اکر جمع ڪري انگن اکرن کي پاڻ ۾ ڀيٽي خبر کي وڌيڪ جاندار بڻائين ۽ خبر ۾ جذباتي راءِ ڏيڻ ۽ ڊر ٽيڻ کان پاسو ڪري معروضي رپورٽنگ ڪن.

ٽين دنيا جي ملڪن وانگر نيپالي صحافت به حاڪم طبقن جي سرگرمين ۽ انهن جي سياست جي چوگرد ڦري ٿي. ان لحاظ کان نيپالي صحافت خواص جون خبرون عوام تائين پهچائڻ جو ڪم ڪري ٿي. هئڻ ته ائين گهرجي ته عوامي اهنجن ۽ مسئلن جي هر پهلوءَ تي سنجيدگي، بردباري ۽ همت سان قلم کنيو وڃي ۽ ترقياتي ڪمن تي ڪرڙي نگاهه رکي وڃي. سچ پچ به روايتي صحافت جمود کي هٿي ڏئي ٿي ۽ "ترقي" اصل ۾ ماڻهن جي ڪهاڻي آهي.

ادبي تاريخ

نيپالي ادب جي تاريخ هڪ هزار سالن تائين پکڙيل آهي. جيڪڏهن سنگ تراشيءَ کي شامل ڪجي ته پوءِ معاملو گهٽ ۾ گهٽ ٻه هزار سالن تائين هليو ويندو. پر جيڪڏهن موسيقيءَ کي به شامل ڪجي ته پوءِ معاملو تاريخ جي دائري کان ٻاهر نڪري ويندو.

ساهتيه ادب جي تاريخ گهڻي پراڻي ناهي. ساهتيه ادب سوا ٻه سؤ سال اڳ شروع ٿيو. ان ئي وقت ۾ گورکا علائقي مان پرٿوي نارائڻ ساها فوجي طاقت طور اڀريو ۽ انگريزن سان مهاڏو اٽڪايائين. ساها ونس راجا کي وشنوءَ جو اوتار سمجهيو ويندو هو. وشنو ديوتا ڌرتيءَ تي ظلم جي خاتمي لاءِ انساني روپ ۾ جنم وٺندو آهي.

ابتدائي فتحن جي وقت ۾ بهادري ۽ ويرتا جي شاعري" بير رس" ٿيندي رهي پر هارائڻ ڪانپوءِ "ڀڳتي رس" شروع ٿي. اها شاعري رام ڀڳتيءَ تي ٻڌل هئي. نيپالي ساهتيه ادب کي سولائيءَ سان ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

سڀ کان پهريون دور ته بير ۽ ڀڳتي رس وارو آهي، جنهن جو سڀ کان وڏو شاعر ڀانو ڀڳت اچاريه آهي. هنکي "آدي ڪوي" به سڏين ٿا ڇاڪاڻ ته هو رڪارڊ تي آيل پهريون شاعر آهي، هن شاعر نيپالي ٻوليءَ ۾ رامائڻ لکيو.

هيو دور ڪرشن پڳتيءَ جو آهي. جيڪو ١٨٥٠ ڪانپوءِ شروع ٿيو. ڪرشن پڳتيءَ جي شاعري بنيادي طور تي رومانوي آهي. پڳتي ڌارا وارو ادب راڻن وچ ۾ محلاتي خانه جنگيءَ تائين هليو. ان عرصي ۾ ڪنهن شاعر خاص نالو ڪو نه ڪڍيو.

١٨٦٠ ـ ٧٠ع کان ١٩١٠ ـ ٢٠ع تائين عورت جي جسماني سونهن ۽ اوگهڙ تي شاعري شروع ٿي جنهن کي جماليات ۾ اگهاڙي شاعريءَ جو دور ڄاڻي سگهجي ٿو. ان دور جو سڀ کان سٺو شاعر موتي رام ڀَٽا سمجهيو وڃي ٿو پر هو ٽيهن سالن جي عمر ۾ فوت ٿي ويو. کيس نيپال جي پهرين غزل نگار، پهرين ايڊيٽر، پهرين آتم ڪٿاڪار ۽ پهرين ناٽڪ نگار جي حيثيت حاصل آهي.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ نئين تبديلي آئي ته ماڻهن سوچڻ شروع ڪيو ته ڇا اسان جي ضرورت فقط سينگار آهي؟ ليکناٿ پاؤ ديال شاعر هو. هن ڪيئي سوال اٿاريا. هاڻي ماڻهن کي انگريزي ادب سان واقفيت ٿي. اهو ئي دور هو جڏهن هندستان ۾ خلافت تحريڪ پئي هلي. نيپالي به اپکنڊ جي آزاديءَ واري ويڙهه ۾ جيل ويا. ساڳي طرح نيپال جي تحريڪ ۾ ڪيئي پارٽي جيل ويا.

نيپالي ادب جو جديد دور ٻي جنگ عظيم کان شروع ٿيو. ان دور ۾ سڀ کان وڏو شاعر ۽ نثر نگار لڪشمي پرشاد ديو ڪوٽا ايريو. هو سن ١٩٥٩ع ۾ پنجونجاهه ڇاونجاهه سالن جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو.

بي پي ڪوئيرالا ادب ۾ فرائيڊ جو وجودي فلسفو پيش ڪيو. هُو بنيادي طور تي ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار هو. هيو مکيه اديب شِدي چرن سريشٽ آهي. ادب ۾ سندس حصو آهي پر هاڻي ٻڍڙو ٿي ويو آهي ۽ اوترو نٿو لکي.

راڄا جي فوجي بغاوت کان ڏهه سال اڳ تائين نيپال ۾ ادبي جمود

رهيو. هلندڙ زماني ۾ سٺن شاعرن جي کوٽ ناهي. پوپي شير چند، موهن کوئيرالا، ايشور بليا، بيراڳي ڪائنيلا ڪجهه سينئر شاعر آهن. نوجوانن ۾ اسيس ملها (Malla)، دِينش اڌيڪار، ڏربا مڌ يڪرمي ۽ ڪڙانہ مهرشي شامل آهن.

ناول نگارن ۾ ڏريا چندرا گوتم، پاريجات، دولت بڪرم بشتا ۽ مدن مٺي دڪشت شامل آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ڏريا چندرا گوتم، ڪا ڪندرا سندرولا ۽ ڪشور پهاڙي آهن پر هتي ڪهاڻيءَ پوئتو نہ پاريو آهي. ناٽڪ نويسي ۾ بالا ڪرشنا سمہ (Sama)، وجي ملها ۽ گوبند ڪوئالي آهن.

ڳائڻن ۾ نارائڻ گوپال جو نالو وڏو آهي. جيڪو گذريل سال پنجونجاه سالن جي عمر ۾ ڪنهن بيماريءَ کان پوءِ مري ويو. کيس گهڻئي بيماريون وڪوڙي ويون هيون، شگر هئس، جيرو خراب هئس ۽ ساهہ جي تڪليف بہ هئس. سرڪار علاج ۾ سندس سهائتا ڪئي پر ڳالهہ چڙهي وئي. اڄڪلهہ ڪمار بسنت سٺو لوڪ ڳائڻو آهي. تارا ديوي هلڪو ڦلڪو ڳائي ٿي. استاد نر راج ڍاڪال ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو ڄاڻو آهي.

پر جيڪڏهن ڪو چوي تہ ادب ۽ فن جي دنيا ۾ نيپال جي سڃاڻپ ڪير آهن؟ تہ ٽي نالا ڪٽي سگهبا. دانشورن ۾ لڪشمي پرشاد ڪوئيرالا (شاعر) جيڪو پوءِ وزير بہ ٿيو. سياستدانن ۾ بي پي ڪوئيرالا (اديب بہ آهي) ۽ نارائڻ گوپال (ڳائڪ).

نيپال ۾ هڪ مسلمان اديب علي ميان بہ نالو ڪڍيو آهي. هن ٺي سال کيس ادبي ايوارڊ مليو آهي. هو نيپالي لوڪ گيتن جو ماهر آهي ۽ پوکرا ۾ رهي ٿو. نيپال ۾ مسلم آباديءَ چار سئو سال اڳ وجود ورتو. ان وقت شمس الدين التمش نيپال فتح ڪيو هو. هن فتح سان گڏوگڏ لڳ ڀڳ سمورا مندر ڊاهرائي بہ چار مسجدون ٺهرايون هيو. انهن مسجدن مان هڪ اڃا تائين ڌاران (Dharan) ۾ باقي آهي. التمش جتي مسجدون ٺهرايون،

اتي هڪ منگول قبيلو لِمبو (Limbu) رهي ٿو. اهو قبيلو سوئر کائي ٿو. اتي فقط هڪ ئي مندر بچيو جيتوڻيڪ ان ۾ سوئر جي مورتي هئي. اولهه نيپال ۾ مسلمانن جي آبادي اٽڪل ٢٥ سيڪڙو آهي.

ادبي تنظيمون :

عوامي سطح تي نيپال ۾ ٽي ادبي تنظيمون آهن، جن جا نه رڳو پاڻ ۾ اختلاف آهن پر هر ادبي تنظيم جا رڪن به پاڻ ۾ وڙهيل رهن ٿا، بالڪل اينءَ پاڪستان جي هر ادبي تنظيم جا رڪن پاڻ ۾ ڪو نه ٺهن.

هڪ مکيه ادبي تنظيم جو نالو "ساهتيڪار سمَسد آهي. سمسد معنيٰ فورم يا پارليامينٽ. اِها پراڻي نهيءَ جي ادبين جي تنظيم آهي، جنهن جا ميمبر پنجاهه کان مٿي ناهن. ٻي تنظيم جو نالو نيپال لٽريري جرنلسٽ ايسوسيئيشن نيپال آهي. ان تنظيم جا ميمبر هڪ سئو کان به سئو جي وچ ۾ آهن ۽ اها نوجوانن جي تنظيم آهي. ٽين تنظيم جو نالو پوئٽس، ايسيئسٽس اينڊ ناولسٽ نيپال (P.E.N. -- Nepal) آهي. ان جي ميمبر شپ محدود آهي. اهي تنظيمون ڪڏهن ڪڏهن مقابلا ڪرائين ٿيون، پيو مڙئي خير!

ٻئي طرف سرڪار بهادر به ادبين جي هڪ تنظيم تيار ڪئي آهي، نالو اٿس "رائل نيپال اڪيڊمي". ان تنظيم جو چانسلر بادشاهه سلامت پاڻ آهي. وائس چانسلر ڊاڪٽر ايشور برال آهي، جيڪو جواهر لال يونيورسٽي نيو دهليءَ ۾ سائوٿ ايشين ڊپارٽمينٽ ۾ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ ۽ پروفيسر هو. سندس مهارت جو شعبو تاريخ آهي.

نيپالي شاعري گولدا اڌيڪاري

جنيلي راتا هوس
ساٿها پريمي هوئي
جهانگا نبي کوس
اور کوئي
رات چمکي هوس
ساز چمکي هوس
سورگ کي چائي

چانڊوکي رات هجي
ساٿ پريمي هجي
ڀر ڀر کوئي جهرڻو جهر جهر
وهندو هجي
رات چمڪيلي هجي
وڻڪار ڳهاٽي هجي
جيڪڏهن ايئن ئي هجي
بهشت جا لاءِ ڳهران؟

ريڊيو نيپال

ريڊيو نيپال پنهنجي نشريات ١٩٥١ع کان شروع ڪئي. نئين عمارت ١٩٨٣ع کان نصيب ٿي اٿس، جنهن ۾ پنج اسٽوڊيوز آهن. پروڊيوسر پروگرامن جي تياريءَ تي محنت ڏاڍي ٿا ڪن پر روزانو فقط ٻه ٽي گيت رڪارڊ ڪري سگهن ٿا. اسٽاف تمام ٿورو آهي، بس ايئن ڪٿي چئجي ته ضروري ٽيڪنيڪل عملو آهي.

ريڊيو وٽ خبرن لاءِ ڪنهن ٻه شهر ۾ ڪو نمائندو ناهي. سڀ خبرون سرڪاري نيوز ايجنسيءَ تان ڪنيون وڃن ٿيون يا وري ٻين ملڪن جا

ريڊيو ۾ڏي خبرن جي مانيٽرنگ ڪئي وڃي ٿي. ريڊيو اسٽيشن وارو عملو پنهنجيون پگهارون ۽ مئنيجمينٽ جو خرچ اشتهارن مان ڪڍي ٿو. سرڪار طرفان مدد خيرڪي آهي باقي نڙيءَ تي سرڪار جو ننهن ته هر هنڌ آهي ئي آهي.

نيپال ۾ رتنا رڪارڊنگ ڪمپني اصل ۾ ريڊيو ٽرسٽ آهي پر هاڻي ٽيليويزن سان لاڳاپيل آهي. ريڊيو جي اسٽاف ميمبرن ۾ ڪي لوڪ فنڪار به شامل آهن. انهن جو تعداد ڏهه آهي. اهي "A" ۽ "B" درجن ۾ ورهايل آهن. وڏ ۾ وڏ پگهار اڍائي هزار رپيا آهي. هڪ سروي موجب ملڪ ۾ ريڊيو سيٽن جو تعداد ويهه لک آهي.

نيپال جي ماڻهن جو سڀ کان مقبول فنڪار نارائڻ گوپال هو. جيڪو ۱۹۹۰ع ۾ جيري جي خرابيءَ سبب فوت ٿي ويو. سندس ڪمال اهو هو ته هُو ڪلاسيڪل راڳ کان وٺي لوڪ گيت ۽ جديد انداز جا گانا ڳائيندو هو. ڪيس ريڊيو نيپال ۾ ملازمت نه ملي. پر سندس "قيمت" هڪ گيت جي رڪارڊنگ لاءِ فقط پنج سئو رپيا هئي. نارائڻ گوپال ڪانپوءِ وڏو فنڪار ڪير آهي؟ ڪو به نيپالي ڪنهن فنڪار لاءِ متفق نه ٿيندو.

اسانکي موقعو مليو ته ريڊيو نيپال جي ڊائريڪٽر جنرل کان ڪافي سوال پڇياسون. ڳيتون ڏيئي جواب ڏيندو رهيو. نيٺ چئي ڏنائين، "مهرباني ڪري ڏکيا سوال نه پڇو!" اسان سندس مجبوري محسوس ڪئي هئي. آخر هن کي به نوڪري ڪرڻي هئي. ريڊيو نيپال تان ۵۲ سيڪڙو تفريحي پروگرام نشر ٿين ٿا. باقي تعليمي ۽ ترقياتي آهن. ريڊيو نيپال روزانو ۱۵ ڪلاڪ سروس ڏئي ٿو. ڇنڇر ڏينهن ۱۷ ڪلاڪ هلي ٿو. خبرون نيپاليءَ کان سواءِ ٻن ٻين مقامي زبانن به نشر ٿين ٿيون.

ريڊيو نيپال ۾ پروگرامن جي تياريءَ جو نمونو پاڪستان کان مختلف هو. ڊائريڪٽر جنرل جي چوڻ موجب نيپال ۾ مختلف سرڪاري کاتا

پنهنجا ريڊيو پروگرام پاڻ ٺاهين ٿا. ڇاڪاڻ ته سندس دليل موجب واسطيدار کاتا پاڻ ئي بهتر سمجهي سگهن ٿا ته انهن کي ڇا پيش ڪرڻو آهي. هر کاتو پاڻ وٽ اهڙا ماڻهو اسٽاف ۾ شامل ڪري ٿو جيڪي اسڪرپٽ جي تياريءَ کان وٺي اداڪاري به ڪري ڄاڻن. ريڊيو نيپال تيار ٿيل پروگرامن کي فقط جاءِ ڏئي ٿو. هاڻي مختلف ادارن کي فني تربيت ڏيڻ لاءِ به پيا سوچين.

نيشنل پلاننگ ڪميشن ۾ اسانکي سچ پچ ته اهڙو سرشتو نظر آيو. ڪميشن وٽ پنهنجي عاليشان لئبريري هئي. ان ڪاتي آبادي رٿا بنديءَ لاءِ وڊيو تي هڪ ڊرامو تيار ڪيو هو جنهن ۾ اهي ئي ماڻهو اداڪاري ڪندا نظر پئي آيا جيڪي آفيس ۾ عام طور تي ڪلارڪ، پٽيوالا، آفيسر يا لئبريرين هئا. سندن وڊيو فلم واقعي معياري هئي ۽ ٽيليويزن تان ٽيليڪاسٽ ٿي چڪي هئي. فلم جي ڪهاڻي هڪ نوجوان گوٺاڻا اڌيڪاري ۽ ڪنهن پٽي گڏجي لکي هئي. انهن پاڻ اداڪاري به ڪئي هئي. فلم ڏسڻ دوران مان فقط اهو ئي سوچيندو رهجي ويس ته اهي آرٽسٽ وڌيڪ هئا يا رٿا بنديءَ جا ماهر؟

سرڪاري ملازمن جا اسڪيل

نيپالي سرڪاري ملازمن جي پگهار اسڪيل کي سمجهڻ سولو آهي. سڀ کان مٿيون درجو اسپيشل ڪلاس آهي. اسپيشل ڪلاس جو پگهار 6000 - 4700 رپيا آهي. ان کان پوءِ ڪلاس ون جو پگهار 4400 - 3700 رپيا آهي. ڪلاس ٽو جو 3700 - 2600 رپيا آهي، ڪلاس ٿري جو پگهار 3300 - 2050 روپيا آهي. ڪلارڪن جا پگهار 1650 - 1400 روپيا آهن. باقي پٽيوالا ۽ پنگي وغيره 1200 روپيا ڪڻن. آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ سيڪشن آفيسر ٿرڊ ڪلاس گزيٽڊ آفيسر هوندو آهي.

گندروا لوڪ

ريڊيو نيپال جي در تي هڪ جوڙو مليو. زال مڙس هئا. عورت جي ڪڇ تي ٻار ۽ مرد جي ڪلهي تي ننڍڙي سارنگي. ساز ڏسي پڪ ٿيم تہ ڪو بي روزگار لوڪ فنڪار نا اميد ٿي موٽيو پيو وڃي. پڇا تي پتو پيو تہ اهي زال مڙس گندروا لوڪ مان آهن ۽ هتي ريڊيو جا ملازم آهن. ٻئي ريڊئي مان ١٣ - ١٢ سئو رپيا پگهار کڻن ٿا. ڪُل ٢٦٠٠ رپيا. پنهنجي پگهار تي صبر شڪر ٿي ڪيائون. گندرو لوڪن جو ذڪر هندن جي قديم ترين ڌرمڪ ڪتابن ۾ موجود آهي. پر انهن کي "جادوئي طاقت رکندڙ ڳائڻن جي، آريا دشمن قوم" طور ياد ڪيو ويو آهي. ان قوم کي آسرن ۽ راڪاسن جهڙو خطرناڪ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. بهرحال، ان قديم قبيلي وٽ ساز جي موجودگيءَ جو پڙاڏو موجود آهي. هنن گهڙي ڪن سارنگي وڄائي راڳ ڇيڙيو. سندن فن ۾ سچ پچ اهڙي طاقت هئي جو ٻڌڻ وارا پاڻ ڀُلائي وهن. گندروا نوجوان جو نالو بلياڌُر هو.

ماحولياتي صحافت

نيپال جي دولت اتان جو قدرتي حسن آهي پر اها سونهن خطري ۾ آهي ڇاڪاڻ تہ ڪاٺ وڍڻ بند نہ ٿيو آهي. نيپال جي نوجوانن کي وري اهو خيال اچي جاڳيو آهي تہ ڪٽي ٻيلن جي خاتمي سبب ماحولياتي مسئلا نہ پيدا ٿي پون. ان خيال ايتري تہ شدت ورتي آهي جو نوجوان صحافين جي هڪ ٽيم ماحولياتي صحافت شروع ڪئي اهي. انهن هڪ تنظيم بہ قائم

ڪري ورتو آهي جنهن جو نالو "نيپال فورم آف اينوائرومينٽل جرنلسٽس" رکي ماڻهن کي ماحولياتي خطري کان آگاهه ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي.

جنهن ڌرتيءَ جا پٽ پنهنجي ڌرتيءَ جي بچاءَ لاءِ اٿي پون، اها مري نٿي سگهي. نيپال جي سونهن به نه مرندي. ڇو ته هي نوجوان صحافي ماڻهن کي ڏاڍي اثرائتي انداز سان تيار ڪري رهيا آهن ته هو پنهنجي ڌرتي جيءَ سونهن کي ڪيئن بچائين.

هي نوجوان هن وقت ڪُل سٺ ستر آهن. هنن هڪ مختصر سيڪريٽريٽ قائم ڪري ورتي آهي جنهن ۾ ڇهه ست ڄڻا باقاعدي ملازم آهن جيڪي لکپڙهه جو ڪم ڪن ۽ انتظام هلائين ٿا. باقي ميمبر اعزازي آهن. پر اهي پنهنجي پنهنجي ڪم جا ماهر آهن. هنن ملڪ ۾ نباتيات ۽ زراعت جي ماهرن ۽ انجنيئرن کي به پنهنجي تنظيم ۾ آندو آهي جيڪي ماهراڻا پروگرام مرتب ڪن ٿا ۽ صلاحون ڏين ٿا.

انهن صلاحن جي آڌار تي تربيت، ليڪچر ۽ ريڊيو يا ٽي وي پروگرام تيار ڪيا وڃن ٿا. هيءَ تنظيم وال نيوز پيپر تيار ڪري ورهائي ٿي. جنهن جي سرڪيوليشن ڏهه هزار آهي. تنظيم مڪمل طرح سان غير سرڪاري (N G O) آهي، جيڪا ڪنهن عالمي N G O کان نالي ماتر مدد وٺي ٿي ۽ باقي فنڊ پاڻ پيدا ڪري ٿي. اها آمدني ڪتابن جي وڪري مان ٿئي ٿي. عام ميمبر کان ١٠٠ رپيا في سال ۽ انسٽيوشنل ميمبر کان ٻه هزار رپيا سال ورتا وڃن ٿا. پر اهڙا ميمبر وٽن في الحال فقط ٦ آهن. عام ميمبر ٤٠ آهن ۽ ايسوسيئيٽ ميمبر ٢٢ آهن. هو اخبارن ذريعي فيلو شپ به گهرائين ٿا ۽ ماحوليات بابت معلومات سان ڀري ڇڏين ٿا. مان سوچيان ٿو ته جن وٽ اجا تائين هيڪاندا ٻيلا آهن اُهي ئي هيڏا پريشان آهن ته اسا سنڌواسين کي ڪيڏو پريشان ٿيڻ گهرجي جن وٽ معمولي ٻيلا آهن. ڇا اسانکي پنهنجي ماحولياتي بچاءَ لاءِ صحافت جي ضرورت نه آهي؟

ماڻهو ۽ ٻيلو

ٻيلو، انسان جو ٻهريون اڃهو ۽ اڄ به زندگيءَ جو سڀ کان اهم ساٿي آهي. ڇا ٻيلا سچ پچ اهم آهن؟ اڄ ماحوليات جا ماهر چون ٿا ته جيڪڏهن ٻيلا ختم ٿي ويا ته ڌرتيءَ تي ماحول جو توازن ڦٽي پوندو جنهن سبب ايڏيون ٻيانڪ تبديليون اينديون جو ماڻهوءَ جي بقا جي اڳڪٿي ڪرڻ مشڪل آهي.

ٻيلن جي اهميت جو سبق اڄ انسان ٻهريون ٻيرو نه پڙهيو آهي. جڏهن سيتا ديوي رشي والميڪي جي آشرم ۾ هئي ۽ پنهنجن ٻن ننڍڙن ٻچن سان جهنگ مان ڪاٺيون ڪري رهي هئي. تڏهن هن کين سبق ڏنو هو ته، "ٻارو! وڻن ۾ به ساهه آهي. اهي به اسان ماڻهن وانگر وڏا ٿين ٿا، انهن کي به اسان وانگر احساس آهي، اهي اسان جا ساٿي ۽ دوست آهن جيڪي اسان کي ميوو ڏين ٿا، ڇانو ڏين ٿا، ڪاٺ ڏين ٿا ۽ اجهو ڏين ٿا تنهنڪري ڪنهن به جيئري يا سائي وڻ کي نه وڍيو!"

ٻيلن جي اهميت جو ٻيو پهلو اسان کي فلپائين جي ٻيلن ۾ وڙهندڙ باغين جي گوريلا ويڙهه ۾ نظر اچي ٿو. ڪتاب "ٻيلو" جو ليکڪ وليم پاميرو لکي ٿو ته، "هيءُ وڻ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ نسل در نسل فلپائيني عوام سان گڏ آهن. اهي گوليون کائين ٿا، انهن تي بم ڪرن ٿا، اهي وڍجي وڃن ٿا پر وري ٻيا وڻ ڦٽن ٿا جيڪي هن گوريلا تحريڪ ۾ وڙهندڙ باغين کي پناهه ڏين ٿا."

ڀيلا سنڌ ۾ به آهن پر اهي فلپائين ۽ نيپال جي ٻيلن کان مختلف آهن. فلپائيني ۽ نيپالي ٻيلا جابلو ۽ تمام گهاٽا آهن پر سنڌ جا ٻيلا ٿورا ۽ درياهي آهن. سنڌ جي ٻيلن عوامي جدوجهد جي هيرن کي ڪڏهن لڪايو هجي نه هجي، البت ڌاڙيل خوب لڪا آهن. جابلو ٻيلا ڪيڏا به سهڻا ڇو نه هجن مونکي سنڌ جي درياهي ٻيلن ۾ وڌيڪ سونهن نظر آئي آهي، خاص ڪري اتر سنڌ ۾.

جيئن ماڻهن تي آفتون نازل ٿينديون آهن تيئن ٻيلن تي به آفتون پونديون آهن. هڪ آفت قدرتي هوندي آهي، ٻي سرڪاري هوندي آهي ۽ ٽين واپاري. قدرتي آفت ۾ جهنگ کي باهه لڳندي آهي، سرڪاري آفت ان مهل ايندي آهي جڏهن اها باغين ۽ ڌاڙيلن جي ڪڍ پئي ٻيلا وڍيندي آهي ۽ واپاري آفت تڏهن ايندي آهي جڏهن واپاري ماڻهو ٻيلا خريد ڪري يا ٺيڪا وٺي وڻ وڍي دولت ڪمائيندا آهن. اهي آهن ٻيلن جا ڏک! سنڌ جي ٻيلن کي هڪ ته اهو خطرو آهي ته هتي ڪنهن مهل سرڪار ڌاڙيلن کي ماريندي ماريندي وڻ وڍڻ جي پاليسي اختيار نه ڪري يا ڪتي ڇانوٽيون ناهڻ لاءِ ٻيلا وڍي پٽ نه ڪري! ٻيو خطرو وري خود ٻيلي کاتي جي عملدارن کان آهي جيڪي ٻيلن جي سنڀال بدران وڻ وڍائي مارڪيٽ ۾ پهچائين ٿا.

نيپال جي ٻيلن ماضيءَ ۾ به وڏا ڏک ڏٺا. هڪ ته وڻن جو اهو قتلام هو جيڪو واپارين ٻيلن ۾ ڪيو ۽ سڄي هندستان ۽ ٻين ملڪن تائين نيپالي ساڳ روانو ڪيو. جڏهن کان نيپال سرڪار وڻن جي قتلام تي پابندي وڌي آهي تڏهن کان ڪاٺ مهانگو ٿيڻ شروع ٿيو آهي. نيپال جي ٻيلن تي ٻي آفت قدرتي هئي. اهو ١٩٣٥ع جو سال هو جڏهن تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪٽمنڊو شهر ۾ برف پئي. هن برف باريءَ ڪٽمنڊو جي اوپر وارن ٻيلن ۾ وڏي تباهي آندي ۽ وڻ پاري ۾ سڙي ويا. جنهن سبب ٻيلن جي واڌ ته پري جي ڳالهه رهي ڳوناٺن جون رواجي گهرجون به پوريون نه پئي ٿيون. اها صورتحال ١٩٥٢ع تائين هيڪاري گنڀير ٿي وئي. ان ڪانپوءِ وچي ڳوناٺن اک پٽي ته ٻيلا ڪيڏا ضروري آهن.

پيلو عام انساني واهپي لاءِ ڪاٺ ڏيڻ ۾ بخل نہ ڪندو آهي، پر ان مهل صفا بي وس ٿي پوندو آهي، جڏهن ماڻهو واپاري مقصدن لاءِ وڻ وڍڻ شروع ڪندو آهي. موتمار پاري ڪانپوءِ ڪجهہ واپارين وڻ وڍڻ جا ٺيڪا گهريا هئا ۽ سرڪار لالچ ۾ اچي ڏيئي ڇڏيا. بس پوءِ تہ ان لٽ ۾ هر ڳوٺاڻو شامل ٿي ويو. تان جو ۱۹۵۲ع ۾ سيئي هٿ چندي بيهي رهيا.

ان ڪانپوءِ سرڪار هڪ رٿا جوڙي ۽ تجرباتي طور تي "نالہ ڪو ٺلو بَن" Nala ko thulo Ban پيلي کي بيهر جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي. ٦٥ هيڪٽرن تي پڌل ڪل ٽي پلاٽ ٺاهيا ويا جن تي ۷۵۰ ماڻهن جو گذر سفر ٿي سگهيو ٿي. ان پلاٽ تي پيلو قائم ڪرڻ لاءِ ۱۹۵۲ع کان ۱۹۸۸ع تائين ڪم ٿيو سو بہ سرڪاري خدمت ۽ ڳوٺاڻن تي پڌل رضاڪار پنچائت جي آڌار تي. ۱۹۸۸ع کان پوءِ اهو پيلو هاڻي ڳوٺاڻن جي حوالي آهي. پيلو سنڀالڻ جو سڄو انتظام وٽن آهي. هو هر سال هڪ پلاٽ مان ضرورتون پوريون ڪندا آهن باقي بہ پلاٽ ايندڙ سالن لاءِ رکيل آهن.

ڳوٺ نالہ ڪوٺلا بَن جون جايون

کو ايئن بہ ناهي تہ سرڪار ۽ ڳوٺاڻن وچ ۾ سڄو معاملو صاف سٿرو هليو. ۱۹۷۳ع ۾ سندن وچ ۾ ڪنهن معاملي تي تڪرا ٿي پيو. جنهن ڪانپوءِ ٻيلي جي سپنال جو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. ٻيلي کي سنڀاليندڙ عملدارن ڳوٺاڻن کي رضاڪارڻن بنيادن تي ڪم ڪرڻ تي اُتساهيو هو ۽ ڪين ڪجهہ اهڙا ماڻهو ڏنا هئا جن کي سُکي پگهار بدران ڳوٺ جي هر گهر مان مقرر وزن جو اَن ٿي مليو. اهڙي طرح ٻيلو سنڀاليندڙ عملدارن جو گذر سفر پئي ٿيو. ۱۹۷۳ع ۾ تڪرار اپرڻ ڪانپوءِ اهو سرشتو ختم ٿي ويو.

ان ڪان پوءِ ۱۹۸۹ع ۾ ٻيلي کاتي جا عملدار وري نالہ کو ٺالا بن ويا ۽ ڳوٺاڻن سان نيون ڳالهيون ڪيون ۽ ڪجهہ شرط شروط ۽ قاعدا قانون ٺاهي معاهدو ڪيو. اڄڪلهہ ان معاهدي تي ڪم ٿي رهيو آهي. ڳوٺ جي پنچائت انهن قاعدن تي عمل ڪرائي رهي آهي ۽ ان قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن لاءِ سزا بہ رکيل آهي. اڄ ڪلهہ ٻيلو گهاٽو ۽ ڇهچ سائو آهي.

مان سوچيان ٿو تہ ڇا پاڪستان ۾ قدرتي وسيلن کي ساڳين بنيادن تي ترقي نٿي وٺائي سگهجي؟ ڇا سنڌ ۾هنڌ هنڌ هڙيون قائم نٿيون ڪري سگهجن؟ ۲۵ ـ ۲۵ يا ۵۰ ـ ۵۰ هيڪٽرن تي ٻڌل ننڍا ننڍا ٻيلا هٿڻ ۽ سنڀالڻ کو ڏکيو ڪم تہ ناهي!

نيپالي ٻيلي کاتي جي عملدارن جي دعوا آهي تہ هتي ۱۹۷۸ع کان هيل تائين ست هزار هيڪٽرن تي ٻيلا پوکيا آهن جن مان ٦۴ سيڪڙو وڻ زنده سلامت آهن. وڻ هٿڻ جي مهم ۾ سرڪار عوام کي سهولتيون بہ ڏيئي رهي آهي. سرڪار نرسرين ۾ ٻج پوکي هڪ رپئي هڪ جي حساب سان سلا وڪڻي ٿي.

نيپالي جهنگن ۾ ڪم ڪندڙ

علمدارن کي ڪجهه تجربا حاصل ٿيا آهن. ڪجهه ٻين تفصيلن لاءِ چوپڙيون موجود آهن. جيڪڏهن سنڌ ۾ اهڙي قسم جو ڪو به پروجيڪٽ شروع ٿئي ته شايد اهي به نيپالين جي تجربن مان سکي سگهن ٿا. مثالن طور نيپالي عملدار ان نتيجي تي پهتا ته:

* اهميت ماڻهن کي يعني، ڪميونٽي فاريسٽريءَ کي هوندي.
* ماڻهن کي ٻيلن جي ماهرن تي ڀروسو ناهي ڇو ته اهي ماضي ۾ رشوت ۽ ٻين معاملن ۾ ملوث رهيا آهن.
* فاريسٽ مينيجمينٽ جا ننڍا پنچز ماڻهن سان گڏجي ڪري سگهن ٿا.
* ماڻهن کي وڏي پشيماني تي جمع ڪري ڪجهه به ڪري سگهجي ٿو.
* في الحال ماڻهن کي اهو سمجهائي ۽ ڪري ڏيکاري سگهجي ٿو جنهن سان کين اهو ئي فائدو ملي جيڪو حاصل ڪري رهيا آهن. پر اهڙيءَ طرح جو ٻيلا بچي وڃن.
* ٻيلي ۾ اڪثر ڪم عورت ڪري ٿي. ان ڪري عورت جو ٻيلي جي معاملن ۾ وڏو هٿ آهي.
* جهنگن جي صورتحال ان کان مختلف آهي جيڪا شهرن ۾ سمجهي وڃي ٿي. جهنگ واقعي موت ۽ زندگيءَ جي جنگ وڙهي رهيا آهن.

* آبادي وڌي پئي، جنهنڪري جهنگ تباه پيا ٿين. ماڻهو مستقل طور جبل تان لهي شهر ۾ ترائي ڏانهن وڃي رهيا آهن.
ڊپارٽمينٽ ۾ ڪميونٽي وچ ۾ اهڙو ناهه ڪيووڃي جنهن ۾ ٻيلي ۾ ماڻهن جي پلائيءَ کي نظر ۾ رکي ڪم ٿي سگهي.

معاشيات

نيپال جابلو اقتصاديات وارو ملڪ آهي پر جڏهن کان سياحت کلي آهي، پرڏيهي ناڻو اچڻ شروع ٿيو آهي. کٽمنڊو شهر جديد هوٽلن ۾ مارڪيٽن سان ڀرجڻ شروع ٿيو آهي. بيشمار ٽوئرسٽ ايجنسيون کلي پيون آهن، مقامي گهريلو هنرن کي ٽيڪ ملي پئي آهي ۽ شهرن ۾ روزگار وڌڻ لڳو آهي.

اڄڪلهه عام رواجي نيپالي مزدور کٽمنڊو ۾ سٺ ستر رپيا ڪمائي وٺي ٿو. هنر مند مزدور جي ڪمائي سئو کان سوا سئو رپيا روز آهي. جبلن سبب ملڪ ۾ آباديءَ لائق زرعي زمين فقط ۱۲ سيڪڙو آهي ۽ تعليم جي شرح ۴۰ سيڪڙو آهي يعني ڪُل ۱۸.۵ ملين ماڻهو پڙهيلن جي قطار ۾ شامل آهن.

کٽمنڊو شهر سياحت سبب ڪافي وڌيو آهي. هن وقت ان شهر جو شمار دنيا جي اهم شهرن ۾ آهي. پر فقط چاليهه سال اڳ جي ڳالهه آهي جو ڪو به پڪو رستو کٽمنڊو شهر ڏانهن نه ويندو هو. شهر ايترو ننڍو ۽ آبادي پاڻ ۾ ايتري ڳنڍيل هئي جو شهر جو هر ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي سڃاڻيندو هو. هاڻي صورتحال بالڪل بدلجي وئي آهي. کٽمنڊو چئني ڏسائن

۾ ويجهين ڀهراڙين، شهرن ۾ ترائيءَ سان ڳنڍجي چڪو آهي. نيپال جو ڏاکڻو حصو اوير کان اولهه تائين روڊن جي ڄار سان ڳنڍيل آهي.

کٽمنڊو سان روڊن رستي ڳنڍيل شهرن ۾ چندرا ڳڙهي، ايلام، بيرت نگر، رجبي راڄ، ڏاران، ڏان ڪوٽا، جنڪ پور، جل ايشور، سِره، بيرج گنج، پارَسي، لمبني، ڪپل وستو، پرت پور، پوکرا، تلسي پور، ڏن گاڏي ۽ ٻيا گهڻا شهر شامل آهن. پر انهن مان گهڻائي ترائيءَ جي شهرن جي آهي. سيتا ۽ گوتم ٻڌ جون جنم ڀومِيون به تِرائيءَ ۾ واقع آهن. شري رامچند ۽ گوتم ٻڌ جهڙا شهزادا نيپال جي ترائيءَ ۾ پيرين پنڌ ڦريا آهن پر هاڻي سياح تيز رفتار گاڏين ۾ ڦري سگهن ٿا.

نيپال مڪمل طور تي هندستان جي معاشي مڏي آهي. ان حد تائين جو نيپال ۾ هندستاني رپيو نيپالي رپئي سان گڏ قانوني طور هلي ٿو. ڪنهن ٻئي ملڪ جو سڪو هلائي نٿو سگهجي. ڊالر جو واپار به خفيه طور تي هلي ٿو يا وري بينڪون ۽ هوٽلون ڊالر کولي نيپالي سڪو ڏين ٿيون.

نيپال ۾ ٽريولرز چيڪ ڪٽي وڃڻ ڀُل آهي. ٽريولرز چيڪ مٽائڻو هجي ته ڪا به بينڪ ڊالر نه ڏيندي. ڊالر جي بدران ان جي قيمت برابر سرڪاري اگهه موجب مقامي ڪرنسي ملندي. پر جيڪڏهن سياح بچيل رقم جي عيوض ڊالر وٺڻ گهري ته موٽي ڪو نه ملندا. فرض ڪجي ته ڪو سياح سئو ڊالرن جو ٽريولرز چيڪ ڪولائي ٿو پر هن فقط ڏهن ڊالرن جيتري خريداري ڪئي. هاڻي هو نوي ڊالر واپس نٿو وٺي سگهي. سرڪاري پاليسيءَ موجب سياح کي گهٽ ۾ گهٽ ٨٥ ڊالرن جيتري رقم اتي خرچ ڪرڻي ئي پوندي. سياح مجبور ٿي بچيل نيپالي ڪرنسي ڏيئي پارتي رپيو خريد ڪن ٿا. جنهن جي مارڪيٽ ۾ وري به ڪا نه ڪا قيمت آهي.

مارڪيٽ ۾ ڪپڙي لٽي کان وٺي رڪشائن، موٽرن، ڪارن تائين ۽ ميڪ اپ جي سامان کان وٺي دوائن تائين هر شئي تي هندستان جي هڪ هٽي آهي. نيپال گهڻو ڪري هر شئي ٻاهران گهرائي ٿو. نيپال مان ڪاٺ، قالين ۽ جڙيون ٻوٽيون ٻاهر وڃن ٿيون. اڳي جانور به ايڪسپورٽ ٿيندا هئا

پر جڏهن کان آبادي ۾ واڌ ٿي آهي چانورن جي ايڪسپورٽ بہ بند ڪئي وئي آهي. ڪاڌو خوراڪ نيپال ۾ جام آهي پر سٺي ڪوالٽيءَ جي مڇي اوير ايشيا ۽ ڏکڻ اوير ايشيا جي ملڪن مان گهرائي وڃي ٿي، جيڪا وڏين هوٽلن ۾ هلي ٿي.

آدم شماري ۽ مسئلا

نيپال جي آبادي ١٩٩٠ع ۾ هڪ اندازي موجب هڪ ڪروڙ ايڪانوي لک هئي. سراسري طور تي هر نيپالي عورت ڇهہ ٻار ڄڻي ٿي، جڏهن تہ هر هزار ٻارن مان اٽڪل ڏيڍ سئو ٻار ڄمڻ سان مري وڃن ٿا. شهري آبادي ٦٠٩ سيڪڙو آهي. پاڪستان ۾ شهري آبادي ٣٢ سيڪڙو ۽ هندستان ۾ ٢٨ سيڪڙو آهي. نيپال جي ڪُل آباديءَ جو ٨٩ سيڪڙو ترائيءَ ۾ رهي ٿو ڇاڪاڻ تہ اتي زندگي سولي ۽ زرعي ميدان آهن.

نيپال ۾ پهرين ڳڻپ ١٩١١ع ۾ ٿي پر ان کي اهميت نٿي ڏني وڃي. نيپالي ماهر جڏهن بہ آباديءَ جو اڀياس ڪندا آهن تہ پهريون حوالو ١٩٥٣ - ٥٤ع واري آدمشماريءَ جو ڏيندا آهن. پر دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ هر هڪ ڳڻپ آدم واڌ جي ماهرن کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. پريشانيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ هر پيري جع ڪيل انگ اکر غلط آيا آهن.

آدم واڌ جو بہ ڪو حساب ڪتاب هوندو آهي. هتي هر نئين ڳڻپ ان حساب ڪتاب کان ٻاهر نڪري وڃي ٿي ۽ ماهر حيران ٿي اهو سوچين ٿا تہ اڳوڻي ڳڻپ غلط هئي يا هاڻوڪي غلط آهي. اصل ۾ ڳڻپ واري عمل جا بہ مکيہ مسئلا آهن. پهريون مسئلو تہ نيپال جي جاگرفيائي بيهڪ آهي.

ترائيءَ تڪرن واري علائقي (وڏ ۾ وڏ ٢ هزار ميٽرن جي اوچائيءَ وارا علائقا) ۾ جيئن تيئن ڪٽپ ٿئي ٿي، ان کان مٿين علائقن ۾ ڪٽپ لاءِ پهچڻ ممڪن ناهي، ٻيو مسئلو لڏ پلاڻ آهي.

لڏ پلاڻ جو ٻه ڪو هڪ قسم هجي ته ان کي منهن ڏجي! هتي عجيب ڏسائن ۾ لڏ پلاڻ ٿئي ٿي، جن کي تلهي ليکي هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

١. ڀارت مان نيپال ڏانهن لڏي ايندڙ ماڻهو.
٢. نيپال مان ڀارت ۾ ٻين ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ
٣. پرڏيهه مان واپس لڏي آيل
٤. جبل کان تڪر ڏانهن
٥. جبل کان ترائيءَ ڏانهن
٦. تڪر کان جبل ڏانهن
٧. تڪر کان ترائيءَ ڏانهن
٨. ترائيءَ کان تڪر ڏانهن
٩. ترائيءَ کان جبل ڏانهن
١٠. تڪر کان تڪر تي
١١. جبل کان جبل تي
١٢. ترائي مان ترائي ۾ لڏ پلاڻ

اها لڏ پلاڻ مستقل به آهي ته عارضي به. هر قسم جي لڏ پلاڻ ۾ ماڻهن جو تعداد مختلف آهي پر تلهي ليکي کٽمنڊو شهر ۽ ترائيءَ ڏانهن لڏ پلاڻ تي آهي جنهن شهري ادارن جي سيني غريباڻين ترقياتي رٿائن کي ناڪام ڪري ڇڏيو آهي.

بهرحال، انگ اکر اهو سمجهائڻ ۾ به ڪامياب ٿيا آهن ته ملڪ ۾ اندر ٿيندڙ لڏ پلاڻ پرڏيهه روانگيءَ جي ڀيٽ ۾ تمام ٿوري آهي. انگن اکرن موجب ١٩٦١ ۾ لڳ ڀڳ ١٨ لک ماڻهن ملڪي لڏ پلاڻ ڪئي. ١٩٧١ ۾

پنج لک ماڻهن ملڪي لڏ پلاڻ ڪئي. اهي انگ اکر عجيب آهن. انگ اکرن مان ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي ته نيپال جي آبادي گهٽي آهي ۽ شهري سهولتيون پهچائيندڙ ادارا اها ڳالهه تسليم نٿا ڪن.

آدمشماريءَ جي رڪارڊ موجب ١٩٥١ ۾ فقط ١٠ شهري علائقا هئا. ١٩٦١ ۾ ١٦، ١٩٧١ ۾ ١٦، ١٩٨١ ۾ ٢٣ ۽ ١٩٩١ ۾ ٣٣ شهري علائقا ٿيا. جيتوڻيڪ ١٩٦١ ۽ ١٩٧١ ۾ شهري علائقن جو تعداد ساڳيو آهي پر انهن مان به شهري علائقا ساڳيا نه هئا. ايئن ٿو لڳي ته هڪڙا شهر ڳوٺ ۾ ۽ ٻيا ڳوٺ شهرن ۾ تبديل ٿي ويا. شهري علائقن مان مراد آهي اهڙيون آباديون جن جي آبادي پنجن هزارن کان مٿي هجي. هن وقت کٽمنڊو جي آدمشماري ٤،١٤،٠٠٠ ۽ ان سان ڳنڊيل شهر لليت پور جي آبادي ١،١٧،٠٠٠ آهي. (تازي رپورٽ موجب کٽمنڊو ۽ پرپاسي جي آبادي وڌي ٩ ـ لک ٿي آهي ۽ ان ۾ هر سال پنج سيڪڙو واڌ پئي اچي).

نيپال ۽ ڀارت وچ ۾ ماڻهن جي لڏ پلاڻ سبب نيپالي دانشورن کي ڏاڍي ڳڻتي آهي. سندن چوڻ آهي ته جيڪڏهن پنج هزار نيپالي هندستان لڏي وڃن ته اهي پنهنجي قومي سڃاڻپ ئي وڃائي ويهندا پر جيڪڏهن هندستان مان پنج هزار ماڻهو نيپال لڏي اچن ته اهي نيپال لاءِ نسلي مسئلو پيدا ڪري وجهن ٿا.

تازو ڀارت ۾ رهندڙ نيپالين ڀارت ۾ هڪ مظاهرو ڪيو. انهن دعوا ڪئي ته ڀارت ۾ هن وقت هڪ ڪروڙ نيپالي رهن ٿا تنهنڪري انهن جي ٻوليءَ کي ڀارت ۾ قومي ٻولي قرار ڏنو وڃي. بهرحال، نيپالي دانشور ان دعوا کي درست نٿا سمجهن ته ڀارت ۾ هڪ ڪروڙ نيپالي رهن ٿا.

ڪنهن وقت ۾ هندستان جي وزيراعظم راجيو گانڌيءَ چيو هو ته جيڪڏهن ڀارت ـ نيپال جون سرحدون بند ڪري ڇڏجن ته نيپال ڏهن ڏينهن ۾ تباهه ٿي ويندو. هوڏانهن نيپالين جو خيال آهي ته جيڪڏهن سرحدون بند هجن ها ته نيپال وڌيڪ ترقي يافته هجي ها. سندن چوڻ آهي

تہ وڏي آبادي ۾ وڏو ملڪ هجڻ ترقيءَ جي نشاني نہ آهي. سندن اها ڳالهہ وڏي حد تائين سچي آهي تہ ڀارت ڪيڏو بہ وڏو ملڪ ڇو نہ آهي ان ڪي جپان جي ترقيءَ سان نتو ڀيٽي سگهجي ۾ جيستائين ڀارتي صنعت ڪي نيپالي مارڪيٽ ۾ پهچ آهي. نيپالي صنعت جي ترقي ممڪن ناهي. جيڪا اچا ٻانبڙا پائي رهي آهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ جيڪڏهن نيپال ۾ سياحت صنعت نہ ٻڃي ها تہ نيپال پرڏيهي ناڻي جو توازن برقرار رکي نہ سگهي ها. هن وقت نيپال ١٦٠ ڪروڙن جو پرڏيهي ناڻو ڪمائي ٿو.

نيپال وٽ پرڏيهي ناڻي جي ڪمائيءَ جو ٻيو مکيہ ذريعو افرادي قوت آهي جيڪا ٽوڪيو، سان فرانسسڪو، عراق، لبنان، ڪويت، ڀارت، بئنڪاڪ ۾ اهڙن ٻين شهرن ۾ ملڪن ۾ پورهيو ڪري رهي آهي.

نيپال، بهرحال ترقيءَ جي راهہ تي آهي، ڪو بہ سياح واٽ ويندي ڏسي سگهي ٿو تہ نہ رڳو پراڻين جاين جي نئين سر اڏاوت تي رهي آهي پر نوان علائقا بہ سڌرن پيا. ترقيءَ ۾ وڏي رنڊڪ جاگرافيائي حالتون آهن. هتان جون سيٺي نديون پوراليون آهن، انهن جي وهڪري تي ڪڏهن بہ اعتماد ڪري نٿو سگهجي، ڪڏهن پرجي وڃن ٿيون، ڪڏهن پاڻي گهٽ اٿن تہ ڪڏهن ٻوڙان ٻوڙ ڪيو ڇڏين. اهڙي ٻوڙان ٻوڙ جو بند، ٻراجون ۾ پليون ٻڌڻ کان پوءِ اها ضمانت نٿي ڏيئي سگهجي تہ اهي ڪيترو وقت جٽاءُ ڪنديون. هيل تائين جن جن علائقن ۾ ڪاميابيءَ سان روڊ، رستا ۾ پليون ٺاهيون ويون آهن، اتي ترقيءَ جا منظر ڏسي سگهجن ٿا. پر انهن روڊن جي سنڀال بہ ڪو معمولي ڪم ناهي. برساتون روڊن ۾ گهارا وجهيو ڪين بيڪار ڪريو ڇڏين.

ماٿهو روڊن ۾ رستن جي اڏاوت جو مطالبو ڪندا آهن پر اقتصاديات جا ماهر مطالبو ڪن ٿا تہ آباد واڌ کي روڪيو جيڪا دنيا ۾ معاشي توازن ڦٽائڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ذميوار آهي. سندن چوڻ آهي تہ جيڪڏهن آبادي واڌ کي نہ روڪيو ويو تہ سموريون ترقياتي رٿائون بيڪار ثابت ٿينديون. پر

چاڪاڻ تہ عام ماڻهو اقتصاديات جا ماهر نہ هوندا آهن. تنهنڪري خود ماهرن جون تجويزون بيڪار ثابت ٿيون آهن.

آباديءَ ۾ واڌ تہ مسئلو آهي ئي، پر آبادي گهٽجڻ بہ هڪ مسئلو آهي. هن وقت جرمني، فرانس ۽ اسڪينڊينيويا جا ملڪ شرح گهٽجڻ سبب سوچ ۾ آهن. يونان ۾ آبادي گهٽ هئڻ ڪري ترقيءَ جي رفتار سٺي ناهي. يونانين کي ترقيءَ لاءِ ٻاهرين ملڪن جي ٽيڪنيڪل ماڻهن جي گهرج آهي. بهرحال آبادي واڌ جي شرح گهٽائڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺل ادارا چين کي ڇڏي باقي ايشيا ۾ بالڪل ناڪام ٿي ويا آهن جيتوڻيڪ اتان جون سموريون حڪومتون ۽ مذهبي ادارا ان رٿ جي ڪليل مخالفت نٿا ڪن.

عالمي ادارن کي ڌڪ هو تہ مسلمان ملڪ آبادي روڪ رٿا جي مخالفت ڪندا ۽ ڪين مولوي صاحبن جي سخت تنقيد سبب وڏي رنڊڪ ٿيندي پر ان جي ابتڙ مخالفت جو زور ڪيٿولڪ چرچ وارن طرفان ٿيو. چين ۾ آباديءَ جي شرح گهٽجڻ جو سبب سخت سزائون آهن، پر انهن سخت سزائن ڪتي ڏاڍا سنگين ڏوهہ ڪرايا آهن. ڪنهن خاص جنس جي اولاد جي خواهش ۽ ٻارن جي محدود تعداد واري قانون سبب مائٽن هٿان ڪي ٻار خون بہ ٿيا آهن. اولاد جي خواهش کي قانون سان روڪڻ بي رحمي سمجهي وڃي ٿي تنهن ڪري عالمي ادارا ڪوشش پيا ڪن تہ تعليم وڌائي وڃي ۽ ڇوڪرين کي پڙهائيءَ ۽ پيداواري ڪمن مصروف ڪرائي ڇڏجي تہ جيئن اهي وانديون نہ رهن. واندين جون شاديون ٿي وينديون ۽ ٻار ڄڻڻ شروع ڪري ڇڏينديون.

ماٿهو

نيپال جا ماٿهو ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا هند چيني ۽ منگولي مهانڊن وارا آهن. جيڪي خاص نيپالي نقش چٽي سگهجن ٿا. انهن جا نڪ، مِنا، اکين جون ڪنڊون اڀريل ۽ قد ننڍا آهن. ڪي ڪي ماٿهو شينهن وانگر وڏا پهلوان آهن. ٻيو قسم اهو آهي جنهن جا نقش سهڻا آهن. انهن جا نقش تکا ۽ ڪڙا آهن. انهن جو قد پورو پنو آهي. ٻهرين نسل جي ماٿهن جا نڪ منا ضرور آهن پر چينين جهڙا بہ ناهن. ڪجهہ نہ ڪجهہ "نڪ" اٿن. ٻنهي قسمن ۾ ڪي گورا آهن تہ وري ڪي سانورا.

گورکن جو ديس - پوکرا

انگريزن جي دور ۾ شاهي لشڪر ۾ سڀ کان گهڻا سپاهي گورکا ڀرتي ٿيا. انهن سپاهين انگريزن سان وفاداريءَ يا پنهنجي پيشي سان وفاداريءَ ۾ ڪمال ڪري ڇڏيو هو. اڄ ڪلهه گورکا سپاهين جو نالو سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. گورکا نه ته ڪا ذات آهي ۽ نه وري ڪو فرقو. گورکن ۾ سڀ کان وڌيڪ گرونگ، ماگر، راءِ ۽ لمبو قبيلن جا ماڻهن شامل آهن. اهي ماڻهو پوکرا جي ننڍين وڏين جابلو ماٿرين ۾ رهن ٿا. قد بت ۾ هرويرو ٺداور يا ڀوائتا ڪونهن، عام نيپالي نيوار قبيلن وانگر قد جا پورا پنا، نبل پر سخت جان آهن. نيٺ به جابلو ماڻهو آهن! سندن ڏوهه فقط اهو آهي ته هنن سخت غربت کان مجبور ٿي انگريزن جي فوج ۾ شموليت اختيار ڪئي. غربت سبب وفاداري ڪئي ۽ نيٺ هڪ فوجي نسل طور سڃاتا ويا.

پوکرا چمڪندڙ ڍنڍن ۽ گجندڙ ندين جو ديس آهي. مڇيءَ جي شڪارين ۽ جبل چڙهڻ جي شوقينن لاءِ هيءُ موهيندڙ پاسو آهي. پوکرا نيپال جي مرڪز ۾ آهي. جيتوڻيڪ زرعي اقتصاديات سان گهيريل آهي، تڏهن به معاشي توڙي صنعتي طور ملڪ جو اهم ڀاڱو آهي. اولهه وارن اوچن جبلن جون برف پوش چوٽيون پنهنجو عڪس ڍنڍن ۾ ڇڏين ٿيون. ڍنڍن ۾ موجود پاڻي انهن ئي برفاني چوٽين تان لهي ٿو . انهن ئي چوٽين مان هڪ

چوٽيءَ جو نالو "مَچا پُڇڙاء" (مڇيءَ جو پڇ) آهي. جيڪا سچ پچ پنهنجي نالي جهڙي آهي.

جيئن سنڌ ۾ پَٽَ ٽِين تيئن پوکرا ـ نيپال ۾ هڪ ذات آهي، "گائني". يعني "ڳائڻا". اسان وٽ ڳائڻي جي معنيٰ آهي ڪو به ڳائڻو جيڪو سرتال کي سمجهي ڳائي سگهي. پر نيپالي ڳائڻي جي معنيٰ آهي، "پَٽُ". گائني لوڪ پاڻ سان سارنگي کڻي ماتريءَ ۾ توڙي سڄي ملڪ ۾ پنهنجا گيت ڳائيندا وتن ٿا. ڳائڻو ساڳئي وقت ۾ موسيقار ۽ تاريخ دان به آهي جيڪو بهادرن جا قصا، رومانوي داستان ۽ قربانين جون اهي ڪٿائون ٻڌائي ٿو جيڪي فقط ڪيس ئي ياد آهن. پوکرا واديءَ ۾ براهمڻ، ڪتري ۽ نيوار ذاتيون رهن ٿيون. ان ڪري ماتريءَ ۾ ٽنهي ذاتين جو ميلاپ محسوس ڪري سگهبو.

کٽمنڊو جي پراڻن طاقتور راجائن لچاوي ۽ مَلَ ڪٽنبن جون حڪومتون هتي ڪجهه وقت قائم رهيون پر پوءِ پنهنجن ئي ڪن سببن سبب زوال کي پهتيون، تڏهن پوکرا ماتري ۽ پرپاسو ننڍڙين ننڍڙين حڪومتن ۾ ورهائجي ويو. جن جا پاڻ ۾ ٽڪراءَ ٿيندا ٿي رهيا. انهن حڪومتن کي "چوبيسي راجيا" (چوويهه حڪومتون) سڏيو ٿي ويون. انهن مان هڪ ڪلمندن شاهه پنهنجي حڪوت قائم ڪئي. سندس پونير دربيا شاهه گورکا جو بنياد وجهندڙ هو. بادشاهه پرٿوي نارائڻ شاهه پنهنجي حڪومت جون حدون اوڀر ۽ اولهه طرف وڌايون ۽ هاڻوڪي نيپال صورت اختيار ڪئي. هن بادشاهت جي دلچسپ ڳالهه اها آهي، ته بادشاهن پنهنجي لاءِ "شاهه" جو لقب چونڊيو آهي جيڪو مسلمان بادشاه استعمال ڪندا آهن. مل راجائن جو دور ۱۲۰۰ع کان ۱۷٦۸ع آهي.

نيوار لوک

نيوار، نيپال جا قديم ماڻهو آهن. سندن شمار ملڪ جي سڀ کان مهذب لساني گروهه ۾ ٿئي ٿو. سندن پنهنجي تهذيب، ٻوليءَ لکت جو انداز آهي. جيتوڻيڪ ڪين پنهنجي جدا لپي آهي پر تنهن هوندي به ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ڄاڻن. سندن ٻوليءَ کي نيپالي ڀاشا يا نيواري ڀاشا سڏيو وڃي ٿو، يعني نيپالي يا نيوار ٻولي. نيواري نيپال جي سڀ کان شاهوڪار ٻولي آهي. اهو ئي سبب آهي جو باوجود ان کي دٻائڻ جي ڪوشش جي، اها ٻولي ختم نه ٿي آهي.

نيواري ٻوليءَ تي هڪ اهڙو وقت به آيو جو ان ۾ ڪتاب ته ٺهيو هڪ پمفليٽ به ڇاپڻ ممڪن نه هو. هاڻي قديم نيواري لکتون سرڪار جي آرڪائيوز کاتي نيپال راشتريه ايپليڪيالا ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن.

نيواري سڄي نيپال ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. سندن پيشو پورهيو ۽ واپار آهي. پر انهن جي اڪثريت ڪٺمنڊو واديءَ ۾ ڏسڻ ۾ ايندي. سندن مزاج ۾ وفاداري، ذڪن ۾ پائيواريءَ خلوص شامل آهي. مهاندن جي لحاظ کان منگولي چهرا وڏيڪ ڏسڻ ۾ ايندا پر هندي آريائي مهاندا به آهن.

نيوار لوڪ جي اڪثريت هارين نارين ۽ ننڍڙن واپارين تي ٻڌل آهي. ڪنيارڪي ۽ واڍڪي ڪم ۾ به پڙ آهن. فوج ۾ سندن ڀرتي نالي ماتر ئي

تي سگهي ٿي، ان جو سبب به ساڳيو سنڌين جهڙو آهي. يا ته انهن کي فوج ۾ وڃڻ جو خيال ئي ناهي يا وري کين فوج ۾ کنيو ئي نٿو وڃي. البت ملڪ جا بهترين رازا، واڍا، رنگ ساز، بت تراش، سونارا، لوهار، فنڪار هنرمند ۽ عام پورهيت اهي ئي آهي.

ماني نڪي به ساڳي سنڌ ۽ هند جي ماڻهن جهڙي کائين پر سنڌن من پسند خوراڪ دال پت آهي، پاڇيون جام کائين،چٽني ۽ گوشت به عام واپرائين. لباس نرالو اٿن، پاجامي تي لنبو ڪڙتو پهرين، اُن مٿان واسڪوٽي ۽ مٿي تي نيپالي ٽوپي. عورتون ساڙهي پائين، ڇوڪريون ۽ پرٽيل عورتون شيشي جون چوڙيون پانهن ۾ وجهن. جن کي پهچ آهي سي سونا زيور به پائين. بيواهون پري ڪان پڌريون آهن ،انهن جون ٻانهون ٻسيون رهجيو وڃن ۽ نڪي وار ٻڌڻ لاءِ ڳاڙهي رٻن استعمال ڪن.

نيوارين جا گهر ڳاڙهين سرن جا ٺهيل هوندا آهن. جايون ٻه ٻه ٽي ٽي ماڙ تين. سنڌن گهر ۾ ڪاٺ جي اڪر به ضرور هوندي. هو ڀاڻ کي چڱيءَ طرح وندرائڻ ۽ مشغول رکڻ به ڄاڻين. جيڏيءَ مهل ڪر تان لهن گيت ۽ ٻچن ڳائين پر هاڻي اهو سلسلو گهٽجي ويو آهي، ماڻهو فلمون، موسيقي جا پروگرام ۽ رانديون ڏسڻ کي اوليت ڏين ٿا.

نيوارين جي گهريلو زندگي گڏيل ڪٽنب واري آهي پر هاڻي ان سرشتي ۾ به ڏار پيا پون. جيئن ئي ڪمائيءَ جي مسئلي تي اختلاف ٿيا گهر ٻڌا ٿيو وڃن. سنڌن زندگيءَ جو ڍنگ ئي جدا آهي. مرٽي، پرٽي ۽ ٻار ڄمڻ جون ريتون رسمون به جدا آهن.

مائٽي ڇوڪر جا مائٽ ڇڪيندا آهن. مائٽي لاءِ هڪ عورت جون خدمتون حاصل ڪيون ويندون آهن هن عورت کي "لامي" چون. اها عورت مختلف گهرن ۾ شاديءَ لائق ڇوڪري ڳولي ڇوڪريءَ جي تصوير، جنم چوپڙي ۽ ٻيو حال احوال وٺي گهوٽيتين وٽ وڃي ڪندي آهي. ساڳيءَ طرح

گهوٽ جي تصوير بہ ڪٽي وچي ڇوڪريءَ وارن کي ڏيکاريندي. هيءُ طريقو هاڻي فيشن ٿي ويو آهي. جيڪڏهن ڇوڪري ۽ ڇوڪرو هڪٻئي جا فوٽو ڏسي راضي ٿين تہ ڪين روبرو ڏسڻ جو موقعو بہ ڏنو وڃي ٿو. اها جاءِ يا مندر هوندي يا وري سئنما. ڳالهيون، تفصيل ۽ معاملا لامي طئہ ڪندي آهي. جوتشين کان ڏارو هٿائي پڇيو ويندو آهي تہ شادي ڪامياب رهندي يا نہ؟ ڪين پُٽ ٿيندو يا نہ؟ جيڪڏن جواب "ها" ۾ مليا تہ معاملو شادي ڏانهن وک وڌائيندو ۽ مڱڻي کان شاديءَ تائين جون بي شمار ننڍيون ننڍيون رسمون شروع ٿينديون.

نيوار لوڪن ۾ هڪ رسم ٻين کان مختلف آهي. شاديءَ واري ڏينهن گهوٽ پنهنجي گهر ۾ رهندو آهي. ڪنوار جي گهر ۾ سندس ڪو بہ ڪم ناهي. شاديءَ جون رسمون ڪنوار بدران گهوٽ جي گهر ۾ ٿينديون آهن. نيوار ڪنوار پاڻ سان ڏاج ۾ ست ڪتڻ جو چرخو، آڏاڻو، بسترو، وهاڻو، چادر، رڌ پچاءَ جا ٿانءَ ٿپا ۽ اهڙا ٻيا نيڙ ڪٽي ويندي هئي پر هاڻي زمانو بدلجي ويو آهي. اڄڪلهہ آڏاڻن بدران سينگار ميز، صوفا سيٽ ۽ ٻيون نازڪ نفيس شيون کٽيو اچن.

گهوٽ جي گهر ڏانهن روانگيءَ وقت ڪنوار کي ڪنهن بہ مندر خاص ڪري گڻيش ڀڳوان جي مندر آڏو آڻي ويهاريندا ۽ پہ پنڊت ڪنوارتين ۽ گهوٽيتين پاران اچي ڳالهائڻ شروع ڪندا. ڪنواريتن جو پنڊت چوندو،

"اسانجي نينگر ڏاڍي نازڪ آهي، بالڪل گلن وانگر، سندس پالنا ڏاڍي ڏيان سان ڪئي وئي آهي. هوءَ دنيا جي روش کان واقف ناهي. ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ ڀُل مان غلطيون ڪري وجهي. جيتوڻيڪ هوءَ پورائي ۽ معصوميت سبب غلطيون ڪري سگهي ٿي، مهرباني ڪري سائس نرمي ۽ معافيءَ جو ورتاءُ ڪجو ڇو تہ هاڻي هوءَ توهانجي آهي."

جواب ۾ گهوٽيتن جو پنڊت چوندو، "هاڻي هيءُ اسان جي ڌيءُ

آهي. بالڪل ايئن جيئن توهانجي آهي. سندس سنّو خيال ڪيو ويندو. هن جي پلائي ۾ خوشيءَ لاءِ توهان کي ڪا بہ ڳڻتي ڪرڻ نہ گهرجي." پول پولڻ ڪانپوءِ ڪنوار ڏوليءَ ۾ وهندي آهي ۽ سڌو گهوٽ جي گهر رواني ٿيندي آهي.

گهوٽ جي گهر ۾ گهڙڻ مهل خاص رسمون ٿينديون آهن. هن موقعي تي ڪاميابيءَ جي ديوتا گڻيش ۽ ڪمار، وشنو، برهما، شو ۽ پنچا ٻڌا جي پوڄا ٿيندي آهي. چائنٽ وٽ ديوتائن جون مورتيون يا تصويرون اڳ ئي آڻي رکيون وينديون آهن. دروازي جي ٻنهي پاسن تي "توا ديو" جي جوڙي رکي ويندي آهي. توا ديوا هڪ قسم جون ڏياٽيون آهن جن کي سٺي آتما جي علامت سمجهيو ويندو آهي.

جيئن ئي ڪنوار انهن رسمن مان ٿيي اڳتي ايندي، گهوٽ ماءُ اڳتي وڌي ڪيس پيار ڪندي ۽ گهر جي نجوڙيءَ جون چابيون ڏيئي ڪيس اندر وٺي ويندي ۽ اندر گهڙڻ کان پوءِ کي خاص ٻج هيڏانهن هوڏانهن اڇلائي ساڙيندي تہ جيڪڏهن ڪنوار سان گڏ ڪو بدروح هلي آيو هجي تہ اهو پڄي وڃي.

گهوٽ ماءُ ڪنوار کي آشيرواد ڏيڻ لاءِ اناج ماپڻ جي هڪ ٿانءَ ۾ آلدل گل ۽ ميون جا ٽڪرا ئي پيرا متس چٽيندي آهي ۽ پوءِ سندس نراڙ تي تلڪ هنيو ويندو آهي. ان کان پوءِ ڪنوار کي گهوٽ سان وهاري پيون رسمون شروع ڪرايون وڃن ٿيون.

ڪنوار گهوٽ کي ور مالها پارائيندي، پيرن تي هٿ رکندي ۽ خشڪ ميوي جا ڏهہ داڻا ڏيندي. اهي وفاداريءَ جون علامتون آهن. لڳ ڀڳ ساڳي طرح هوءَ پنهنجي سس ۽ سهري سان بہ وفا جو اظهار ڪندي آهي. اهڙيءَ ريت نيٺ ياتي گهر ياتين سان سندس تعارف ٿيندو. ان کان پوءِ بہ رسمن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي، تان جو رڃي ميچ لهندو.

چوٿين ڏينهن ڪنوار جا مائٽ سوڪڙين پاڪڙين سان گڏ ڪنوار جو منهن ڏسڻ ايندا، پوءِ پاڪ رسمن کان پوءِ ڪيس گهوٽ سميت وٺي ويندا، جتي گهوٽ پنهنجيون ذميواريون پوريون ڪندو. اهي ريتون ۽ رواج به هاڻي گهٽبا پيا وڃن. اڄڪلهه نيواري گهوٽ شاديءَ واري ڏينهن ئي ڪنوار جي گهر وڃن ٿا جتي سويمبر جي رسم ادا ٿئي ٿي. نيواري لوڪ اهي شاديون گهڻو ڪري ويساک (اپريل مئي) کان وٺي ڦوڳڻ (فيبروريءَ) جي مهينن ۾ ڪن، سواءِ آگسٽ، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي.

جيتوڻيڪ نيوار لوڪ هندو ۽ ٻڌ ڌرمن ۾ ورهايل آهن تڏهن به ٻنهي جي ريتن رسمن ۾ وڏي هڪجهڙائي آهي. اها هڪجهڙائي ڄمڻ کان مرڻ تائين هر هڪ موقعي تي آهي. ٻڌ مت ۾ ذات پات جو فرق نه آهي پر هندو لوڪن سان ويجهڙائپ سبب نيواري ٻڌن ۾ به ذات پات ٿي وئي آهي ۽

نيپالي مزدور پارٽي قلم جو پوسٽر
ڏسي رهيو آهي

انهن ۾ ذاتين جا طبقا ناهي ڇڏيا آهن. پڻ ۾ مٿيون طبقو بجرا چريا آهن، ان کان پوءِ شاکيا آهن. انهن کان پوءِ ۾ ست اٺ طبقا ٿي ويا آهن، جن کي ڪمن ۽ ڪرتن جي بنياد تي سڃاتو ويندو هو. مثال طور اومرايا گهٽو ڪري واپاري آهي، مننڌرا تيل پيڙيندڙ يعني تيلي آهي. چترڪار طبقو تصويرون ناهيندڙن جو آهي، پر هاڻي هر ڪو پنهنجي منهن آهي. ڪو به ماڻهو ڪو به پيشو اختيار ڪري سگهي ٿو، سواءِ مذهبي پيشوائيءَ جي.

نيپال جون جابلو نديون

نيپال ۾ اٽڪل ٦٠٠ جابلو نديون آهن، جن ۾ سڄو سال پاڻيءَ جو چڱو وهڪرو آهي. انهن سڀني ندين جو پاڻي هندوستان جي سرحدن ۾ داخل ٿي گنگا سان ملي ويندو آهي. گنگا جي سدا بهار جوڀن جو هڪ وڏو سبب اهو به آهي. جابلو نديون هئڻ ڪري انهن جو وهڪرو ڪافي تيز آهي. تنهنڪري انهن تي بند ٻڌي بجلي حاصل ڪري سگهجي ٿي پر نيپال حڪومت في الحال فقط ٢ ع سيڪڙو بجلي حاصل ڪري سگهي آهي. حڪومت واقعي غريب آهي پر نيپالي ماڻهن جو خيال آهي ته حڪومت ڄاڻي واڻي سستي ۽ لاپرواهيءَ جو مظاهرو ڪري رهي آهي.

هتي هونئن ته هر نديءَ کي تقدس حاصل آهي. پر ڪجهه ندين کي واقعي وڏو تقدس آهي ۽ اهي پنهنجي وجود ۾ به وڏيون آهن. ياگمتي ندي ته ويچاري ٻنهه معمولي ندي آهي. ڪرنالي، ڪوشي Koshi، گنڊڪي Gandaki، مهاڪالي ۽ ڪجهه ٻيون نديون ڏاڍيون اهم آهن. انهن مان وري ڪوشي، گنڊڪي ۽ نارائڻيءَ کي سڀ کان گهڻي مڃتا آهي. ان کانسواءِ هر اها جاءِ به مقدس آهي جتي ٻه نديون اچي پاڻ ملن ٿيون.

سنڌو نديءَ نيپال جي جابلو ندين جي صفتن ۾ هڪ ڳالهه بنهه ابتڙ آهي. اهو صحيح آهي ته ٻنهي ملڪن جي ندين ۾ لَٽ جو مقدار تمام گهٽ آهي پر نيپالي نديون پنهنجين لاهين ۾ تک سبب جبلن کي کوري پنهنجا لنگهه ايجا گهرا کنديون رهن ٿيون. سنڌ ۾ وهڪرو آهستي هئڻ ڪري لٽ گڏ ٿئي ٿي جنهن ڪري واهن ۽ درياهن جي ڪانٽيءَ جا مطالبا ٿين ٿا.

هڪ عالمي رپورٽ موجب نيپال ۾ هائڊرو اليڪٽرڪ سٽي تيار ڪرڻ جي سٺي ڪان وڏيڪ گنجائش هوندي به بجليءَ جو بحران آهي. سبب ملڪ جي غربت ۽ فنڊن جي اڻهوند آهي. فقط بجلي جي اپت وڌي ته ملڪ خوشحال ٿي وڃي. ماڻهن مجبور ٿي سج جي روشنيءَ مان توانائي جا پلانٽ هنيا آهن. پر اهو ڪيترو ممڪن آهي؟

هماليه

هندو ڏند ڪٿائن ۾ هماليه فقط جبل ناهي. ان جي هڪ شخصيت به آهي. سندس زال جو نالو مينايا مينڪا آهي. سندس به ڌيئون اما ۽ گنگا آهن. اما ديوي شِو جي زال آهي. هيءَ اها ئي اما آهي جيڪا شو ۽ دڪشا پرجاپتيءَ جي لڙائي ۽ کان پوءِ ياڳا ياڳا ٿي وئي هئي ۽ جنهن جي جسم جا باونجاهه ٽڪر سڄي ڀارت ۾ هنڌ هنڌ ڪريا هئا. جتي جتي به سندس جسم جو ڪو ٽڪرو ڪريو آهي اتي "شڪتي پوڄا" ٿئي ٿي. اما جو هڪ

نالو پاربتي بہ آهي يعني پربت يا جبل جي ڌيءُ.

جاگرافيائي لحاظ کان هماليہ پربت ڌرتيءَ جو سڀ کان اتانهون جبل آهي. جنهن جي ڊيگهہ اٽڪل ٢۴٠٠ ڪلوميٽر آهي. هماليہ سنڌونديءَ جي عظيم موڙ جي اولهہ ۾ پامير وٽان شروع ٿي اوڀر ۾ برهمپترا جي عظيم موڙ تائين پهچي ٿو. ويڪر جي لحاظ کان سندس وڌ ۾ وڌ پکيڙ اتر اولهہ قراقرم ۽ هندو ڪش وٽ اٽڪل ٣٠٠ ڪلوميٽر آهي. اوچائين جي لحاظ کان سندس سوين برفاٽيون چوٽيون يورپ، آفريڪا توڙي آمريڪي کنڊ جي جابلو چوٽين کان مٿي آهن. حدن جي لحاظ کان هماليہ هندستان، نيپال، پاڪستان، ڀوٽان، برما، چين ۽ اڳوڻي روس جي سرحدن ۾ آهي.

هماليہ جي سلسلي مان نڪرندڙ بي شمار نديون وڏيون نديون سڄي اپکنڊ جي ڪجھ حصي کي نہ رڳو زرخيز ڪن ٿيون پر اوچا جبل بادلن ۽ هوائن کي روڪي، انهن جو رخ بدلائي موسم بدلائين ٿا، ٻوڏون ۽ طوفان آڻين ٿا.... ۽ انهن موسمي ۽ جاگرافيائي حالتن ۾ انسان ۽ حيواني زندگي پلجي ٿي. هونئن اها حقيقت آهي تہ گهڻو جيالاجيڪل عرصو نہ لنگهيو آهي جو هماليہ سمنڊ هيٺ هو. ان جو ثبوت هماليہ جي اوچائين تان ليجندڙ سامونڊي مخلوق جا پنڊ پهڻ آهن، ڌرتي وديا ڄاڻن جو چوڻ آهي تہ زمين مان اندروني دٻاءَ سبب هماليہ جبل سمنڊ مان ڪَرَ ڪڍي ايريو ۽ سمنڊ پوئتي هٽي ويو آهي. هماليہ سنسڪرت جي ٻن لفظن جو مرڪز سمجهيو وڃي ٿو هِما معنيٰ برف ۽ اليہ معنيٰ گهر يا جاءِ.

ڇاڪاڻ تہ برفاٽيون چوٽيون سهڻيون، اسرارن سان ڀريل ۽ ميدانن کان گهڻو مٿي آهن تنهنڪري هماليہ جبل کي بهشت ڏانهن وٺي ويندڙ واٽ بہ سمجهيو وڃي ٿو. ايئن ٿو لڳي تہ هندو ديو مالا ۾ جنهن کير ساگر جو تصور آهي سو اهو ئي برفاٽين چوٽين وارو علائقو آهي جتي عام انسان جو پهچڻ ٻي حد ڏکيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو لڳ ڀڳ هر اوچي چوٽيءَ کي يا تہ ڪنهن نہ ڪنهن ديوتا جو نالو ڏنو ويو آهي يا ايئن سمجهيو ٿو وڃي

تہ اتي ڪو نہ ڪو ديوتا رهندو آهي يا وري ڪو نہ ڪو ديوتا اتي ڪجھہ وقت ترسيو آهي. مثال طور ڪجھہ چوٽين جا نالا ڏسي سگھجن ٿا.

ڪئلاش پربت مهاديو شو جو استان آهي، راڪا پوشي معنيٰ "ازدها جو پيچ" واضح رهي تہ اتر ۽ اوپر ايشيا وارن ملڪن ۾ ازدها (Dragon) کي وڏي ڌارمڪ حيثيت آهي.

نيپال هماليہ جي اوچي چوٽي ايورسٽ جو ملڪ آهي، جنهن جي اوچائي ٢٩،٠٢٨ فٽ آهي. دنيا ۾ ٻيو نمبر اوچي چوٽيءَ "ڪي ٽو" ٢٨٢٥٠ فٽ آهي، ٽيون نمبر چوٽي ڪنچنچنگا جي اوچائي ٢٨١۴٦ فٽ آهي. بهرحال نيپال جو نالو ڪڻ سان اوچن جبلن واري ملڪ جو تصور ايري ٿو، جنهن جي پکيڙ ٢۴٢٦٠ چورس ميل آهي. نيپال جون مکيہ چوٽيون ايورسٽ، ماڪالو، لهوتسي، چو آيو، آنا پُرنا ۽ ڌولا گِري آهن.

هوٽل هماليہ

دولي خيل کان واپسيءَ مهل هڪ سهٽي هل اسٽيشن تي ٺهيل هوٽل هماليہ ۾ پيٽ پوڄا جو انتظام هو. نيپال ۾ ڪاڏي ۾ ڳئونءَ جو گوشت ڪونہ هلي. ڳئو ماتا جو گوشت کائڻ آدمخوريءَ کان بہ وڏو پاپ سمجھيو وڃي ٿو. هتي ڳئون کهڻ انسان کي خون ڪرڻ کان بہ وڏو ڏوهہ آهي هيءَ سڌو سنئون عقيدي جو مسئلو آهي. تنهنڪري تفصيل ۾ وڃڻ بيڪار آهي. جنهن کي وڏو گوشت کائڻ جو شوق هجي، وڃي مينهن کهي! ڪنهن کي بہ اعتراض ناهي.

هتي شودر مينهن جو گوشت کائين ٿا. وئش بہ کائين ٿا. نيپال ۾ مسلمان توڙي عيسائي ٻئي ڌريون ڳائو گوشت ڪو نہ کن. ٻڌ مت وارا بہ

گوشت کائن ٿا. انهن جو پسنديده گوشت ٻڪر، ڪڪڙ، مينهن ۽ سوئر آهي. هندو جاتين مان شودر ۽ ونش اهي سڀ گوشت کائين. فقط برهمڻ ۽ کتري ڪو نہ کائين، انهن جو گذارو ڀاڄين، ميون ۽ اناج تي آهي.

سنڌي ماڻهو بہ الائي ڇا ڇا کايو وڃن... ٻيھ، ڪُم، پيڻ، لوڙھ ۽ الائي ڇا ڇا! پر نيپالي بہ هٿ اڳتي نڪتا. هماليہ هوٽل ۾ بانس جي پاڙن جو سوپ تيار ڪيو ويو هو. هيءُ نئون تجربو چڱو رهيو پر اهو احساس ڪافي دير تائين رهيو تہ ڪاٺيءَ جو سوپ پيتو ويو.

هماليہ هوٽل ساڍا چار پنج هزار فٽن جي بلنديءَ تي آهي. سامهون گوري شنڪر جبل جون چوٽيون ڏسجن ٿيون، منڊ صاف هجي تہ ايورسٽ چوٽي بہ ڏسي سگهجي ٿي.

ايورسٽ جي چوٽي

ايورسٽ جي چوٽي ڏسڻ لاءِ کٽمنڊو کان اوڀر ۾ ٢ ڪلاڪ ڳاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻو پوندو. پر اها قسمت جي ڳالھہ آهي. جيڪڏهن آسمان صاف هوندو ۽ ڪڪرن رنڊڪ نہ وڌي تہ هماليہ جي سڀ کان اوچي چوٽي ڏسي سگهجي ٿي.

ايورسٽ جو مقامي نالو "ساگر ماٿا" آهي. ايورسٽ سچ پچ ساگر ماٿا آهي جو تہ اهو جبل ڌرتيءَ تان ڪر ڪڍي آڪاس جي وسعتن ۾ بادلن کان بہ مٿي ڪنڌ ڪڍي بيهي رهيو آهي. ايئن لڳي ٿو تہ ڄڻ ڌرتيءَ تي ڦرندڙ فسادن ۽ ظلم جي گهٽ برداشت ڪرڻ سندس وس کان ٻاهر آهي تنهنڪري ڪڪرن کان مٿي نڪري مٿي اڃا مٿي آڪاس ۾ نهاري رهيو آهي

جبلن جو سردار "ساگر ماتا" (ايورسٽ)

۽ هر قسم جي آلودگيءَ کان پاڪ ۽ صحت مند ساهه کڻي رهيو آهي.

مون ورڪشاپ جي آرگنائيزرن کي خاص گذارش ڪئي ته هن موقعي تي اسان فائدو وٺي ساگر ماٿا ۽ گوتم ٻڌ جي جنم پوڙ لمنبي يا ڪپل وستو ضرور ڏسڻ گهرون ٿا. پر ورڪشاپ وارا ٻئي ڪم ڪري نه سگهيا. لمبني پري آهي ۽ رستو خراب آهي. ساگر ماٿا ڏسڻ جي مند نه هئي جو ته مانسون جا جهڙ هماليه جابلو سلسلي ۾ ڇانيل هئا.

نيپال ۾ اوچيون چوٽيون ڪجهه هن ريت آهن. انتهائي اتر اوڀر ۾ ڪنچن چنگا (٨٥٩٨ ميٽر)، ايورسٽ (٨٨٤٨ ميٽر)، گوري شنڪر (٧١٤٥ ميٽر) انهن جي وچ ۾ پيون به ڪيئي چوٽيون آهن جيڪي ٨ ـ هزار ميٽرن کان مٿي آهن.

اسان جي ملڪ ۾ ڪي تو ڪانپوءِ ڪهڙي چوٽي وڏي آهي؟ شايد ئي سياحت کاتي جو ڪو لٽريچر رهنمائي ڪري! نيپال جي هر ننڍي وڏي ڪتاب گهر، بڪ اسٽال توڙي جنرل اسٽور تي نيپال جا نقشا موجود آهن جن ۾ شهرن کان وٺي هر هڪ جابلو چوٽيءَ تائين وٺي ويندڙ نقشو موجود آهي. انهن نقشن ۾ هر قسم جي معلومات آهي. مان سوچيان ٿو ته اسانجا سياحت کاتا نيپال جي مقابلي ۾ نڪي جو ڪم نٿا ڪن، جيتوڻيڪ پاڪستان نيپال جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ شاهوڪار ملڪ آهي.

سفر واپسي

نيپال کان پاڪستان واپسيءَ لاءِ پي آءِ اي جهاز کٽمنڊو کان ڍاڪا واري پاٽ ورتي. ۸۸۰۰ ميٽر بلندي تان اڏامندڙ جهاز جي ڪاپي دريءَ مان اسان ٻاهر ڏٺو. مائونٽ ايورسٽ ۽ گوري شنڪر ڪر ڪٽي وڏي بي پرواهيءَ سان ڏسي رهيا هئا. ڪڪرن کي شايد ان کان مٿي چڙهڻ جي همت نہ هئي. ان کان مٿي آسمان ٿر جي آسمان وانگر وشال ۽ نيرو هو.

برف ايورسٽ ۽ گوري شنڪر کي ڍڪي ڇڏيو هو ۽ انهن جي ڪلهن کان هيٺ ڪڪرن جا اڇا پشم ڌرتيءَ کي ڍڪيو بيٺا هئا.

مائونٽ ايورسٽ سان ملاقات نہ ٿي هئي، سو ملاقات ڪري ڇڏيائين، ٿينڪيو مائونٽ ايورسٽ!

ارادو تہ بنگال جي ڌرتي گهمڻ جو بہ هو پر ...... گهمڻ نہ سهي ماٺي اکين سان ڏسي رهيو آهيان. جهاز ڍاڪا جي هوائي اڏي تي بيٺو آهي، ڍاڪا جا مسافر جهاز مان لهي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي چڪا آهن، نوان مسافر جهاز ۾ چڙهڻ لڳا آهن. اسان کي هيٺ لهڻ جي اجازت ناهي. هن وقت ڍاڪا جو گرمي پد ۲۵ ڊگريون سينٽي گريڊ آهي. ٻاهر سخت برسات پئجي رهي آهي. چوڌاري طرف ٻوڙان ٻوڙ آهي. جهاز جي لينڊنگ کان اڳ دريءَ مان بنگلا ديش جو منظر ائين هو جيئن درياهن اٿل ڪاڏي هجي. مانسون جي پڇاڙي آهي. بنگال ۾ ٻوڏون تہ آهن ئي پر هيلوڪي بارشن تہ بنگالي ماڻهن کي هٽي ماري وڌو هوندو.

مُندون ڪيڏيون نہ سخت هونديون آهن ۽ ماڻهوءَ جو جهيڙو وري ڪيڏو نہ اتساهہ ڏيندڙ آهي. سنڌي ماڻهو اڄ ۽ دوزخ ۾ جيئي ٿو، بنگالي

بوڏن ۾ تڙڳي ٿو. نيپالي ڳاٽ کٽي ٻيهندڙ جبلن جي وٿين ۾ لکن کي لتاڙي انهن کي زير ڪري ٿو. مان حيران آهيان ته هن وقت بنگلاديش جي کيتن ۾ باقي ڇا بچيو هوندو؟

جهاز ٻيهر پرجڻ شروع ٿي چڪو آهي، فل ٽيڻ وارو آهي. سڀ چهرا بنگالي ناهن. ڪجهه چاتل سچاتل پناهگير چهرن جهڙا چهرا به آهن. ڍاڪا ۾ جهاز لهڻ کان اڳ ڪنهن ڪنهن اردو پئي ڳالهائي. هاڻي چڱا خاصا ماڻهو اردو ڳالهائي رهيا آهن. اِهي ٻهاري تا لڳن.

اڪثر ماڻهن کي بنگله ديشي پاسپورٽ هٿن ۾ آهي. ڇا هو ڪراچيءَ ڏانهن ڪمائڻ جي نيت سان وڃي رهيا آهن؟ اهو سوال مونکي هڪ ڀيرو ٻيهر نيپال ۾ هلي پوري ٿيل ڪانفرنس ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

ڪراچي ڍاڪا کان ٣ ـ ڪلاڪ هوائي پنڌ تي آهي. اسان سڄو پارٽ ٽپي پوءِ سنڌ پهچنداسون. پارٽ جيڪو ڪڏهن گڏيل وطن هو ۽ بنگلاديش جيڪو ڪڏهن گڏيل وطن هو. هاڻي اسان کي ان ڌرتيءَ تي ويزا کان سواءِ پير رکڻ جي موڪل ناهي. منهنجي دل روئي ٿي ۽ اکيون خشڪ آهن. گلو خشڪ آهي. منهنجي دل چوي ٿي ته بنگالين کان پڇان ته آخر سنڌ جي ماڻهن بنگالين کي ڪهڙو ڏنجهه ڏنو هو جو هنن مونکي به اجنبي ڊڪليئر ڪري ڇڏيو آهي! ڇا هو مونکي جواب ڏيئي سگهندا؟ ڇا مان پنهنجو پاڻ کي جواب ڏيئي سگهندس؟ ڇا تاريخ مونکي جواب ڏيئي سگهندي؟

جيڪڏهن سنڌين ڏک ڏنا هئا ته پوءِ بنگالي هاڻي سنڌ ڏانهن ڇو پيا وڃن؟ جيڪڏهن محبتون باقي نه رهيون آهن ته پوءِ باقي ڇا وڃي بچيو آهي؟

اڄوڪي اخبار ۾ بنگلا ديش ريڊيو جي حوالي سان خبر آهي: ملڪ جي اولهائين حصي ۾ بوڏن کان پوءِ هيل تائين ٥٠٠ کان وڌيڪ ماڻهو ڪالرا سبب مري چڪا آهن.

نيپال جي سياسي تاريخ

مل خاندان

نيپال ۾ مل خاندان جي راڄ جو دؤر ١٠ کان ١٨ صدي سمجهيو وڃي ٿو. هن ڪتنب جو راڄ نہ رڳو نيپال جي وادي پر پرپاسي وارن علائقن تي بہ پکڙيل هو. جيتوڻيڪ هي هندو راڄ هو پر اڪثر بادشاهن هتي برهمڻيت اوتري سختيءَ سان نہ مڙهي جيئن عام طور تي دربار جا برهمڻ نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. نيپال جي عام رعيت ذات پات جي سماجي ڍانچي هيٺ برابر دٻيل رهي آهي پر سرڪاري طرح ٻين مذهبن وارن تي اهڙي سختي نہ ڪئي وئي. بهرحال، هڪ طاقتور راجا جيا ستتي مل (٩٥ - ١٣٨٢ع) پهريون ڀيرو هڪ سخت ۽ سرڪاري قانون ڏنو، جيڪو ان دؤر جي هندو اصولن جي اثر هيٺ هو.

نيپال ۾ مل کي ملا (Malla) چون ٿا. جڏهن تہ هي اهو ئي لفظ آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ ملھ چئبو آهي. ملھ اڄڪلھ پهلوانيءَ واري راند آهي پر مها ڀارت واري زماني ۾ ملھ لڙائيءَ جو هڪ قسم هو. جنگ جي ميدان ۾ ٻنهي ڌرين جا پهلوان جيڪي جسماني طاقت ۾ سهڀر هوندا هئا، هڪٻئي کي للڪاري وڙهندا هئا. اڪثر ڪري هارايل پهلوان ميدان ۾ ئي مري پوندو هو يا سڄي ڄمار لاءِ معذور ٿي ويندو هو. هوريان هوريان جنگ جو هي طريقو جسماني طاقت جي مظاهري ۽ فن طور باقي بچيو آهي. ملھ پهلوان بنيادي طور تي ڪتري هئا. ان سبب هو فوجي نسل هئا.

جيا ستتيءَ کانپوءِ سندس جاءِ نشين يڪشا مل (٨٢-١٤٢٩ع) پنهنجي حڪومت ٽن پٽن کي ورهائي ڏني. ان طرح تي جدا حڪومتون ٿيون جن مان هر هڪ جي گادي ڪٽمنڊو، پاٽن ۽ ڀڳت پور (ڀادگائون) ٿيا. هي ٽيئي شهر نيپال واديءَ ۾ هڪٻئي جي پرسان آهن. ان ريت انهن ننڍين حڪومتن جون سرحدون واديءَ جي مختلف ٽڪرين تائين محدود رهيون. انهن حڪومتن جي وچ

مان بہ تي مکيہ رستا اتر ۽ ڏکڻ طرف لنگهيا ٿي. اتر وارو رستو تبت لاءِ ۽ ڏکڻ وارو رستو هندستان سان ڪاروبار لاءِ اهم هئا.

هنن ٽن ننڍين حڪومتن ڪانسواءِ نيپال جي اوڀر ۽ اتر وارن ڏورانهن حصن ۾ ننڍيون ننڍيون حڪومتون بہ موجود هيون. اهي حڪومتون پنهنجو وجود مکيہ حڪومتن سان هڪ خاص توازن، خانداني رشتن ۽ ساڳئي ثقافتي ورثي جي نازڪ بنياد تي رکنديون رهيون.

سورهين صديءَ تائين اهي سڀ حڪومتون عملي طرح تي هندستاني نژاد هندن جي هٿن ۾ هليون ويون. اهي هندو هندستان مان ان وقت پڳا هئا جڏهن اتر هندستان تي مسلمانن جون ڪاهون زور وٺنديون ويون هيون ۽ مسلمان فاتح هندستان تي قبضو مضبوط ڪندا ٿي ويا.

١٨ - هين صديءَ جي مهڙ ۾ گورکا (گورک) تي شاهہ ڪٽنب جو راڄ هو. هي هندو خاندان هو جنهن "شاهہ" لقب اختيار ڪيو. هن ڪٽنب نيپال جي پهاڙين تي پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪيو ۽ نيپال واديءَ لاءِ سچ پچ خطرو ٿي پيو. ان وقت تائين مل خاندان اندروني ۽ معاشي انتشار سبب ڪمزور ٿي چڪو هو. هو گورکا جي اڀرندڙ طاقت پرٿوي نارائڻ شاهہ جو مقابلو ڪري نہ ٿي سگهيا. جنهن ١٧٦٩ع ۾ وادي فتح ڪري ورتي ۽ پنهنجي گادي ڦيرائي ڪٺمنڊو ڪئي.

شاهہ خاندان

نيپالي مؤرخ پنهنجو نئون دؤر شاهہ راڄ کان شمار ڪندا آهن جيڪو ١٧٦٩ع کان شروع ٿيو. اهو ان ڪري تہ هن دؤر ۾ نيپال جون ٽڙ پکڙ حڪومتون هڪ مرڪز هيٺ جمع ٿيون هيون ۽ نيپال جون هاڻوڪيون سرحدون قائم ٿيون. شاهہ ڪٽنب اڃا بہ اتر طرف پيش قدمي ڪرڻ چاهي پر چين جي فوجن کين تبت فتح ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. اهو ١٧٩٢ع جو واقعو آهي. ان کانپوءِ شاهہ جي فوجن ڏکڻ طرف وڌڻ جي ڪوشش ڪئي پر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کين ١٨١٥ع ۾ شڪست ڏني. نتيجي ۾ هڪ ٺاهہ هيٺ شاهہ کي نيپال جي الهندي پاسي، ترائي ۽ سڪم تان هٿ ڌوئڻا پيا

جيڪي نيپالي فوجين اڳ فتح ڪيا هئا.

رانا خاندان

١٩- هين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ نيپالي راڄ وري خطري ۾ پئجي ويو. ١٨٤٠ ع ڌاري ملڪ ۾ رانا ڪٽنب طاقتور ٿي اڀريو. جنگ بهادر رانا جيڪو نيپالي فوج جو مقبول اڳواڻ هو، وزير اعظم ٿي ويو. سندس حڪومتي دؤر ۾ نيپال ڪاميابيءَ سان تبت فتح ڪيو، جنهن ١٨٥٤ع ۾ نيپال کي هر سال ڏن ڀري ڏيڻ جو ناهه ڪيو. ٥٨-١٨٥٧ع ۾ جنگ بهادر پاڻ هڪ نيپالي فوجي دستي جي اڳواڻي ڪري انگريزن جي مدد ڪئي. انهن ڏينهن ۾ انگريز هندستان ۾ سيپاءِ بغاوت کي مُنهن ڏيئي رهيا هئا. ان ساٿ جي انعام ۾ انگريزن ترائيءَ سميت ٻيا علائقا نيپال کي موٽائي ڏنا جيڪي ١٨١٥ع ۾ هتان هليا ويا هئا. جنگ بهادر انتظاميه جي دؤر ۾ نيپال جي بادشاهه وزيراعظم کي حڪومت جا مڪمل اختيار ۽ مهاراجا جو لقب ڏيئي ڇڏيو هو. جنگ بهادر وزارت عظميٰ کي به خانداني ورثي ۾ بدلائي ڇڏيو. ان ريت رانا ڪٽنب هڪ سؤ سالن تائين وزارت عظميٰ هٿيڪي رکي، تان جو شاهه ڪٽنب جا بادشاهه فقط نالي ماتر رهيا. رانا خاندان ڄاڻي ٻجهي نيپال کي اڪيلو ۽ پاسيرو رکيو، ايئن ڪرڻ سان نيپال ڪالونيل دؤر ۾ به آزاد رهيو پر ان ريت هو جديد معاشي ترقيءَ ۾ پوئتي رهجي ويو.

٢٠ - هين صدي

جيئن ته نيپال تي هميشه ڏکڻ کان وڌو ثقافتي، سياسي ۽ معاشي دٻاءُ رهيو آهي، تنهن ڪري ١٩٤٠ع ڌاري جڏهن هندستان ۾ عوامي اُڀار ۽ جمهوريت جو مطالبو وڌيو ته ان جا اثر نيپال ۾ به محسوس ڪيا ويا. اهو ئي دؤر هو جڏهن رانا راڄ جي خلاف مخالفت نسرڻ لڳي. ١٩٥٠ع ۾ محلاتي انقلاب آيو جنهن ۾ رانا ڪٽنب اقتدار مان نڪري ويو ۽ شاهه مهندرا کي مڪمل اختيار ملي ويا. هُن ١٩٥٩ع ۾ هڪ جمهوري آئين جاري ڪيو ۽ پارليامينٽري چونڊون ڪرايون. انهن چونڊن ۾ نيپالي ڪانگريس اڪثريت سان کٽي آئي، ٻيون سيٽون سوشلسٽن کٽيون.

١٩٦٠ع ۾ مهيندرا اهو چئي هنگامي حالت جو اعلان ڪيو ته نيپال جمهوريت لاءِ تيار نه آهي. هن پارليامينٽري سرشتي جي جاءِ تي غير جماعتي

پنچائت سستم لاڳو ڪري ڇڏيو. هي سستم ڳوناٽي ۽ علائقائي پنچائتي نظام کي نظر ۾ رکي جوڙيو ويو هو. جڏهن عوام جمهوري سرشتي جو ذائقو چکي چڪو هجي، تڏهن هو اڳي کان وڌيڪ شدت سان جمهوريت لاءِ وڙهندو آهي، جڏهن نيپالي ڪانگريس واپسيءَ لاءِ مزاحمتي ويڙهه ڪئي تڏهن ملڪ ۾ وڏي پئماني تي گرفتاريون ٿيون. ڪافي ڪانگريسي جيل پيا ۽ گهڻيئي هندستان ڀڄي ويا. ۱۹٦۸ع ۾ شاهي معافيءَ هيٺ اڪثر سياسي قيدي آزاد ڪيا ويا پر سياسي پارٽين تي بندش برقرار رکي وئي.

۱۹٦۰ع واري ڏهاڪي ۾ بادشاهه زرعي سڌارن جو اعلان به ڪيو جنهن تحت وڏيون زميندارين ڪاغذن ۾ ختم ٿيون ۽ زمينون ظاهري طور تي بي زمين هارين کي مليون. هڪ ٻيو قانون ذات جي متڀيد جي خلاف پاس ڪيو ويو پر عملي طور تي نيپالي ماڻهو ٻنهي سڌارن مان مطمئن نه آهن. ذات پات جو نظام سماج ۾ حقيقي طور تي اڄ به قائم آهي جڏهن ته زرعي سڌارن تي به نيڪ طرح سان عمل نه ٿيو. زمين جي ڪاتن ۾ برابر تبديلي آئي پر اهڙي طرح جون زمينون وڏن زميندارن جي مٽن مائٽن ۾ ورهائجي ويون، بلڪل اهڙي طرح جيئن پاڪستان ۾ ايوب خان ۽ ڀٽي صاحب وارن زرعي سڌارن جو حشر ٿيو.

شاهه مهندرا ۱۹۷۲ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ۽ سندس پٽ ٻريندرا ۱۹۷۵ع ۾ تخت تي ويٺو. شاهه ٻريندرا کي اڇڻ شرط ئي شاگردن جي بي چيني ۽ فساد کي مُنهن ڏيڻو پيو. شاهه ٻريندرا حڪومت سنڀالڻ ڪانپوءِ معاشي نظام بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر سياسي پارٽين تي پابندي برقرار رکيءَ غير پارٽي بنيادن تي ڪم هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن ٻنهي ڪمن ۾ ڪيس ناڪامي ٿي ۽ ۱۹۷۹ع تائين بحراني صورتحال سامهون اچي وئي.

۱۹٦۰ع کانپوءِ بادشاهت کي درپيش پهرين زبردست سياسي خطر کي مُنهن ڏيڻ لاءِ شاهه ٻريندرا مئي ۱۹۷۹ع ۾ هڪ قومي ريفرينڊم جو اعلان ڪيو ته جيئن فيصلو ٿئي ته ملڪ ۾ پارٽي سستم هجي يا غير پارٽي سيا سرشتو؟ مئي ۱۹۸۰ع ۾ ٿيل ريفرينڊم ۾ سياسي ڌرين ۵۵ – سيڪڙو وو ڪٺي ڪاميابي حاصل ڪئي پر اهو واضح ٿي ويو ته بنيادي سياسي سوال نيپالي ماڻهن جي وچ ۾ ڪيڏو وڏو اختلاف موجود آهي.

۱۹۸۰ع ۾ ئي شاهه ٻريندرا ۱۹٦۲ع وارو آئين برقرار رکڻ جو ..

ڪيو پر ان ۾ ترميم ڪئي تہ قومي اسيمبليءَ لاءِ سڌيون چونڊون ٿينديون. حڪومت نيپالي ڪانگريس پارٽيءَ سميت بندش پيل ٻين پارٽين کي بہ نالي ماتر سرگرمين جي اجازت ڏني. هاڻي بہ چونڊون غير پارٽي بنيادن تي ٿيون هيون پر ميمبر غير رسمي يا کليل طور سياسي پارٽين جا هئا.

پارليامينٽري جمهوريت ڏانهن هن قسم جي اڌوري پيشقدميءَ نہ تہ گهڻ پارٽي آئيني بادشاهت جي حامين کي مطمئن ڪيو ۽ نہ ئي ڪاٻي ڌرکي. فيبروري ١٩٩٠ع ۾ اعتدال پسندن ۽ مخالف ڪاٻي ڌر جي هڪ اتحاد بنيادي سياسي سڌارن لاءِ هڪ مهم شروع ڪئي. سڄي ملڪ ۾ هڙتالن ۽ احتجاجن جي هڪ لهر اُٿي. هن احتجاج کي طاقت ذريعي دٻائڻ لاءِ راڄ شاهيءَ جون سموريون ڪوششون بيڪار ٿي ويون. اپريل مهيني ۾ ڪٽمنڊو واديءَ جي صورتحال تمام گنڀير ٿي وئي تہ شاهہ بريندرا سياسي پارٽين تان پابندي ڪٽي ڇڏي ۽ وڏيڪ سيڪيورٽي آرڊيننس رد ڪري ڇڏيا ۽ ١٦- اپريل تي گڏيل قائم مقام حڪومت نيپالي ڪانگريس جي صدر ڪي ايس ڀٽراءِ جي اڳواڻيءَ ۾ ناهي. ان حڪومت ۾ ڪميونسٽ ڌڙي جي نرم حصي يونائيٽيڊ ليفٽسٽ فرنٽ کي بہ شامل ڪيو ويو.

هن گڏيل حڪومت جا بنيادي ڪم امن امان قائم ڪرڻ، آئيني بادشاهت جي بنياد تي گهڻ پارٽي سرشتو ناهڻ، نئين آئين جو مسودو تيار ڪرڻ ۽ پارليامينٽ لاءِ نيون چونڊون ڪرائڻ هئا. فقط هڪ سال جي مدي اندر اهي سڀ ڪم مڪمل ٿي ويا. اها سياستدانن جي وڏي ڪاميابي هئي ڇو تہ قائم مقام حڪومت ۾ هڙني خيالن وارا سياستدان شامل هئا. نئين آئين جو مسودو سيپٽمبر ١٩٩٠ع تي بادشاهہ ۽ وزارت جي آڏو پيش ڪيو ويو. ان مسودي تي زبردست مباحثو ٿيو، خاص ڪري آئين ۾ بادشاهہ جي ڪردار، نيپال کي سيڪيولر رياست ناهڻ، هنگامي اختيارن ۽ نيپال جي گهڻين ٻولين جي حيثيت تي. بادشاهہ بريندرا آئيني بادشاهت ۽ گهڻ پارٽي پارليامينٽري سياسي سرشتي لاءِ هڪ ترميمي مسودو ڏنو.

١٢ - مئي ١٩٩١ع تي ٿيل عام چونڊن ۾ نيپالي ڪانگريس پارٽيءَ پارليامينٽ ۾ اڪثريت حاصل ڪئي ۽ ٢٠٥ سيٽن مان ١١٠ سيٽون حاصل ڪيون. يونائيٽيڊ مارڪسسٽ لينسٽ پارٽي ٦٩ سيٽون حاصل ڪري وڏي قوت طور اُڀري. ٻن "پنچا" پارٽين جيڪي پراڻي سرشتي جون حامي هيون، فقط چار

سيٽون حاصل ڪيون. ان ريت بادشاهه بريندرا نيپالي ڪانگريس جي اڳوان جي پي ڪوئيرالہ کي حڪومت ناهڻ لاءِ چيو ۽ هن حڪومت ناهي.

ڪميونسٽ ۽ ڪانگريس

١٩٩۴ع ۾ نيپال جي تاريخ ۾ سياسي هلچل جو اُڀار پنهنجي عروج تي پهچي ويو ۽ ڪانگريس پارٽيءَ جي حڪومت ڊگهي عرصي کان قائم گرفت وڃائي ويني. نيپال جي اها سياست جيڪا ڪڏهن بادشاه ۽ وزير اعظم جي وچ ۾ هلندي هئي، جمهوريت جي بحاليءَ کانپوءِ ختم ٿي وئي هئي پر ان سان گڏوگڏ ڪانگريس ۽ ڪميونسٽ هڪٻئي خلاف مخالف نيون قوتون بڻجي اُڀريون. ملڪ جي نئين سياسي سرشتي جي قيام ۾ هنن ٻن ڌرين جو بہ وڏو حصو آهي. جمهوريت جي بحاليءَ کانپوءِ هي پهريون ڀيرو ٿيو جو ڪميونسٽ ڪانگريس تي سياسي برتري حاصل ڪري ويا.

عام چونڊن ۾ ڌانڌلين جي رپورٽن جي باوجود ملڪي قومي اسيمبليءَ جي ٢٠٥ سيٽن مان ٨٨ سيٽون مارڪسسٽ لينسٽ ڪميونسٽ اتحاد (يو ايم ايل) کي مليون. ڪانگريس ٻئي نمبر تي هئي ۽ ان ٨٢ سيٽون حاصل ڪيون.

نيپال ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ڇهہ ڪميونسٽ ڌڙا ڊگهي عرصي کان ڪم ڪري رهيا آهن ۽ انهن مان اڪثر پارٽين اڳوڻين عام چونڊن ۾ بہ قومي اسيمبليءَ ۾ سيٽون حاصل ڪيون هيون. گذريل قومي اسيمبليءَ ۾ بہ ڪميونسٽ پارٽين جي گڏيل اتحاد توڙي ٻين ڪميونسٽن جي گڏيل قوت ڪانگريس کانپوءِ ٻئي نمبر تي هئي. سڀ ڪميونسٽ جيئن تہ روس، چين يا ڪن ٻين رياستن ۽ ڪميونسٽ لهجن مان متاثر هئا تنهنڪري هنن جا پاڻ ۾ اختلاف بہ شديد هئا. سوشلسٽ ڪئمپ جي ٽٽڻ سبب ڪميونسٽ ڌڙن جي وچ ۾ قائم اختلافي ڇڪتاڻ ڪجهہ گهٽ ٿي.

نيپال جيتوڻيڪ پهاڙي زرعي معيشت جو ملڪ آهي ۽ اُتان جو مذهبي ريتن رسمن جو چار مقامي ماڻهن جي ذهنن تي حاوي آهي، ڪميونسٽ نظرين جي ڪاميابي غير معمولي واقعو هو. ايئن ٿو لڳي تہ ڪميونسٽن پنهنجي حڪمت عمليءَ ۾ مذهبي معاملن ۾ پوڻ کان پاسو ڪري فقط آجر ۽ مزدور، هاري ۽ زميندار ۽ عام ماڻهو ۽ پوڄارين جي رشتي کي آڏو رکي اهي تضاد تکا ڪيا. هوڙانهن اها بہ دلچسپ حقيقت آهي تہ ڪٽمنڊو جا اڪثر وڏا سينيون،

ڪارخانن ۽ گهڻ منزلہ عمارتن جا مالڪ ڪميونسٽ آهن.

۱۹۹۴ع وارين چونڊن ۾ ڪميونسٽن جي ڪاميابيءَ جا ٻہ وڏا ڪارڻ هئا. پهريون اهو تہ ڪميونسٽن ڏورانهن علائقن، جهنگن ۽ جبلن ۾ وڃي ڪم ڪيو ۽ مقبول ٿيا، ٻيو اهو تہ ڪانگريس پارٽيءَ جي وزيراعظم گرجا پرساد ڪوئيرالا هڪ ڪان وڌيڪ وڏيون سياسي غلطيون ڪيون. ڪانگريس حڪومت اهي واعدا بہ پورا ڪري نہ سگهي جيڪي اڳوڻين چونڊن جي وقت ۾ ڪيا ويا هئا، خاص ڪري نيپال ۾ زمينن جي ٻيهر ورهاڱي جو مسئلو تہ بنهہ حل نہ ٿيو. ڪميونسٽ پارٽين جو وڏي ۾ وڏو سياسي هٿيار اهو ئي هو تہ نوان زرعي سڌارا آندا وڃن ۽ ڪاتا نئيا ڪري ٻيهر ورهايا وڃن. اصل ۾ نيپال وٽ زرعي زمينون تمام گهٽ آهن ۽ آبادي گهٽي وڌي آهي تنهنڪري روزگار جو وڏو مسئلو پيدا ٿيو. روزگار جو اڄڪلهہ سڀ کان وڏو ذريعو پرڏيهي سياحن جي آمد سبب پيدا ٿيو آهي. هن وقت بہ جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري سياحت بند ٿي وڃي تہ جيڪر نيپال قرضن ۾ ڪارو ٿي ڦلاش ٿي رجي.

نيپالي بادشاهہ وٽ ڪميونسٽن جي ڪاميابي هرورو ڪو دڙڪو نہ هئي ڇو تہ بادشاهت کي اڳ ئي آئيني حيثيت حاصل هئي. هونئن بہ نيپالي ڪانگريس پارٽيءَ جي وڏي ماءُ هندستاني ڪانگريس پارٽي آهي، جنهن جو نظريو ۽ عمل ساڄي ڌر وارو نہ آهي.

بهرحال، نيپال ۾ ڪميونسٽ اتحاد جي اڳواڻ من موهن اڌيڪاري جيڪو ان وقت ۷۴ ورهن جو هو ۲۹ نومبر ۱۹۹۴ ٿي وزيراعظم جو عهدو سنڀاليو. ان ڪميونسٽ حڪومت کي ڪانگريس تمام سوڙهو ڪيو ۽ ڪميونسٽ حڪومت ڪجهہ ئي مهينن ۾ ختم ٿي وئي ۽ ڪانگريس ٻيهر اقتدار ۾ اچي وئي.

اقتصادي جائزو

(1970 - کان 1994)

1978ع ڌاري نيپال جي GDP 1.6 ارب ڊالر هئي ۽ في کس آمدني 120 ڊالر هئي. زراعت ملڪي معيشت ۾ ڪرنگهي جي حيثيت رکي ٿي.

جهنگلي پئداوار GDP جي ٻن حصن تي ٻڌل هئي. زرعي پئداوار ۾ چانور، داليون، ڪٽڪ ۽ سڻي اهم جنسون هيون. هاڻ سڻي جي متبادل طور ڪپهه وغيره ٿئي ٿي. هوڏانهن اقتصادي ماهرن جو چوڻ آهي ته نيپال ۾ اقتصادي ترقيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ جديد مشينري جي اثاث ۽ هنرمند پورهيتن جي کوٽ آهي. جڏهن ته نيپال جي آبادي جو خاصو حصو جابلو علائقن ۾ آباد آهي، جن جي گذر سفر جو وڏو وسيلو جانورن جو گوشت آهي.

نيپال جي موجوده اقتصادي صورتحال ڪجهه هن ريت بيني آهي: ٿلهي ليکي 1978ع ڌاري GNP ۾ في ڪس آمدني 1.6 ارب ڊالر هئي، جڏهن ته موجوده وقت ۾ في ڪس آمدني 180 ڊالر آهي، جيڪا بنگلاديش جي في ڪس آمدني 220 ڊالر، هندستان جي 310 ڊالر في ڪس آمدني ۽ پاڪستان جي 440 ڊالر في ڪس آمدني کان گهٽ آهي. واضح ٿيو ته نيپال جي GNP ۾ في ڪس آمدني علائقي جي اڪثريتي ملڪن کان گهٽ آهي.

نيپال جي GDP ۾ بچتن جي شرح 10 سيڪڙو آهي، جيڪا بنگلاديش جي بچتن جي 7 سيڪڙي کان وڌيڪ آهي پر هندستان جي 24 سيڪڙو بچتن جي شرح کان ۽ پاڪستان جي 14 سيڪڙي بچتن جي شرح کان گهٽ آهي. نيپال جي سون ۽ چاندي جي ذخيرن جي شرح 0.6 ارب ڊالر آهي، جيڪا بنگلاديش جي سون ۽ چاندي جي 2.6 ارب ڊالرن جي ذخيرن، هندستان جي سون ۽ چاندي جي 17.8 ارب ڊالرن جي ذخيرن ۽ پاڪستان جي 2.1 ارب ڊالرن جي ذخيرن کان گهٽ آهي.

نيپال جي ادائيگين جو توازن 0.2 ارب ڊالر آهي، ان جي ڀيٽ ۾ بنگلاديش جي ادائيگين جو توازن 0.2 ارب ڊالرن جي برابر ۽ هندستان جي 2.7 ارب ڊالرن ۽ پاڪستان جي 2.5 ارب ڊالرن جي ادائيگين جي توازن کان صورتحال خراب آهي.

نيپال جي 12 مهينن ۾ ايڪسپورٽ 0.4 ارب ڊالر آهي. جيڪا بنگلاديش جي ايڪسپورٽ 2.5 ارب ڊالرن، هندستان جي 23.5 ارب ڊالرن ۽ پاڪستان جي 7.9 ارب ڊالرن جي ايڪسپورٽ کان گهٽ آهي. حساس قيمتن جي انڊيڪس جي لحاظ کان نيپال جي ناڻي واڌ جي شرح 8.2 سيڪڙو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ بنگلاديش جي 1.1 سيڪڙي ناڻي واڌ گهٽ آهي. جڏهن ته هندستان جي

ناٽي واڌ 9.9 سيڪڙو ۽ پاڪستان ۾ ناٽي واڌ جي شرح 11.1 سيڪڙو رهي آهي. جيڪا بنگلاديش کي ڇڏي، ٻنهي ملڪن کان گهٽ آهي.

نيپال ۾ GDP ۾ اقتصادي ترقي جي شرح 2.9 سيڪڙو آهي، جيڪا بنگلاديش جي 4.5 سيڪڙي، هندستان جي 4.2 سيڪڙي ۽ پاڪستان جي اقتصادي ترقي جي 3 سيڪڙي کان ڪنهن به صورت ۾ وڌيڪ ناهي. انهيءَ مان اهو به واضح ٿئي ٿو ته نيپال جي معيشت علائقي جي مڙني ملڪن جي معيشتن کان وڌيڪ خراب پوزيشن ۾ آهي.

نيپال تي پرڏيهي قرض 1.9 ارب ڊالر آهن. جڏهن ته بنگلاديش تي پرڏيهي قرض 14.8 ارب ڊالر آهن، هندستان تي 77 ارب ڊالرن جا پرڏيهي قرض آهن ۽ پاڪستان تي 18 ارب ڊالرن جو قرض آهي، پاڪستان تي ڏيهي ۽ پرڏيهي بئنڪن ۽ مالي ادارن جا قرض ان کان علاوه آهن. جائزي مان واضح ٿيو ته نيپال پرڏيهي قرضن جي غلامي کان بچيل آهي.

نيپال ۾ 500 ماڻهن تي هڪ ٽي وي سيٽ آهي، 16830 ماڻهن لاءِ هڪ ڊاڪٽر آهي، ماڻهن جي سراسري ڄمار 54 سالن تائين آهي، تعليم جي شرح 27 سيڪڙو آهي، هڪ هزار ٻارن تي 88 ٻار مري وڃن ٿا. آباديءَ ۾ واڌ جي شرح 2.3 سيڪڙو آهي، آبادي 2 ڪروڙ 8 لک آهي ۽ 13 سيڪڙو شهري آبادي آهي! جيڪا مڙني سارڪ ملڪن کان گهٽ آهي. جاٿابل جائزي مان واضح ٿئي ٿو ته نيپال ڏکڻ اوڀر ايشيا جي غريب ترين ملڪن ۾ ڳڻجي ٿو. عالمي طور تي نيپال جي جاگرافيائي اهميت ڪانسواءِ عالمي منڊي ۾ ڪا به وڏي حيثيت ناهي. اهڙي بدترين اقتصادي صورتحال کي سامهون رکندي اقتصادي مبصر اهو چوڻ تي مجبور آهن ته نيپال جي اقتصادي سڌاري جي صرف هڪ ئي صورت آهي ته پرڏيهي ناڻو نيپال جي قدرتي ذريعن کي استعمال ڪرڻ لاءِ اچي ۽ خاص ڪري نيپالي ندين تي بجلي گهر قائم ڪري جنهن جي نيپال کي دنيا ۾ وڌ ۾ وڌ قدرتي صلاحيت حاصل آهي.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

1-	بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم ٿيل)
2-	جيل ۾ 22 مهينا (ڀاڱو 1)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
3-	اڌ ملاقات (خطَ)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
4-	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
5-	جيل ۾ 22 مهينا (ڀاڱو 2)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
6-	زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
7-	4- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	-	30/-
8-	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	-	(ختم ٿيل)
9-	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
10-	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
11-	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو 1)	-	(ختم ٿيل)
12-	ٽڪا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	40/-
13-	وايون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
14-	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو 2)	-	(ختم ٿيل)
15-	بندر بازارين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
16-	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	(ختم ٿيل)
17-	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
18-	ٽي دنيا جون ڪهاڻيون	مترجم: ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
19-	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	-	(ختم ٿيل)
20-	دل اندر درياءَ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
21-	دل جو بندر (ناول)	اٿورل آئيويس/ نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
22-	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	(ختم ٿيل)
23-	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
24-	ڪنهن سان سور سليان (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
25-	فڪر جي آزادي	مترجم: ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
26-	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
27-	غلامن جو پيڙو (ناول)	دوست محمد پيٽي	(ختم ٿيل)
28-	سي ٿي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
29-	عاشي (ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	75/-
30-	سي پيڙين رڪيءَ پاڇهه سيءَ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
31-	سڌارٿ (ناول)	هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
32-	جهان رس (ڪهاڻيون)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
33-	روح جي ڳولا (ناول)	مترجم: فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
34-	درد جا آئينا، درد جون راتيون	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
35-	سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
36-	سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	30/-
37-	آسيه (ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
38-	قلندر (ڪهاڻيون)	قرة العين حيدر/ مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
39-	الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
40-	سرا جا سک	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
41-	بهترين سفرناما	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
42-	للڪار (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
43-	ٽڪل سريت (ڪهاڻيون)	البرٽو موراويا/ ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
44-	لنڊن ٽائيءَ لڏت (ڪهاڻيون)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
45-	تصوير جو خون	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
46-	حليم شو	حليم بروهي	(ختم ٿيل)

47-	پارن جون آکاڻيون	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
48-	سپون	خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
49-	سفر يورپ جي ڊائري (سفر نامو)	قاضي عبدالمجيدعابد	(ختم ٿيل)
50-	آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	35/-
51-	چانڊوڪيءَ جون تارون (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
52-	مس سدا بهار چنبيلي (ناول)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
53-	پيار ڪهاڻي (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
54-	نيگرو، عشق ۽ بغاوت (ناول)	ڪرسٽو فرنڪول/ نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
55-	شرم پوٽي (ناول)	گوبند مالهي	(ختم ٿيل)
56-	اکيون اڃيون هياس (جلد 1)	فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
57-	پرهه کان پهرين (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
58-	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
59-	رڃ ۽ پاڇا (ناول)	موهن ڪلپنا	(ختم ٿيل)
60-	مون توکي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيرانندائي	(ختم ٿيل)
61-	آيل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
62-	شاهه لطيف جي شاعري (جلد 2)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
63-	آپٽي گهوٽ ته نشا ٽيوني (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڊيجا	(ختم ٿيل)
64-	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
65-	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	(ختم ٿيل)
66-	ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	40/-
67-	دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
68-	پيغامبر	خليل جبران/ ستار	(ختم ٿيل)
69-	همه اوست (ناول)	آغا سليم	40/-
70-	اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٿيل)
71-	آئيني جي اکيان	17 ساهتڪار	(ختم ٿيل)
72-	چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
73-	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
74-	اڻون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	25/-
75-	ٻه ننڍا ناول	آغا سليم	(ختم ٿيل)
76-	اکيون اڃيون هياس (جلد 2)	فضل احمد بچاڻي	40/-
77-	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	50/-
78-	وات ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
79-	مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
80-	ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
81-	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	60/-
82-	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
83-	چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
84-	ڀڳت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
85-	ست يوگوسلاوياڻي آکاڻيون	جڳت آڏواڻي	10/-
86-	ست ڪشميري آکاڻيون	اختر محيعدين/ ايشور چندر	12/-
87-	پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
88-	ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
89-	ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	100/-
90-	سڌن مٿي سڌڙا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
91-	گانڌي	لوئي فشر/ نجم عباسي	(ختم ٿيل)
92-	پڳل ڪنيڙاتيون	خليل جبران/ عبدالله الفائز	35/-
93-	ماستر هريام جو ٻنڪاڪ وڃڻ...	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)

-94	ڪي جو بيجل بوليو (شاعري)	شيخ اياز	60/-
-95	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
-96	خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 1)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-97	دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-98	ڏيئا تيل ٿليل جا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
-99	راج- گهاٽ تي چنڊ (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-100	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
-101	تلاش (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
-102	لڙيو سج لڪن پر (شاعري)	شيخ اياز	40/-
-103	ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آڪاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-104	مرڻ مون سين آهه (ناول)	سراج	60/-
-105	پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	100/-
-106	رات وچ پر (ناول)	بريٽ هيليڊي/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-107	ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-108	اک سور (ناول)	رابندرناٿ ٽئگور	100/-
-109	جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-110	رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	55/-
-111	ماسترياڻي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	(ختم ٿيل)
-112	اڪن نيرا ٽليا (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-113	منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
-114	رڻ ۽ رڃ جو اتهاس (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاهه	50/-
-115	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	(ختم ٿيل)
-116	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	55/-
-117	جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاهه	70/-
-118	جڏهن مان نہ هوندس (ڪهاڻيون)	امر جليل	70/-
-119	پونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ اياز	80/-
-120	راهون چنڊ ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	60/-
-121	يادين جي اندلٺ	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-122	جهڙُ نيشان نہ لهي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-123	وقت وليون وچوٽيون (ناول)	ڪلا پرڪاش	(ختم ٿيل)
-124	شاهه لطيف جي شاعري (جلد 1، 2 ۽ 3)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
-125	تنهنجي دنيا، سپ رنگ سانول (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
-126	وڄون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	80/-
-127	وندسر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	20/-
-128	ڳالهيون آهن ڳجهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-129	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	30/-
-130	پنهل کان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
-131	منهن تنهن مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	30/-
-132	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	100/-
-133	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو	(ختم ٿيل)
-134	الهه ڪتا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	30/-
-135	اُڀر چنڊ پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	80/-
-136	منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
-137	اي جرني ٽو ٿائيلينڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
-138	پٽڻ ٿو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	50/-
-139	مٺي مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	33/-
-140	منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
-141	دنيا پنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	(ختم ٿيل)

142-	سوزيءَ سان پيار	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
143-	هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	80/-
144-	خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو 2)	شيخ اياز	60/-
145-	ڪوٽ لکپت جو قيدي (ڀاڱو 1)	رسول بخش پليجو	(ختم ٿيل)
146-	لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	100/-
147-	سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	80/-
148-	ڪڪرا ڪتل صليب جا ۽ واتون ڦلن ڇانئيون	شيخ اياز	60/-
149-	ڪربلا (ڪهاڻيون)	نورالهديٰ شاهه	65/-
150-	تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
151-	رهجي ويل منظر (ناول)	طارق عالم ابڙو	(ختم ٿيل)
152-	پسي ڪاڙها گل (ڪهاڻيون)	رسول بخش پليجو	45/-
153-	دل جي دنيا (ڪهاڻيون)	امر جليل	45/-
154-	الوداعي گيت (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
155-	خبرون ڪيڙانئن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
156-	پاپ ۽ پيڙا (ناول)	دوستو وسڪي/ رشيد ڀٽي	50/-
157-	ڪتين ڪر موڙيا جلاهن- 1 (شاعري)	شيخ اياز	90/-
158-	ورهاڱي جو ورجاءُ	ماهتاب محبوب	45/-
159-	مٺ مٺ موتيءَ جي	محمد ابراهيم جويو	85/-
160-	قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ	نورالهديٰ شاهه	75/-
161-	اوهريا جي عميق ڏي (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
162-	وهڻ مون نه وڙاءَ	رسول بخش پليجو	55/-
163-	سنڌي ادب جو مختصر جائزو	اڪبر لغاري	70/-
164-	ڪتين ڪر موڙيا جلاهن- 2	شيخ اياز	100/-
165-	تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون (ڪهاڻيون)	زرينہ بلوچ	55/-
166-	ننڊ وليون (شاعري)	شيخ اياز	55/-
167-	ارائونڊ دي ورلڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	45/-
168-	تاريخ جو سفر	ڊاڪٽر مبارڪ علي/ ابوبڪر شيخ	45/-
169-	سانگهڙ (ناول)	محمد عثمان ڏيپلائي	120/-
170-	سر لوهيڙا ڳيا (شاعري)	شيخ اياز	100/-
171-	ڪوٽ لکپت جو قيدي (ڀاڱو 2)	رسول بخش پليجو	65/-
172-	چا جو ديس چا جو..... بندر ديسان ديس	الطاف شيخ	60/-
173-	قومي غدار ۽ حساب ڪتاب	لياقت عزيز	50/-
174-	منهنجو وطن منهنجا ماڻهو	لوڪرام ڏوڏيجا	100/-
175-	سورج مکيءَ سانجهه (شاعري)	شيخ اياز	90/-
176-	اوچا ڳاٽ پهاڙن جا	نجم عباسي	50/-
177-	عورت ۽ پيار نئون شهر (ٻه ڪتاب گڏ)	غلام نبي مغل	45/-
178-	ٽيون وجود (ڪهاڻيون)	امر جليل	50/-
179-	پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول)	سراج	150/-
180-	جر- ڏيئا جهمڪن	شيخ اياز	80/-
181-	منهنجي سڀ کان پياري ڌيءَ	ذوالفقار علي ڀٽو	50/-
182-	ڪيڻي ڪتاب (آتر ڪهاڻي- جلد 1)	رئيس ڪريم بخش نظاماڻي	150/-
183-	هڻ اکي ڪيڏانهن	شيخ اياز	70/=
184-	آواره (ناول)	موهن ڪلپنا	50/=
185-	اوڙاهه (ناول)	غلام نبي مغل	150/=
186-	اڄن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا (سفرنامو)	الطاف شيخ	75/=
187-	ملير کن مالمو (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
188-	مونجهارن ۾ ڦاٿل هڪ شخص	ڊاڪٽر صالح	55/-
189-	قيدي (ناول)	فخر زمان	60/-

190-	جت برف پئي ٿي جام (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
191-	ڪٿي ته پهچبو لڏو مسافر (آتم ڪهاڻي)	شيخ اياز	80/-
192-	ڪراچي کان ڪوهه هيڪڙ (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
193-	سهسين ٿيا سارنگ (سفرنامو)	عنايت بلوچ	100/-
194-	چنڊ ڳليون (شاعري)	شيخ اياز	90/-
195-	اندر جنهن اڃ (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	70/-
196-	اٿاتل شهر جو نقشو (ڪهاڻيون)	شبنم گل	70/-
197-	ميهڙ کان ماسڪو (سفرنامو)	ڊاڪٽر محبوب علي شيخ	100/-
198-	رُلي آهي گهوٽ سان (چوڻيون ۽ پهاڪا)	الطاف شيخ	90/-
199-	ڪيئي ڪتاب (جلد پهريون) آتم ڪهاڻي	رئيس ڪريم بخش نظاماڻي	200/-
200-	خواب خوشبو ڇوڪري (ناول)	ماهتاب محبوب	100/-
201-	ڪهاٽ مٿان ڪهنڪهور ڪهنا بر	شيخ اياز	70/-
202-	پيڪرانن جي پوٺه (سفرنامو)	بدر ابڙو	90/-

گهرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد

نيو فيلڊس جو ميمبر ٿيڻ لاءِ

ڪوبه شرط وغيره نه آهي صرف 20 رپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلي ميمبر ٿي سگهو ٿا. ميمبر ٿيڻ کان پوءِ نيو فيلڊس جو هر مهيني شايع ٿيندڙ ڪتاب اوهان کي V.P پوسٽ ذريعي موڪليو ويندو، جنهن جو اڳواٽ اطلاع پڻ ڏنو ويندو. V.P پهچڻ تي ڪتاب جي پئڪيٽ تي لکيل رقم پوسٽ مين کي ڏئي ڪتاب وصول ڪندا. V.P وصول نه ڪرڻ جي صورت ۾ ميمبرشپ ختم ٿي ويندي. ڪابه معلومات يا ڪتابن جي لسٽ گهرائڻ لاءِ ٽن رپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلڻ ضروري آهن. ٻن يا ٻن کان مٿي ڪتابن جي آرڊر جي تڪميل ڪئي ويندي. هڪ ڪتاب ان صورت ۾ موڪليو ويندو، جيڪڏهن سندس قيمت 80 رپيا يا ان کان مٿي هوندي.